# نانڪ يوسف جو ڪلام

مرتب

## تنوير عباسي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# نانک يوسف جو ڪلام

مرتب

**تنوير عباسي**

ضميما

**ڊاڪٽر مخمور بخاري**

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

2014ع

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون 1983ع تعداد 1000
چاپو ٻيو جولاءِ 2014ع تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

هيءُ ڪتاب سچل سرمستؒ جي 193 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي شايع ڪيو پيو وڃي.

قيمت: ٽي سؤ اسي رپيا
**(Price Rs: 380-00)**

خريداري لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
**تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ**
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب ميسرز پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي مان ڇپائي وڌو ويو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

درازن جي صوفي بزرگ ۽ شاعر حضرت سچل سرمستؒ جي سرواڻيءَ ۾ شروع ٿيل تحريڪ ۾ سنڌ جي جن مانائتن صوفي بزرگن، درويشن ۽ عارفن سرگرمي سان حصو ورتو، تن ۾ نانڪ يوسف جو نالو سرفهرست آهي؛ جيڪو پنهنجي شخصيت ۽ فن ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي.

نانڪ يوسف پنهنجي دور جو باڪمال ڪلاسيڪل شاعر ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. هو حضرت سچل سرمستؒ جي خاص طالبن مان هو، جنهن پنهنجي علمي شعور ۽ مشاهدي وسيلي پنهنجي شعر ۾ خود شناسي، خدا شناسي، خود فراموشي ۽ انسان دوستيءَ جو پيغام ڏنو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي روايتي ذميوارين ڪي نڀائيندي نانڪ يوسف جي ڪلام ڪي منظرعام تي آڻڻ لاءِ اِهو ڪم سنڌ جي مانائتي شاعر ۽ محقق ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ڪي سونپيو هو. جنهن وڏيءَ محنت سان ڪلام ڪي سهيڙيو ۽ هڪ تحقيقي مقدمو لکي بورڊ جي حوالي ڪيو.

بورڊ پاران "نانڪ يوسف جو ڪلام" جو پهريون ڇاپو 1983ع ۾ ڇپجي منظرعام تي آيو. هاڻي ڪتاب جي هِن نئين ايڊيشن کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ جو ڪم ڊاڪٽر مخمور بخاري کي ڏنو ويو،

جنهن نهايت باريڪ بينيءَ سان ڪتاب جا پروف پڙهي ۽ ڪجهه ضميما لکي ڪتاب جي اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي ذميوارين ڪي نڀائيندي حضرت سچل سرمستؒ جي 193هين عرس مبارڪ جي موقعي تي هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو هڪ خصوصي اشاعت ۾ اهتمام هيٺ ڇاپي پڌرو ڪيو آهي.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آئون جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جنهن منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

اميد ته سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب پڙهندڙن کي اسان جي هيءَ ڪاوش پڻ پسند ايندي.

08- رمضان المبارڪ 1435هه
07- جولاءِ 2014ع

الهڏتو وگهيو
سيڪريٽري

# فهرست


ٽورا ........................................ 11
مهاڳ ........................................ 17
**نانڪ يوسف جي حياتيءَ جو احوال** ........................................ 19
خاندان ۽ جنم ........................................ 19
ننڍ پڻ ........................................ 19
تعليم ........................................ 20
والد جي وفات ۽ تدريس جو مشغلو ........................................ 20
سچل سرمست سان ملاقات ........................................ 21
ميرن سان تعلق ........................................ 23
نانڪ جو لقب ملڻ ........................................ 24
امر تسر جو سفر ........................................ 24
نانڪ يوسف جي شخصيت ........................................ 25
نانڪ يوسف جا صحبتي ........................................ 26
نانڪ يوسف جا طالب ........................................ 26
نانڪ يوسف جي وفات ........................................ 27
نانڪ يوسف جون شاديون ........................................ 27
نانڪ يوسف جو اولاد ۽ شجرو ........................................ 27
نانڪ يوسف جي گادي ........................................ 30
نانڪ يوسف جو ميلو ........................................ 30
**نانڪ يوسف جو زمانو** ........................................ 31
سياسي حالتون ........................................ 31
ادبي ماحول ........................................ 32

**نانڪ يوسف جي شاعري** ........ 33
سچل سرمست جو اثر ........ 33
سياسي حالتن جو اثر ........ 36
شعري خصوصيتون ........ 37
**نانڪ يوسف جي ڪلام جا نسخا** ........ 48
**نانڪ يوسف جو ڪلام** ........ 410_51
سنڌي بيت ........ 51
سنڌي ڪافيون ........ 67
سرائڪي ڏوهيڙا ........ 163
سرائڪي ڪافيون ........ 195
ريختوءِ هندي ڪلام ........ 333
بلوچي ڪافي ........ 378
ٻائيون ........ 379

**ضميمو_1**

• نانڪ يوسف جو ڪلامءِ واڌارو _ ڊاڪٽر مخمور بخاري 413

**ضميمو_2**

• نانڪ يوسف جو نئون ڪلام _ ڊاڪٽر مخمور بخاري 420
سنڌي بيت ........ 420
سنڌي ڪافيون ........ 423
منقبت ........ 430
سرائڪي ڏوهيڙا ........ 437
سرائڪي ڪافيون ........ 439
ريختوءِ هندي ڪلام ........ 450

**ضميمو_3**

فقير صاحب نانڪ يوسف _ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 453

# مددي ڪتاب ۽ مضمون


1. ڪلياڻ آڏواڻي: سچل: بمبئي، 1954ع
2. بشير ميمڻ: روزانه سنڌ نيوز حيدرآباد 21 ڊسمبر 1976ع
3. جمن: نانڪ يوسف جي سنڌي شاعري (مونوگراف)
4. حاجي محمد حداد: خيرپور جي ادبي تاريخ، (مونوگراف)
5. رسول بخش تالپر: گلدستو خيرپور 1957ع
6. رسول بخش تالپر: نئين زندگي، ڪراچي، جون 1954ع
7. رشيد احمد لاشاري: سچل سرمست (اردو)، ڪراچي 1966ع
8. عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد 1973ع
9. عبدالرحمان تنيو: قلمي نسخو
10. عبدالعلي قلباڻي: نئين زندگي، ڪراچي، جون 1952ع
11. عبدالعلي قلباڻي: ڪتاب: سچل سرمست، ڪراچي
12. مولانا عبدالواحد سنڌي: روزانه مهراڻ خاص نمبر، ڪراچي، 15 جنوري 1962ع
13. عطا محمد حامي: مونوگراف، سنڌ يونيورسٽي
14. علي قلي بيگ مرزا: سچل جو رسالو 1902ع
15. قاضي علي اڪبر درازي: دولهه درازي، خيرپور 1961ع
16. ڪريم بخش خالد: هفتيوار الفقرا، سانگهڙ 5 نومبر 1975ع
17. ڪلياڻ آڏواڻي: سنڌو جون ۽ آگسٽ 1939ع
18. لطف الله بدوي: تذڪره لطفي: جلد 3: حيدرآباد 1952ع
19. ماستر محمد موسيٰ سومرو: قلمي نسخو 1898ع

20. ماستر محمد بخش سومرو: قلمي نسخو.
21. مولوي محمد صادق راڻيپوري: سچل جو سرائڪي ڪلام، حيدرآباد، 1959ع
22. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: جوتيون جواهرن جون، لاڙڪاڻو 1971ع
23. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌ ۾ اردو شاعري -حيدرآباد 1967ع
24. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: علمي آئينو: حيدرآباد، 1973ع
25. نسيم امروهوي: تاريخ خيرپور (اردو)، 1958 ع
26. دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ: حيدرآباد، 1974ع

# ٿـــورا

※ محترم عبدالرحمان تنئي، ماستر محمد بخش سومري، محترم خليفي غلام علي مغل ۽ محترم عطا محمد حاميءَ پنهنجا ناياب نسخا منهنجي حوالي ڪيا.

※ محترم منشي الهندي جتوئيءَ عزيزم عبدالواحد ابڙي ۽ عزيزم نظير ابڙي ڪن نسخن ۽ ڪتابن هٿ ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪئي.

※ محترم الياس عشقيءَ ريختو ۽ هندي ڪلام نظر مان ڪڍي، انهيءَ جي پڙهڻين قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ سمجهائي ۽ انهن جي باري ۾ مفيد مشورا ڏنا.

※ محترم محمد علي حداد ۽ مرزا مراد علي اختر ڪجهه مضمون ۽ ڪتاب منهنجي حوالي ڪيا.

※ سڀ کان وڌيڪ ٿورا خادم حسين عباسيءَ جا، جنهن نه فقط پنهنجو قلمي نسخو منهنجي حوالي ڪيو پر ٻيا نسخا هٿ ڪرڻ، پيٽڻ، صاف ۽ خوشخط اُتارڻ، پريس ڪاپي تيار ڪرڻ تائين منهنجو ٻانهن ٻيلي رهيو. هن نانڪ يوسف جي شجري جي باري ۾ حقيقتن کان واقف ڪيو سندس مدد کان سواءِ هي ڪم ايترو جلد مڪمل نه ٿئي ها.

※ آخر ۾ ٿورا محترم دوست رشيد ڀٽيءَ جا، جنهن پروف ڏٺا.

**انتساب**

مربي ياءُ عبدالنبي عباسيءَ

جي نالي

# نانک يوسف جو ڪلام

اڪثر منجهه الله پرين، تنهنجي اڪثر منجهه الله
سچي مرشد ڳالهه انهيءَ جو سچي ڏنو ويساهه

پاڻ ڏسي ٿو پاڻ پسي ٿو ديدن مؤن داناهه
ڪل اسان کي ڪيهڙي ميان ڪهڙو ڏوهه گناهه

تون تان مالڪ ملڪ جو آهين ٻيو تان سڀ سپاهه
ياريوسف کي ٿا پڻ ڪونن ڪيئي نانڪ شاهه.

# مھاڳ

نانڪ يوسف جي سوانح روايتن، ڪرامتن ۽ خوش اعتقادين جي غبار ۾ ڍڪيل آهي.سندس زندگيءَ جي باري ۾ نوس تاريخي مواد گهٽ، خيالي ۽ تصوراتي احوال گهڻو آهي.

سندس پهريون سوانح نگار ماستر محمد موسيٰ سومرو آهي، جنهن جي 1898ع ۾ فقير نانڪ يوسف جي ڳوٺ ۾ بدلي ٿي ۽ اتي ماستر مقرر ٿيو. هن اتي نانڪ يوسف جي صحبتيءَ عبدالله فقير کان، فقير نانڪ يوسف جو احوال ٻڌو ۽ قلم بند ڪيو اهو نانڪ يوسف جي سوانح تي سڀ کان آڳاٽو دستاويز آهي.

هن کان پوءِ جيڪي ڪجهه نانڪ يوسف جي باري ۾ لکيو ويو اهو ماستر محمد موسيٰ جي لکيل احوال تان ورتل آهي.ان کان پوءِ مرزا علي قلي بيگ، سچل جي رسالي ۾ ڪجهه احوال لکيو. "تذڪره لطفي" توڙي ٻين ڪتابن ۾ مضمونن ۾ نانڪ يوسف کي لاڙڪاڻي جو وينل ڏيکاريو ويو آهي جيڪو غلط آهي.

ماستر محمد بخش سومري پنهنجي والد (ماستر محمد موسي سومري) جي لکيل احوال کي بنياد بڻائي نانڪ يوسف جي سوانح عمري لکي، جنهن تان قاضي علي اڪبر درازيءَ "دولهه درازيءَ" ۾ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "علمي آئيني" واري مضمون ۾ استفادو ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو لکيل مضمون گهڻي قدر ساڳيو ماستر محمد بخش سومري وارو آهي جنهن مان ڪي ٽڪرا غير معتبر سمجهي حذف ڪيا ويا آهن. ڊاڪٽر بلوچ واري مضمون ۾ نانڪ يوسف جي اولاد جي باري ۾ ڪي جزوي غلطيون ڪيون ويون آهن.

محترم عبدالرحمان تنئي، نانڪ يوسف جي سوانح لکي، جيڪا پڻ ماستر محمد موسيٰ سومري جي لکيل احوال تي ٻڌل آهي، البت تنئي صاحب نانڪ يوسف جي ڪلام تي صوفياڻي رنگ ۾ چڱو تبصرو ڪيو آهي.

محترم ڪريم بخش خالد، رشيد احمد لاشاريءَ توڙي مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جا مضمون پڻ بنيادي طور تي ماستر محمد موسيٰ سومري جي مضمون تان ورتل آهن.

حاجي محمد حداد جو مونو گراف ۾ "تذڪره لطفي" جو بيان ماستر محمد بخش سومري جي لکيل مضمون تان ورتل آهي. ڪلياڻ آڏواڻيءَ ۾ عبدالعلي قلباڻيءَ جا لکيل احوال هڪ جهڙا آهن ۽ ان ۾ نانڪ يوسف کي ٽري مير واهه جو وڏيرو ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو غلط آهي. لڳي ٿو ته عبدالعلي قلباڻيءَ ڪتاب"سچل سرمست" وارو مضمون ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي ڪتاب "سچل" تان ورتو آهي.

هاڻوڪي سوانح عمري مختلف ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ مضمونن کي پڙهي، پيٽي ۾ تحقيق ڪري لکي وئي آهي، ۽ ان ۾ به بنياد ماستر محمد موسيٰ سومري جي لکيل احوال کي بڻايو ويو آهي. چو ته اهو نانڪ يوسف جي سوانح عمريءَ تي سڀ کان پهريون ڪتاب آهي، خوش فهمين ۾ مابعد طبعياتي ڳالهين کي پاسيرو رکي شاعر جي شخصيت توڙي حياتيءَ جي باري ۾ احوال ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جيئن نانڪ يوسف جي زندگيءَ جي اهم پهلوئن کي روشنيءَ ۾ آڻجي.

**تنوير عباسي**

سرمد جو گهر
خيرپور سنڌ
30 سيپٽمبر 1977ع

# نانڪ يوسف جي حياتيءَ جو احوال

## خاندان ۽ جنم

فقير نانڪ يوسف جا وڏا اصل بيگاريءَ جا وينل هئا. ذات جا ڪوڪر هئا. فقير نانڪ يوسف جي والد صاحب جو نالو محمد هاشم هو ۽ پاڻ سري ڪان لڏي اچي جهل جي پرسان ڪنڊي ڪوڪر جي ڳوٺ ۾ ويٺو. پاڻ دين جو عالم عربيءَ ۽ فارسيءَ جو ماهر هو. سندس روزگار جو ذريعو درس تدريس هو. جهل شهر ۾ مدرسو ڪوليائين ۽ ٻارن کي تعليم ڏيڻ لڳو. وقت جي حاڪم سندس قدر ڪندي پڳهار جاري ڪيو. ڪيس فتوائن ۽ شرعي فيصلن نبيرڻ جو به اختيار هو. ان وقت جهل جو حاڪم ميان خان مگسي هو جيڪو نواب يوسف علي خان مگسيءَ جي وڏن مان هو.

روايت موجب مولوي محمد هاشم کي پٽ جو اولاد ڪونه هو ان ڪري شاهه گودڙيئي تي دعا لاءِ ويو جتي خواب ۾ اشارو مليس ته توکي پٽ جمندو پر منصوري دم هڻندو.

فقير نانڪ يوسف جي جنم جي تاريخ جي خبر ناهي. پر ڪاتي موجب سندس جنم 1208هه/1792ع ڌاري ٿيو بهرحال ان ڳالهه جي پڪ آهي ته نانڪ يوسف جو جنم هڪ علمي گهراڻي ۾ ٿيو ۽ هو علمي ماحول ۾ پلجي وڏو ٿيو.

## ننڍپڻ

روايتن موجب ننڍپڻ ۾ ٻار هن کي پنهنجي راند روند ۾ اڳواڻ ڪندا هئا ۽ سندس حيثيت ننڍي هوندي ئي سردار جي هوندي هئي. ان مان ظاهر آهي ته سندس شخصيت ننڍي هوندي کان ئي انفراديت پسند هئي. هن کي عام رانديون پسند نه هيون. هن ٻهريان ئي ننڍي هوندي ماتام جي راند رچائڻ شروع ڪئي. ٻارن کي گڏ ڪري تين جا دهل وڄائي، ننڍڙا سيج تابوت ٺاهي ماتم ڪندو هو. سندس والد ان راند کي غير شرعي سمجهي کيس منع ڪئي. ان کان پوءِ وري هن ڌمال جي راند رچائي. ٻارن کي لنگوٽا ٻڌرائي، ڌمال هڻندو هيو ۽ نچندي نچندي

بيخود ٿي ويندو هو ائين ٿو ڀانئجي تہ راڳ رنگ ۽ ناچ ننڍپڻ کان ئي نانڪ جي فطرت جو حصو هو. سندس والد ان راند کي بہ شريعت جي خلاف سمجهي ڪيس روڪيو ۽ مدرسي ۾ پڙهڻ وهاريائينس.

## تعليم

ان وقت جي روايتي ديني تعليم، نانڪ تمام جلد مڪمل ڪري ورتي. فقہ تفسير ۽ منطق کي باقاعدي پڙهيائين ۽ ننڍي عمر ۾ ئي دستاربندي ٿيس. هن دستار بنديءَ کان پوءِ بہ اڀياس جاري رکيو ۽ پنهنجي جاڻ ۾ واڌارو ڪندو رهيو.

## والد جي وفات ۽ تدريس جو مشغلو

نانڪ يوسف جي والد صاحب جي قبر جهل مگسي ۾ پوٽ فقير جي مقام ۾ موجود آهي. والد صاحب جي وفات کان پوءِ هن ساڳيو جهل وارو مدرسو سنڀاليو ۽ اتي تعليم ڏيندو رهيو. وقت جي حاڪم سندس پگهار مقرر ڪيو ۽ هو شرعي فتوائون پڻ ڏيندو رهيو.

## جواني ۽ چلا

نانڪ يوسف جي پرورش ننڍپڻ ۾ ئي شرعي ماحول ۾ ٿي پر هن جي دل ۾ شاعر جي بيقراري ۽ بيتابي موجود هئي. حق جي ڳولا ۽ حق سان هم آهنگي جي شوق ۾ هن ٽي دفعا سفر ڪيا ۽ ڏاڪڙا ڏنا. ٻهريون پيرو جهل شهر جي اُتر پاسي ڪنهن واريءَ جي دڙي تي تَنَ کي تسيائون ڏئي غور ۽ فڪر ۾ وقت گذاريائين.

ٻيو پيرو جهنگ جهر جهاڳي خانقاهون، درگاهون ۽ مڙهيون پيٽيائين، پر ڪٿي بہ هن جي من کي چين سڪون نہ مليو ۽ ڪٿي بہ ازلي سچ نظر نہ آيس، جنهن جي ڳولا هر حساس شاعر کي هوندي آهي. آخر ٽئين پيري جڏهن هن پنهنجي جسم کي صفا لاغر ڪري ڇڏيو هو ۽ سڀ ست ڇڏائجي ويو هيس، تڏهن هو پيتڪندو پيتڪندو گمبت تعلقي جي ان جاءِ تي پهتو جتي هينئر سندس درگاهہ موجود آهي، گڏهہ بہ ساڻ هيس. اتي وقت جي حاڪمن ميرن جا لشڪر لٿا پيا هئا ۽ لانڍيون نهيون پيون هيون. لشڪر وارن سپاهين هن لاچار ۽ نحيف فقير کي ڏاڍو تنگ ڪيو ۽ ڪابہ سهوليت نہ ڏنائونس. انهن کي فقط ايترو چيائين تہ "تنگ نہ ڪيو پنهنجو دنگو نہ جمايو هتي اسان جي رهڻ جي جاءِ آهي". اتان نڪري هن

لاڪن ۾ منزل ڪئي (ڪن جو چوڻ آهي تہ گنديري ۾ منزل ڪئي) اتان پنهنجي مرشد پير صالح شاهہ ڏانهن راڻيپور وڃڻ جو ارادو ڪيائين.

## سچل سرمست سان ملاقات

رستي ۾ اوچتو اچي طوفان لڳو ڪن راوين ان کي عشق جو طوفان سڏيو آهي. اهو طوفان اهڙو هو جو فقير يوسف رستو ڀُلجي اچي درازين پهتو اهو وقت اسر جو هو ۽ سچل سرمست سماع جي محفل ۾ ويٺو هو. فقير يوسف جي ڪن تي سماع جو پڙلاءُ پيو ۽ پاڻ وڏي اچي در وٽ بيٺو سچل ان وقت راڳ جي رنگ ۾ جذب ٿيو پيو هو تنهن جي نظر فقير يوسف تي پئي ۽ هيڏانهن فقير يوسف تي سچل سرمست جي سماع، ان جي رعبدار ۽ پرُ وقار شخصيت جادو ڪري ڇڏيو ۽ هن پنهنجي منزل کي پنهنجي اکين آڏو ڏٺو جنهن جي ڳولا ۾ سالن جا سال ڏک ڏولاوا سهندو رهيو ۽ هو جهنگ جهر پٽڪندو رهيو هو.

هن سماع جي محفل ۾ شريڪ ٿيڻ چاهيو چو تہ راڳ، ناچ ۽ بيخودي ننڍي هوندي کان ئي سندس فطرت ۾ شامل هئا. سچل سرمست هن کي تڙي ڪڍڻ جو حڪم ڏنو. فقير يوسف ٻاهر نڪرڻ کان نابري واري،تان جو سچل سائينءَ جي معتقدن ڪيس ٽنگا ٽولي ڪري ٻاهر ڪڍيو ۽ هڪ وڻ سان ٽيڪ ڏياري ويهاري ڇڏيائونس. نانڪ يوسف جي ڪن سوانح نگارن هن مرحلي تي نانڪ يوسف ۽ سچل جي وچ ۾ دلچسپ گفتگو جو ذڪر ڪيو آهي. جڏهن سرمست جا معتقد يوسف کي ٻاهر ڪڍڻ لڳا تہ يوسف جو هٿ هڪ پير ۾ پئجي ويو (جنهن کي سچل طوبيٰ سڏيندو هو)، ائين ڪرڻ سان يوسف جا هٿ پير ۽ سينو ڇلجي پيا. سرمست ڏنو تہ هي "فقير ضد ٿو ڪري، سو چيائينس تہ حڪم نہ ٿو مڃين؟" ان تي يوسف جواب ڏنو تہ سر بہ سنو اٿم پر مرشد جي جوءِ کان جدا ٿيڻ نہ ٿو پڄي". سچل چيس تہ "تون بہ عزازيل وانگر حڪم جي انحرافي ڪري شيطان ٿو بڻجين!" ان تي يوسف وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين " مبارڪ آهي يوسف کي اڄ محبوب وٽان شيطان جو عاليشان لقب مليو آهي".

فقير يوسف سماع جي محفل مان تڙجڻ کان پوءِ انهيءَ وڻ هيٺيان ئي ديرو ڄمائي ويو هوندو هو. جتي هن کي سرمست جي ماڻهن ڇڏيو هو. اتي بہ هن تن کي

تسيائون ڏنيون ۽ ٻارهن مهينا اتي وينو رهيو اتي ويٺي ويٺي سندس حال هيٺو ٿي ويو ۽ ايئن ٿي لڳو جڻ ڪو جيئرو مڙهه هجي.

هڪ دفعي سچل سرمست جوڻن جي ڳوٺ دعوت تي وڃڻ لاءِ نڪتو ۽ ان وڻ وٽان لانگهائو ٿيو جتي يوسف نيم جان وانگر پيل هو. سرمست يوسف جي حالت ڏسي پنهنجي خليفن کان پڇيو تہ ”هي شخص جيئرو آهي يا مئل؟“ هنن چيو تہ ”هي مئل ٿو ڀائنجي“. جنهن تي سچل سائين چيو تہ ”هي مئل نہ پر جيئرو آهي.“ ۽ حڪم ڪيائين تہ جڏهن موٽي اچون تہ هن کي حلقي ۾ داخل ڪيو. موٽ تي يوسف کي سچل سرمست جي حلقي ۾ داخل ڪيو ويو ۽ مٿس ننگر جي ٻنيءَ لاءِ ڪاٺين گڏ ڪرڻ جو ڪم رکيو ويو. يوسف سچو سال اهو ڪم ايمانداريءَ ۽ محنت سان ڪندو رهيو ۽ ايترو لا طمع هو جو ڪاٺين پهچائڻ جي باوجود ماني ڪڏهن بہ نہ گهريائين. جتي ڪنهن ڏنس کائي ڇڏيندو هو ۽ جي نہ تہ بس. ٻارهن مهينن جي انهيءَ خذمت کان پوءِ هن تي مٿين پيرڻ جو ڪم رکيو ويو. جيڪو هن سهڻي ريت سرانجام ڏنو. انهن خدمتن کان واندڪائي جي وقت ۾ هو سچل سرمست جي خذمت ۾ رهندو هو.

هڪ دفعو سچل سائينءَ سان گڏ پنهنجي اباڻي مرشد صالح شاهہ وٽ بہ ويو. صالح شاهہ ۽ سرمست، يوسف جي باري ۾ پڻ ڳالهايو. سچل سرمست، صالح شاهہ کان سندس فيض جي گهر ڪئي، تہ جيئن ان سان گڏ پنهنجو فيض بہ يوسف جي حوالي ڪري.

سچل سرمست جو هڪ معتقد هو يعقوب فقير. سچل جو مٿس گهڻو راضپو هوندو هو. هو سهڻي صورت جو صاحب هو ۽ رات جو سرمست جي خذمت ۾ رهندو هو. هڪ رات يعقوب فقير پر واري ڳوٺ ۾ راڳ جي محفل ۾ ويو هو. سچل سرمست رات جو يعقوب فقير کي سڏ ڪيو. پر هو موجود ڪونہ هو ۽ يوسف موجود هو. جنهن جواب ڏنو ”يعقوب تہ ڪونهي سندس پٽ يوسف حاضر آهي“ (حضرت يعقوب جو پٽ حضرت يوسف هو. ان اصطلاحي معنيٰ ۾). سچل سرمست مٿان ٿي ويو ۽ ٿوري ويرم کان پوءِ يعقوب فقير کي سڏ ڪيائين، اڃا يعقوب راڳ تان ڪونہ موٽيو هو ان ڪري يوسف ساڳيو ئي جواب ڏنو ان تي سچل سرمست يوسف کي اندر سڏيو ۽ ان رات يوسف فقير کي پنهنجو فيض ڏنائين. ان رات کان پوءِ يوسف فقير، سرمست

فقير يوسف پوءِ مستقل طور پنهنجي موجوده ڳوٺ ۾ رهيو جنهن کي پهريون رنگ پور سڏيائين. پر پوءِ اهو ڳوٺ (جيڪو اڄڪلهه ڳڙن جي پرسان آهي) سندس ئي نالي تي فقير نانڪ يوسف جو ڳوٺ سڏجڻ لڳو.

حيدرآباد جي ميرن جي باري ۾ به اڪثر سوانح نگارن عجيب و غريب روايتون بيان ڪيون آهن. ته اتي يا ته فقير پڳ جو فيصلو ڪرڻ ويو هو يا ته انهن جي نيابي تي ساڻن بحث ڪرڻ ويو هو. اتي وجي شينهن جو روپ ڌاريائين.

بهرحال اهي ۽ بيون لاهور جي سفر واريون ڪرامتون ۽ امرتسر جي سفر ۾ جادو جهڙا ڪرشما، انهن خوش اعتمادين جو نتيجو آهن. جيڪي سنڌ جي هر بزرگ يا صوفيءَ جي باري ۾ عام آهن.

## نانڪ جو لقب ملڻ

سچل سرمست هڪ دفعي ٿلهي تي پنهنجي فقيرن سان ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو جتي ڳالهه ڪيائين ته صوفياڻو شعر بين سيني ٻولين ۾ آهي، پر اوهان مان ڪو هندي ٻوليءَ ۾ اهو وحدت جو نيا پو آڻي سگهندو؟ ان تي فقير يوسف اها هام ڀري ۽ ان کان پوءِ هندي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي شبد، چوپايا ۽ ٻاٽيون ٺاهيائين. يوسف فقير شعر چوڻ وقت ايترو ته جذباتي ٿي ويندو هو جو سندس وار به ڪاندار جي ويندا هئا، ۽ ڪنهن وقت ته مٿي جا وار به اُڀا ٿي ويندا هئس. سندس هندي ڪلام کي سچل سائينءَ پسند ڪيو ۽ ان کان پوءِ کيس امرتسر وڃڻ جو حڪم ڏنائين ۽ کيس نانڪ جو لقب ڏنائين. ائين فقير "نانڪ يوسف" سڏجڻ لڳو.

## امرتسر جو سفر

سچل سرمست، نانڪ يوسف کي صوفياڻي مت جي تبليغ لاءِ موڪليو ته جيئن سکن ۽ مسلمان صوفين کي هڪٻئي جي ويجهو آڻجي. سکن جي گرو نانڪ جي تعليم پڻ صوفين جي وحدت اديان جي مت کي ويجهي آهي. شايد ان ڪري ئي سچل سرمست پهريون سکن کي ڏيان لائق سمجهيو ۽ انهن ڏانهن پنهنجو سيني کان ويجهو فقير سفير طور ڏياري موڪليو ۽ ان تي نانڪ جو نالو رکيائين.

هن امرتسر واري سفر ۾ به سوانح نگارن عجيب معجزا بيان ڪيا آهن. جيڪي سمجهه کان ٻاهر آهن. انهن ۾ تلاءَ جو پاڻي زهر ٿي وڃڻ ۽ وري ساڳي

صورت ۾ اچڻ، هڪ عورت جو گهوڙي تي وڃڻ، لاهور شهر جو مينهن ۾ ٻڏڻ ۽ ٻيا اهڙا ڪيترا ئي من گهڙت واقعا آهن.

هن سفر ۾ نانڪ يوسف سان گڏ سندس معتقد پڻ هئا، جن مان عبدالله فقير، ڍنڍڻ فقير، الهداد فقير (جنهن فقير کي اُٺ فقير چوندا هئا، ڇو ته سفر جو سامان هيءَ ڪٺي هلندو هو) ۽ بلو فقير اهم آهن.

امرتسر ۾ پهچي نانڪ يوسف، گرو نانڪ هجڻ جي دعوا ڪئي ۽ گرو نانڪ جي گاديءَ تي وڃي ويٺو. سکن ۾ ترٿلو پئجي ويو ۽ هنن نانڪ يوسف کان اصلي گرو نانڪ هجڻ جي ثابتي گهري ۽ کيس ٽتل تيل جي ڪڙاهيءَ ۾ ٽپي هڻڻ لاءِ چيو. روايتن موجب نانڪ يوسف ڪڙاهيءَ ۾ جيئري جاڳندي ڪول ڏسي پاڻ به ٽپو ڏنو ۽ ٽپي هڻي جيئرو جاڳندو نڪري آيو ان وقت هي ڪلام چيائين:

ڏو پيڙ ۾ ڏيو۔ عشق جي آڙاهه ۾

ڏي تاهه تنگر ٽپو.

ڪجهه ڏينهن نانڪ يوسف امرتسر ۾ رهيو ۽ اتي ڪيترائي سک سندس معتقد ٿيا. اڄا تائين ڪيترا سک سندس درگاهه جا مريد آهن ۽ ڪجهه سال اڳي تائين سندس درگاهه تي حاضري ڏيندا هئا. امرتسر ۾ کيس سچل سرمست جي بيمار هجڻ جي خبر پئي ۽ پاڻ موٽي درازن آيو. جتي سچل سرمست جي وصال وقت ساڻس گڏ هو.

## نانڪ يوسف جي شخصيت

نانڪ يوسف جو لاڙو نِنڍي لاڪون راڳ، ناچ ۽ غور فڪر ڏي هو. هو مهينن جا مهينا نڪري ويندو هو ۽ مراقبن ۽ چلن وسيلي، حقيقت جي ڳولا ڪندو هو. ٻهرين هڪ ديني عالم وانگر شريعت جو پابند هو پر تصوف جي رنگ ۾ رڱجڻ کان پوءِ ڇيريون ٻڌي وچ بزار ۾ نچندو هو. کيس ڪاڏي ٻيتي جو فڪر به نه هو. جڏهن درازن ۾ ننگر تي ڪانيون پهچائيندو هو ته ڪڏهن به ماني گهري نه ورتائين. لاڙڪاڻي جي رنگيلين تي سڄي ملڪيت ناس ڪرڻ سندس حُسن پرستي ۽ لاطمع هجڻ جو دليل آهي. ايتري قدر جو جڏهن مير علي مراد روڪڙ ڏيڻي ڪيس، ته کيس انڪار ڪيائين. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هن درويش صفت صوفيءَ کي پئسي سان پيار نه هو.

هڪ پيري ربوءَ نالي هڪ شخص بهاولپور مان پنهنجي ٻن سدا ملوڪ ڏيئن ڪي مير علي مراد وٽ وٺي آيو ۽ راڳ ٻڌارايائين. مير علي مراد کين جيڪي پئسا ڏنا اهي پورا نہ هئا. ربو اهي ٻئي سدا ملوڪ ڇوڪريون نانڪ يوسف وٽ وٺي آيو ۽ انهن سهڻين ڇوڪرين نانڪ يوسف کي پيرين پئي پاڪر پاتو تہ نانڪ يوسف پاڻي تي وبو ۽ چيائين "بس محبوب، هاڻي حڪم ڪريو." پوءِ نانڪ يوسف جي سفارش اهڙو اثر ڪيو جو مير علي مراد ربوءَ کي جاگير ڏني ۽ ٻنهي ڏيئرن سان هڪ وقت شادي ڪيائين.

فقير نانڪ يوسف جي راڳ جي چاهت جي باري ۾ مشهور آهي، تہ سندس ڳوٺ جو اسماعيل حجم (جيڪو سندس مريد هو) سندس آڏو ڳائيندو هو تہ فقير بي حال ٿي ويندو هو. اڳتي هلي اهو فقير "نانڪ جي ڪيري" جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ سندس ڏهٽو ڇٽو حجم هينئر بہ درگاهہ تي ڳائيندو آهي ۽ سندس راڳ ۾ بہ ساڳيوئي سوز سمايل آهي.*

## نانڪ يوسف جا صحبتي

نانڪ يوسف جي صحبت، يعقوب فقير جتوئيءَ، شير علي پنپريءَ بيدل روهڙيءَ واري، گهرام فقير جتوئيءَ، محمد صالح پٽي دونهي واري، محمد صديق، حاجي عثمان چاڪيءَ، فقير محمد صالح لاڙڪاڻي واري، مخدوم عبدالخالق کهڙن واري ۽ شادي شهيد سان رهي.

## نانڪ يوسف جا طالب

نانڪ يوسف جي شخصيت ۽ شاعريءَ پنهنجي دور تي وڏو اثر ڇڏيو ۽ ڪافي عرصي تائين سندس طريقو ۽ اسلوب جاري رهيا. جن مشهور شاعرن يا صوفين نانڪ يوسف جي شاعريءَ جو اثر قبول ڪيو ۽ هن جي شاعراڻي يا صوفياڻي طور طريقي کان متاثر ٿيا، انهن مان حاجي عبدالله فقير، ڊنڊڻ فقير ناريجو الهداد فقير (اٺ فقير)، بلو فقير، باهو شاهہ ۽ حسن شاهہ (پنجاب جا)، حيدر شاهہ ڪيمياگر، وڏو فقير، مهنوال فقير، دين شاهہ پير شاهہ موتو فقير اڳڙن وارو ۽ غلام حيدر شر (مشهور شاعر) هئا. انهن کان سواءِ مير علي مراد (خيرپور رياست جو والي) بہ سندس عقيدتمندن مان هو.

* هن وقت تي سندس پوٽو رسول بخش ۽ امداد محمود شاهہ ۽ فياض جويو راڳ ڳائن ٿا. ــ م.ب

جي پيڙ پرٽيل هو. انڪري سندس نياڻو الهندو فقير سندس پاٽيجو پڙ هو. الهندي فقير مان سندس ڏهتاڻ جو سلسلو شروع ٿيو.

## نانڪ يوسف جي پوٽاڻ جو شجرو




* بيدل فقير کان پوءِ سندس پٽ مولا بخش فقير گادي تي ويٺو ۽ هاڻ ان جو پٽ بشير حسين، گادي تي آهي. ـ مرتب

** مولا بخش فقير کي ان کان پوءِ به ٻيا فرزند هرهڪ تنوير حسين ۽ راشد حسين پڻ ڄاوا، جيڪي حال حيات آهن. ـ مرتب

# نانڪ يوسف جي ڏهناڻ جو شجرو



نانڪ يوسف ۽ سندس پونيرن سان ميرن جي لاڳاپن هئڻ ڪارڻ، فقير صاحب جي سڄي ڳوٺ تان ڇيڙ معاف هئي ۽ درگاهه وارن کي هڪ ڪاٺ ملندو هو ۽ اختيار پڻ، ته جنهن کي به وڻين، ته ڪاٺ ۾ وجهن. پر هنن ڪڏهن به ڪنهن کي ڪاٺ ۾ نه وڌو. ون يونٽ تائين نانڪ يوسف جي ميلي توڙي محرم جي خرچ لاءِ رياست خيرپور جي حڪومت خرچ ڏيندي آئي. ميرن پاران فقير يوسف کي اڳڙن جي ذڪر ۾ ڪچي منجهه جاگير ۽ ستابي طرف پڻ جاگير مليل هئي، جيڪا اجا تائين فقير صاحب جي پونيرن کي آهي. فقير صاحب جي رهڻ واري جڳهه پڻ مير علي مراد نهرائي ڏني هئي، جنهن ۾ تي گهر آهن. هڪ فقير نانڪ يوسف لاءِ، هڪ سندس پٽ ۽ هڪ سندس نياڻيءَ لاءِ.

## نانڪ يوسف جي گادي

نانڪ يوسف کان پوءِ سندس پٽ محمد يونس، ان کان پوءِ سندس پوٽو بخت علي فقير گاديءَ تي ويٺا. بخت علي فقير جو پٽ فقير علي نواز سندس ئي حياتيءَ ۾ فوت ٿيو، ان ڪري بخت علي فقير جو پوٽو امام بخش فقير گاديءَ تي ويٺو جيڪو بنا اولاد جي گذاري ويو ۽ گادي نانڪ يوسف جي ٻئي پٽ نورالدين جي اولاد مان ٻڍل فقير کي ملي، جيڪو هن وقت گاديءَ ڌڻي آهي.*

فقير صاحب جي ڌهنائڻ مان الاهي بخش فقير ۽ سندس پٽ خدا بخش فقير ڪامل بزرگ ٿي گذريا آهن. خدا بخش، فقير نانڪ يوسف جو ڪلام گڏ ڪيو ۽ پاڻ به شاعر هو. سندس پوٽو خادم حسين نانڪ يوسف جي ڪلام جو وڏو ڄاڻو آهي ۽ اجا تائين درگاهه تي راڳ جي محفل ۾ شامل ٿيندو آهي.

## نانڪ يوسف جو ميلو

هر سال 9 جمادي الاول تي نانڪ يوسف جي ڳوٺ ۾ سندس ميلو لڳندو آهي، جنهن ۾ رنديءَ ۽ صوفياڻو ڪلام ڳايو ويندو آهي.

* هن وقت گادي تي ٻڍل فقير جو پوٽو بشير حسين آهي. مرب

# نانڪ يوسف جو زمانو

## سياسي حالتون

نانڪ يوسف جو زمانو 1792ع کان 1853ع تائين آهي. نانڪ يوسف جو دؤر سياسي لحاظ کان وڏن انقلابن سان ڀرپور رهيو آهي. 1792ع ۾ نانڪ يوسف جو جنم ٿيو. 1793ع ۾ سنڌ کي ٽي ٽڪر ڪيو ويو ۽ مير فتح علي خان ان ورهاڱي جو ذميوار هو. اُتر سنڌ مير سهراب خان جي حصي ۾ آئي ۽ خيرپور به ان حصي ۾ شامل هئي. ان دؤر ۾ سنڌ تي به ڪاهون ٿيون. 1803ع ۾ شاهه شجاع سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ ان بعد رنجيت سنگهه. 1811ع ۾ مير سهراب خان حڪومت مير رستم خان جي حوالي ڪئي ۽ 1830ع ۾ پاڻ ماڙيءَ جي دريءَ تان ڪري فوت ٿي ويو.

نانڪ يوسف جي ئي زماني ۾ انگريزن سنڌو درياهه مان فوجون لنگهايون ۽ سنڌ تي قبضي ڪرڻ جا سانباها شروع ڪيا. ان ئي دؤر ۾ مير رستم خان جي وزير کي انگريزن جي فوجي آفيسرن جي آڏو ڪرسي نه آڇي بي مانو ڪيو ويو. ان ئي دؤر ۾ مير رستم خان انگريزن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ بکر جو قلعو کين ڏنائين، پر انگريزن جي من ۾ ڪا مدي هئي ۽ هنن سندس ننڍي ڀاءُ مير علي مراد سان سندس اڻبڻت کي استعمال ڪري، کين ويڙهايو ۽ نيٺ 1843ع ۾ مياڻيءَ جي جنگ ۾ مير علي مراد کي سنڌ جي فوجن خلاف استعمال ڪري، کيس گاديءَ تي وهاريائون ۽ سڄي اتر سنڌ بدران، هاڻوڪي خيرپور ضلعي جي محدود ايراضي سندس "وفاداريءَ" جي "انعام" طور ڏنائون، جنهن جي خلاف آخر تائين مير علي مراد خان انگلنڊ جي راڻيءَ تائين، بنا ڪنهن ڪڙ تيل نڪرڻ جي درخواستون ۽ اپيلون ڪندو رهيو.

نانڪ يوسف ننڍو هو ته سنڌ ٽڪرا ٿي. هو سنڌوءَ جي ڪپ تي ويٺل هو. هن انگريزن جي فوجن کي لنگهندي ڏٺو هوندو. هو ننڍو هو ته شاهه شجاع سنڌ تي ڪاهي آيو. مير رستم ۽ مير علي مراد جي اڻبڻت جو اکين ڏٺو شاهد هوندو. ڇو ته راويتن موجب ننڍي کان ئي مير سندس معتقد هئا. هن انگريزن جو سنڌ جي

سياست ۾ ادا ڪيل ڪردار پڻ گهريءَ ريت مطالعو ڪيو ٿو ڀانئجي، ڇو ته ڪيترن هندن تي سندس شعر ۾ انگريزن کي بد دعائون ڏنل آهن. هو مياڻيءَ جي جنگ ۾ سنڌ جي غلاميءَ تائين جيئرو هو ۽ مير علي مراد جي رياست قائم ڪرڻ کان پوءِ به ڏهه سال جيئرو رهيو.

ان افراتفريءَ، سازش، خانه جنگيءَ ۽ سنڌ جي ٽن ڀاڱن ۾ ڪپجڻ کان وٺي سنڌ جي مڪمل غلاميءَ ۾ اچڻ واري دؤر هن تي ضرور اثر ڇڏيو هوندو. ان مان هڪ اهو جيڪو سنڌ جي سيني صوفي شاعرن تي ملڪي حالتن جو ٿيو آهي، اهو آهي سندن فراريت. سنڌ جا صوفي شاعر اڪثر ڪري حالتن جي ناسازيءَ کان لنوائيندي، تصوف جي خول ۾ پناهه وٺندا آهن. ناتڪ يوسف به ائين ڪيو پر هن تي هڪ مثبت اثر به ٿيو اهو آهي انگريزن جي خلاف نفرت جو اظهار ۽ تعصب ۽ تنگ نظريءَ خلاف پرچار. ناتڪ يوسف جي دؤر ۾ اهو ئي هڪ هٿيار هو جو سنڌ جا ماڻهو تنگ دلي ۽ مذهبي ڪٽرپڻو ڇڏي، انگريزن کي منهن ڏئي سگهن ها.

## ادبي ماحول

ناتڪ يوسف جي ادبي نيپاج لاءِ سچل سرمست جو رندي ۽ بي باڪ شاعراڻو مڪتبه فڪر ڪافي هو. هن سچل سرمست کي ڏٺو سندس معتقد ٿيو سندس خدمت ۾ رهيو ۽ نيٺ سندس قرب ۽ ويساهه حاصل ڪيائين. اها هڪ اُڀرندڙ شاعر لاءِ وڏي ۾ وڏي نعمت آهي، ته ڪيس سندس دؤر جي ئي عظيم ترين شاعر جو قرب ۽ ويساهه حاصل ٿئي، پر تنهن هوندي به ناتڪ يوسف جي شاعريءَ جو دؤر، سنڌي صوفياڻي شاعريءَ جو سونهري دؤر هو. ناتڪ يوسف کان ٿورو اڳ ڪنڊڙيءَ جو روحل فقير پنهنجي هندي ۽ سنڌي شعر ۽ نثر سان ادب ۽ ٻوليءَ تي ڇاپ هڻي چڪو هو. ناتڪ يوسف ننڍو هو جڏهن روحل فقير وفات ڪئي (1804ع ۾). روهڙيءَ جو بيدل سائين، ناتڪ يوسف جي ساڳئي سرمستي ميخاني جو پياڪ هو. شڪارپور ۾ سامي (1743_1850ع) ويدانت جي فلسفي کي، سنڌي تصوف سان هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ سلوڪ لکي مٽ ۾ وجهندو ٿي ويو. ناتڪ يوسف کي ويجهو ئي پير ڳوٺ ۾ پير علي گوهر شاهه اصغر (1816ع کان 1847ع) جون پرسوز ۽ دردناڪ ڪافيون گونجي رهيون هيون. ناتڪ يوسف جي پرسان ئي خير محمد فقير هيسباڻي (وفات 1871ع) تصوف جي روايتي شاعريءَ ۾

نانڪ يوسف، سچل سرمست جي ساراهه ۾ ڪيترين ئي ٻاٽيون لکيون آهن. جن ۾ سچل سرمست کي گرو ڪري سڏيو اٿائين ۽ انهن ٻاٽين جي ورائي آهي.

واهه گرو جي شاهه درازي

سچل سرمست جي اثر جو بيو اهڃاڻ جيڪو اسان کي نانڪ يوسف وٽ ملي ٿو، اهو آهي گهاڙيٽن جي هڪ جهڙائي. ڪيتريون نانڪ يوسف جون ڪافيون انهن ساڳين گهاڙيٽن تي چيل آهن، جيڪي سچل سرمست جي ايجاد آهن ۽ اهي گهاڙيٽا سچل کان اڳ ۾ نه ٿا ملن.

آدم جس ڪا نام مولا ڪون ڪهاويگا
پريم گرو ڌم دام باتين برڄ بناويگا
(سچل سرمست)

آدم ڪس ڪا نام مولا ڪون ڪهاويگا
پريم گرو ڌم ڏام باتيان برڌ بناويگا
(نانڪ يوسف)

انا احمد بلا ميمي آپ ڪريم رحيم رحيمي
ڪر ڪي قتلِ عام منڪر مار مناويگا
(سچل سرمست)

انا احمد بلا ميمي آپ ڪريم رحيم رحيمي
آپ ڪري قتلام منڪر مار مناويگا
(نانڪ يوسف)

هن سچي ڪافيءَ ۾ نه رڳو گهاڙيٽو ساڳيو آهي، پر مفهوم ۾ ذري گهٽ لفظ به ساڳيا آهن. ٿي سگهي ٿو ته اها ڪافي سچل سرمست جي هجي، جنهن کي غلطيءَ وچان ڪاتبن نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ لکي ڇڏيو هجي، پر نانڪ يوسف جي ڪلام جي نسخن ۾ ڪافيءَ جا آخري به بند ٻڌائين ٿا، ته اها ڪافي نانڪ يوسف جي آهي.

هڪ بند آهي:

چوچڪ شهر درازين ٺاٺا_ گر بسي اوتاري پاٺا
آپ آرياٽي جام_ سچو نام سڏاويگا

اهو بند سچل جي سرائڪي ڪلام ۾ پڻ آهي، پر ڪن جزوي تبديلين سان. ان ۾ سچل لاءِ عقيدت جو اظهار آهي. ظاهر آهي ته سچل پنهنجي پاڻ سان عقيدت ظاهر ڪونه ڪندو. نانڪ يوسف جي ڪلام جي نسخن ۾ آخري بند ٻڌائي ٿو ته اها ڪافي نانڪ يوسف جي آهي

نانڪ يوسف عشق ٻليندا۔ هر جا اپنا حڪم هليندا
غيب الهه الهام۔ صاحب درس دکاويگا.

سچل جي هڪ ٻي ڪافي آهي:

سر اسا ڏي آيا، وو يار، عشق زوران زور پيي
مئي دا پيالا پر ڏتوئي، هوش سارا لٽ نيتوئي
ايڪ پيالا پيوڻ دي نال، دل ڪاڏا دور پيي

نانڪ يوسف چيو آهي ته:

عشق ذاتي ڪيا هي يار، ڪيا ڪريندا ڪام پيي
آ جنهين ڪون گوش ڏيندا، پهلي تهيندا هوش نيندا
زهد تقوي چڏ وي يار، ڪٽ ڪفر اسلام پيي.

مٿين ٻنهين ڪافين جو گهاڙيٽو ساڳيو آهي ۽ نانڪ يوسف تي سرمست جي فڪر جو اثر پڌرو آهي. سچل جي ڪافي آهي:

ڪيها ڪيها چيٽڪ لاندا، رانجهن يار اسان نون

نانڪ يوسف جي ساڳي ئي قسم جي هڪ ڪافي:

تيري نينان جادو لايا، ڪيها ڪيها چيٽڪ لايا
واريان مٺن واريان

جادو لايا جادو لايا۔ ٻيبا انهان رنگ پريان
(سچل)
اڇا رنگ لايا گوڙها رنگ لايا۔ ڍولڻ تيريان رمزان
رنگيليان رس پريان
(نانڪ يوسف)

نانڪ يوسف جي هينين ڪافين ۾ سچل سرمست جو رنگ جهلڪا پيو ڏئي ۽ صاف پيو ڏسجي، تہ اهي ڪافيون سرمست جي اثر هيٺ لکيون ويون آهن:

غير خدا حق ناهين يار ناهين
اهو ساڳيو آهين پاڻ سڃاڻين
اڇي صورت آدم ۾ ناهہ لکين ٿو ناهين
گنگا جمنا دوارڪا ڏس، ڪعبي ڏي ٿو ڪاهين

پنهنجا حڪم ٿو پاڻ هلائين، يار آءٌ تہ ناهيان وچ ۾
ڪفر ۾ ڪٿ ڪافر ڪارو ڏوهہ ثوابن ۾ آ نيارو
سڀ رانديون يار رسائين.

❋

سو لک بازيون برهہ سنڌءِ جون
ناهہ لکين ٿو ناهين تون

❋

ڪڏان ڏوهہ ثواب دي ڳالهين، ڪڏهان تسبيح تالي وهوا
ڪڏان مشرڪ مومن ملحد، ڪڏان مرد موالي وهوا
ڪڏان جٽيا تلڪ لڳيندا، ڪڏان لئيندا لالي وهوا

مٿي ڏنل ڪافين جي تڪرن، توڙي ٻين ڪيترين سنڌي توڙي سرائڪي ڪافين مان نانڪ جي ڪلام تي، سچل جي رنديءَ ۽ سرمستيءَ جو رنگ چاڙهيو پيو آهي. اهائي ٻولي، اهي ئي محاورا، اهي ئي ٻي ٻيا اظهار جا طريقا، اهي ئي مترنم ۽ والهانہ رقص جي موسيقي رڪندڙ گهاڙيتا نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ ملندا. جيڪي سڀ سچل جي شاعريءَ جا ڳڻ آهن.

## سياسي حالتن جو اثر

نانڪ يوسف جنهن افراتفري ۽ غير يقيني حالتن جي دؤر ۾ پيدا ٿيو ان جو ذڪر هن کان اڳ اچي چڪو آهي. اهو دؤر سنڌ جي ورهاڱي کان وٺي سنڌ جي شڪست تائين پکڙيل آهي. ان دؤر ۾ غداريون ۽ وساهہ گهاتيون بہ ٿيون، تہ بهادر

سورمن سرن جا سودا بہ ڪيا. نانڪ يوسف جي شاعريءَ بہ ان دؤر جو اثر قبول ڪيو. هڪ ڳالھ جيڪا چٽي ۽ پڌري آهي اها آهي نانڪ يوسف جي شاعريءَ ۾ انگريزن خلاف ڏڪار. ڪٿي اها ڏڪار سڌي سنواتي اظهار ۾ آهي، تہ ڪٿي وري بد دعا يا پيشن گوئي جي طور تي.

نانڪ يوسف جا خيرپور جي ميرن سان سٺا ناتا هئا. روايتون آهن تہ مير علي مراد خان ننڍي عمر ۾ ئي سندس عقيدتمند ٿيو ۽ پاڻ کيس دعا ڪئي هئائين. مياڻيءَ جي لڙائيءَ وقت مير علي مراد انگريزن جي پاسي هو پر نانڪ يوسف انهن ناتن ۽ مير علي مراد جي ڏنل جاگيرن، توڙي ٻين رعايتن کي پاسيرو رکي، کليو کلايو انگريزن جي خلاف ڏڪار ظاهر ڪئي آهي. اها وڏي همت ۽ جوان مردي آهي. هن جڏهن انگريزن کي سنڌوءَ جي سير مان ويندو ڏٺو تہ چٽي ڏنائين:

فوجان فرنگين سنديون گم ٿينديون منجھ غار

جي پڻ پاس انهن جي سي خارج ٿيندا خوار

بيتن ۾ نہ رڳو فرنگين کي، پر انهن جي پاسي ونڻ وارن کي پڻ بد دعا ڏنل آهي ۽ انهن ۾ مير علي مراد پڻ اچي وڃي ٿو. هڪ ٻي ڪافيءَ ۾ پڻ انگريزن کي پٽي ٿو:

دشمن تنهنجا وڃي گم ٿيئڙا، نصراني پس هاديءَ پيئڙا

ڪامي ٿيئڙا ڪاڻ

اهڙي هڪ ٻي ڪافي آهي:

ٿيو انگريز خراب، هاديءَ حڪم هلايو پنهنجو

## شعري خصوصيتون

ايئن برابر آهي تہ نانڪ يوسف، سچل سرمست جي سرمستانہ ۽ رندانہ مڪتبہ فڪر جو اثر قبول ڪيو پر ان جي باوجود هو هڪ منفرد شاعر هو. هن فن ۽ فڪر ۾ ڪيتريون ئي ندرتون آنديون. هن جي طرز هڪ نرالي طرز تي پئي. هن سچل جي شاعرانہ روايتن ۽ طور طريقن تي اڪتفا نہ ڪئي، پر انهن روايتن کي اڳتي وڌايو ۽ پنهنجو منفرد اسلوب پيدا ڪيو. نانڪ يوسف جي شاعريءَ ۾ ڪيتريون اهڙيون خاص ڳالهيون ملنديون، جيڪي سندس منفرد اسلوب جي شاهدي ڏين ٿيون. سرمست جي شاعرانہ مڪتبہ فڪر جو هي شاگرد اڳتي هلي پنهنجي منفرد اسلوب ۽ رنگ سبب ايترو تہ مشهور ۽ مقبول ٿيو جو پوءِ ڪيترا

شاعر سندس شاعريءَ جو اثر قبول ڪرڻ لڳا. جن مان: غلام حيدر فقير شر, مينگهو فقير ۽ قائم فقير اهم آهن. نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ شاعرانٽي موسيقيءَ جو هڪ عجيب ۽ نادر قسم ٿو ملي, جيڪو ڪانئس اڳ تونڙي پوءِ جي شاعرن ۾ موجود ڪونهي. البت سچل جي شاعريءَ ۾ ان جا ڪجھ اهڃاڻ ملن ٿا. اهو آهي نرت-تال. ايئن ٿو لڳي, ڄڻ اهي ستون بيخوديءَ ۾ والهانہ قسم جو سرمستي ناچ ڪندي چيون ويون آهن ۽ انهن ستن جي لفظي اُچارن جو لاھ چاڙھ ناچ جي قدمن, طبلي جي تال, يا دهل جي آواز سان هم آهنگ ٿي ويو آهي:

تولي لوڪان تيڏي مٺن تولي- روز ازل پوليان دي پولي
ٿاٿا ٿاٿا ٿيا, عشق انا الحق نگاهان

هن ڪافيءَ ۾ بہ والهانہ رقص جي موسيقيءَ جو تاثر ملي ٿو:

ٿا ٿا عشق نچايا ڪر ڪي ٿيان ٿيان
النيان سلٽيان بازيان ڏيندا
مشڪل سمجھڻ پيان.

هيٺين ٻولن لاءِ روايت آهي تہ نانڪ يوسف وچ بزار ۾ ڇيريون پائي, نچندي ڳايا هئا. انهيءَ ڪافيءَ جي گهاڙيٽي ۾ ئي نرت تال جو اثر آهي:

وھ ديکا هي اسرار برھ بازار, تماشا پل پل ڪا وهوا
مٺن جائون گي ٻلهار, هماري يار, حسن ڪي جهل جهل ڪا وهوا

نانڪ يوسف جون بہ مقبول ڪافيون بہ ساڳيوئي اثر رکن ٿيون:

هم گرو جي هم گيان, نانڪ لڇمڻ ميرا نام

❊

ڏو پڙ ۾ ڏيو سڄن ڏو پڙ ۾ ڏيو
عشق سندي آڙاھ ۾, ڏي تاھ تنگڙ تپو

هڪ ڪافي جيڪا رڳو لفظي ترنم جي سهاري لکي وئي آهي. ان جو مثال ڏيڻ ضروري آهي:

اگن گگن گم گرجت بوندن برشت پاويگا

ڪي ڪلام بي معنيٰ, پر مترنم لفظن تي ٻڌل آهن ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي تراني جي طرز تي آهن جيئن:

تومر توتن در تو ديد داني _ تو ديد داني تو ديد داني
تا تمر تراني
تنار پتاني تي تان نانا نونمر نونمر
پريمر تا تي تي تاتا يئي يئي تنرا تنت تار تار
تو رتي باجي ڪا نانا گهن گهن گهونمر گهونمر

ان ڪلام پڙهڻ سان لڳي ٿو ته نانڪ يوسف کي ڪلاسيڪي سنگيت سان گهرو لڳاءُ هو. هڪ ٻيو اهڙو ڪلام آهي:

ڪاري ڪاري رين دائون، دري درک نين، پيا بولي بين
تن تن تاريء ري پياري ري پائي
بر شت بر شت لرجت لرجت گرجت گهن گهاري
جهنڪت جهنڪت ڏنڪت ڦنڪت ڦن ڦنڪاري

مٿئين ڪلام ۾ ڪجهه لفظ با معني آهن، ڪجهه مهمل، پر لئي جو احساس آهي. اهڙو هڪ ٻيو ڪلام:

جهن نا جهن نا ناچ نچاوت، گاوت چغلت چغلت جاوت
مئن من پاوت پايو

※

آهي تومر تومر تن اندر تانا تانا
ڏي ڏي ديهه ڏيمر ڏيمر
تاتات تئي تئي پريمر نچيا
گگن تو گرجت بدرت برجت _ ماتا جيئڙو درجت چمڪت
گجرت ڪاڪا ڪاڪا سن ڏن انحد ڏيا

۽ ائين سڄي ڪافي موسيقيءَ جي تال ۽ طبلي ۾ آواز جو تاثر ڪٺي بيٺي آهي. نانڪ يوسف ننڍي هوندي کان ئي ڌمال جو شوقين هو. ڌمال کان کيس شريعت جي پابند والد روڪيو هو. تي سگهي ٿو ته ان وقت ڌمال يا ناچ جو شوق سندس لاشعور ۾ دٻجي ويو هجي، جيڪو پوءِ سندس ڪلام ۾، انهي والهانه رقص جي تاثر رکندڙ شاعريءَ ۾، اوچتي من اڇل جيان، اُڀري آيو هجي. نرت تال کان پوءِ نانڪ يوسف جي ڪلام جو ٻيو ڳڻ آهي، سندس شاعريءَ ۾ موسيقيت "ناچ، ڏن" جو گهرو تاثر.

نانڪ يوسف وٽ اهو لفظي سر جو تاثر پنهنجي همعصر توڙي اڳ جي شاعرن مان سيني کان اڳرو آهي. نانڪ يوسف لفظي نغمگيءَ جي باري ۾ انتها پسند آهي، جو ڪٿي ڪيترائي مهمل ۽ بي معنيٰ لفظ رڳو موسيقيءَ جي تاثر ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيا اٿائين. ڪٿي تہ سٽن جون سٽون، بندن جا بند، تان جو سڄيون ڪافيون مهمل ۽ بي معنيٰ لفظن جو ميڙ آهن. پر اهي موسيقيت جو هڪ لطيف اثر ٿيون ڏين. ڪٿي ڪٿي قافيي مان موسيقيت جو تاثر پيدا ڪيو اٿائين جيئن:

سهڻي زلف معشوقان ديہ وھ مٺن دل اٽڪي
ڪنڊي ڪاري پيچ ولوول، آڪر اٽڪي مٽڪي
ڪؤن انهان نون موڙي هوڙيہ ڏنون سٽڪي سٽڪي
يوسف زلفان دام جهين دل ساڪين ڦٽڪي لٽڪي
ڏڙ ڏڙ ڏڙيون، چل چل چوليون، گهور ڪرن جي گهريون
حسن معشوقن فوجان چٽڪيون، بيلي طرف عشاقن پهريون

بحر لهر جان موجان ڏڙيون
پاٺهي پاڻ سان ڪڙڪا ڪڙيون
بيلي مشڪل سمجهڻ مان هي، دم هادي اسرار منهنجو

هيٺين سٽن جي نغمگي ڏاڍو اونهو تاثر ٿي ڇڏي:

بچوهي بشيهر نپڪي پر گهٽ گهٽ ڦرڪي ڦريگا

❊

سڀ سکيان مون هير ڏنگي، دک نيهہ برهہ برسايا

❊

جهگ مگ جهمڪي دامني، چمڪي ديهہ سون دنگ لايا
بوندن جهرمر جهور جهڪور بجلي ديک ڊرايا
گگهہ گگهہ گهور گروڙ تڪوران بادر ڪاجر ڪائي
چمن چمن ۾ پئي گلڪاريہ رانجهن بين بجايا

❊

هن ڪافيءَ ۾ ترنم ۽ نغمگيءَ جي عجيب ڪيفيت آهي:

آيا حضرت عشقا آيا، آيا رنگڙا لايا هئہ
جهان نان جهومر تنانا تان تن اندر مچ مچايا هئہ
دن دن ڏنڪا نورا نيور باجن باج سنديا هئہ
انحد گهوري گهور تڪوران برهي باغ بنايا هئہ

هيٺين ڪلام ۾ قافئي ۾ "ڙ" جي استعمال سان موسيقيت پيدا ڪئي وئي آهي:

تن آگ لڳي جيءَ ٿڙڪي، باهہ برهہ دي پڙپڙ پڙڪي
چقمق چڻگان باهر پنيان، جهگ مگ جهڙ جهڙ جهڙڪي

ڪن سٽن ۾ بيساختگيءَ ۾ موسيقيءَ جو گڏيل تاثر آهي:

لايان برهہ بهاران، بادل برسن چمڪي بجلي
گهن گهن گهنگهور سيون
پونٽري چونٽري ويس گلابي، ڪيا هي جلوا آفتابي
ڪيهي ڪيهي شور شرابي، هي اور انهان دل دوڙ سيون

هن ڪافيءَ ۾ قافئي جي عجب سناءَ وسيلي موسيقيءَ جو تاثر قائم ڪيو ويو آهي:

دل نون تانگهہ وطن دي گهٽيري
چٽڪي چٽڪي سو چٽڪ رهي
سوز فراقئون آهان آهان... زلف معشوقان وچ نگاهان
لٽڪي لٽڪي سو لٽڪ رهي

۽ سڄي ڪافيءَ تي قافئي جي اهو عجب سناءَ نغمگيءَ جو اثر ٿو ڇڏي

نانڪ يوسف وٽ موسيقيت جو هڪ ٻيو قسم آهي. اهو انوکو بہ آهي تہ عجيب پڻ. اهو آهي "ذڪر جو ترنم" ذڪر ڪرڻ وقت ذاڪر "الله هو". "هو هو" جو ورد ڪندا آهن.

نانڪ يوسف هڪ ڪافيءَ ۾ انهيءَ ذڪر جي لئي کي جهٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

الله هو الله هو الله هو هو هو هو
حرف الله وچ هو سچائي دل دريا ڏو ڏو ڏو
ڇاتي ماني دم نہ مانڊاٽا دم دم نال گهو گهو گهو

نانڪ يوسف جي ڪلام جو ٽيون ڳڻ آهي، قافئي ۾ لفظن جي تڪرار تي وڌيڪ زور ڏيڻ ۽ ان شعر ۾ بيساختگي، بي اختياري ۽ ترنم جو اثر پيدا ڪرڻ. اها خصوصيت بين سنڌي شاعرن وٽ نہ آهي، پر نانڪ يوسف کان اڳ رڳو ان جا اهڃاڻ ملن ٿا. نانڪ يوسف وٽ ان جا ايترا تہ گهڻا مثال آهن، جو سنڌس سڄي شاعريءَ تي ان جو اثر ڇانيو پيو آهي. نانڪ يوسف کان پوءِ ايندڙ شاعرن وٽ بہ ان قسم جو ڪلام ڪٿي ڪٿي ملي ٿو.

هڪ ڪافي آهي:

پالڻا هئہ ننگ پالڻا هئہ محبوبا ننگ پالڻا هئہ
وو نماڻيان داري غريبان داري
روز ازل ڪنون مئن نماڻي، در تيڏي تي آ وڪاڻي
نالڻا شوقئون دل نالڻا هئہ

سڄي ڪافيءَ ۾ پالڻا، نالڻا ۽ اهڙن بين قافين جو ورجاءُ آهي:

سهيون ڪيها ڪيها ڪيهڻ ڪيها
عشق الهہ شهزور وڪيندا۔ زور وڪيندا
اول جسم دي پل۔ سر ستيندا شهہ وچ نيندا
هي ايها ايها ايها ايها، جور جفا جور وڪيندا

هيئنين ڪافيءَ ۾ قافيي ”حال“ ۽ ان کان پوءِ ”حالڻا“ ۽ ساڳي طرح بين قافين جي استعمال مان پيدا ٿيندڙ تاثر ڏسو:

قول پلا تون اپالي مال پال پالڻا
معلوم تجهہ ڪون همارا حال حال حالڻا
صاحب سانچي تم هو ماتجي تيري وئي
سات ميري تم ڪمار فار وال فالنا

هن ڪافيءَ ۾ قافيي جي تڪرجي ڪيفيت ڏسو:

آتما عشق غيبئون بولي بولي لولي
اولي لهرلي جاوان
ظاهر باطن حق هادي حق سچ سبحاتا سوڪ گيا شڪ
اولي نهين او يار بينا چولي چولي چولي
اولي گهولي جاوار

*

هن ڪافيءَ ۾ بہ هڪ انوکو قافيو آهي ۽ ان جو انوکو ورجاءُ آهي:

سهڻيان دي نين ڪريندي ديکو نگڙي نگڙي نگڙي
دل اگڙي

نانڪ يوسف جي ڪافيءَ ۾ هڪ ٻئي انوکي قافيي جو مثال ڏسو:

گم هوڪي ويک نظارا، آپ سارا، محبوب ڪي صورت ۾
برهين بيخود هوڪي، جند جان ڪنون هٿ ڌوڪي
پيچي مارين نينهن دا نعرا، اناالحق وارا محبوب ڪي صورت ۾

انهيءَ قافيي جي بي ساختہ ورجاءَ جا ڪيترائي مثال ڏيئي سگهجن ٿا. نانڪ يوسف جو اهو اسلوب بہ منفرد آهي. نانڪ يوسف جي ڪيترين ئي ڪافين جي استائي تمام ڊگهي ٿيو وڃي.نانڪ يوسف جي ڪافين جي استاين جيتريون ڊگهيون استايون شايد ئي ٻين شاعرن جي ڪافين ۾ لڀن.

نانڪ يوسف جي ڪلام جا گهاڙيٽا گهڻو ڪري اهي ئي آهن، جيڪي سچل جي ڪافين جا آهن، پر تنهن هوندي بہ نانڪ يوسف جي ڪافين جون ڊگهيون استايون سندس گهاڙيٽن کي نواڻ ٿيون ڏين.

نانڪ يوسف جي ڪلام جو هڪ گهاڙيٽو آهي "ٻاٽي" اهڙيون سانيڪو کن ٻاٽيون سندس ڪلام ۾ آهن ۽ انهن جي ٻولي صاف هندي ناهي، پر هندي آميز سرائڪي يا سنڌي آهي. انهن ۾ هڪ ڳالهہ نئين آهي، اها آهي بحر جي تبديلي. گهڻو ڪري سيئي ٻاٽيون هڪ ئي وراڻيءَ واريون آهن جيڪا آهي "واهہ گروجي شاهہ درازي" ۽ انهيءَ کان پوءِ مثنويءَ جي قافيي جي ترڪيب استعمال ڪيل آهي.جنهن ۾ هر بہ سٽون هم قافيہ آهن. بند کان پوءِ وري ساڳي وراڻي ورجائي ٿي وڃي. ان ۾ ڪٿي ڪٿي ساڳيو بحر "واهہ گروجي شاهہ درازي" آهي، ۽ ڪٿي ڪٿي مختلف بحر استعمال ڪيل آهي جيئن:

مانگه ۾ رب جهات آپ نفي اثبات
لهر بحر کي لات ويک سچي ثبات

۽ ان کان پوءِ وري ساڳي وراڻي آيل آهي. اهو سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئون نڪور تجربو آهي.

نانڪ يوسف بہ سچل سرمست وانگر فارسي بحر وزن جي اثر هيٺ، قافيي جي غزل واري سٽاءَ تي ڪلام چيو آهي، پر ان ۾ ڪي بحر اهڙا استعمال ڪيا اٿائين، جيڪي سچل سرمست وٽ نٿا ملن جيئن:

دم دم اسان ڏي دل تي سڄڻان دبان ڳلهيان
يڪ خيال ياد مئن نون محبوب واليان

سچل سرمست بہ ميٺيون وزن استعمال ڪيو آهي، پر، ان ۾ رڪن جو تعداد ۽ مستزاد جو نمونو نانڪ جي نواڻ آهي:

پريں پانهنجي رحم سان تار تارن
اجارن سيهہ دل مهر مئن نهارن
پسي پس پلن ڪئون تہ آخر پلائي

هن ڪلام ۾ ڪافيي جو استعمال ۽ تڪرار وڻندڙ آهي.

هئہ هئہ اسين نہ ڄاڻون، ڇا تان ٿيو ٿيو
هن دل کي درد ڪهڙو ويڙهي ويو ويو

نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ سنڌي شاعريءَ جون صوفياڻيون روايتون موجود آهن، پر هن تصوف جي پيچيدگين کي شاعريءَ ۾ آڻڻ لاءِ پراڻا ۽ روايتي طريقا بہ استعمال ڪيا آهن، تہ پنهنجي لاءِ نت نوان رستا پڻ گهڙيا آهن.

شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين شاعرن "سامي"، "گور کنات"، "گنگا" ۽ "رام" جا اهڃاڻ هندي شاعري توڙي ديومالا مان کنيا آهن، پر نانڪ يوسف انهن سيني اهڃاڻن کي استعمال ڪندي بہ سکن جي مذهب مان شاعراڻا اهڃاڻ چونڊيا آهن. هن جي شاعريءَ تي اهو اثر سندس امرتسر جي سفر جو ٿو ڀانئجي. سندس ڪي شعر روايتي اهڃاڻ وارا آهن. جيئن تہ:

ڪاٿي مورک مسخرو سو خلق کلائي
ڪاٿي دانهہ درس آ ڪٿي هنر هلائي
ڪاٿي اناالحق جا ٿو طبل وڄائي
مرسل صورت سيڪا توڙي تلڪ لڳائي

❊

ڪاڏي گنگا جمنا دوارا ڪاڏي طرف ڪعبي ٿو ڪاهين تون.

انهن روايتي اناالحق ۽ ڪعبي، گنگا جمنا جي اهڃاڻن کان اڳتي هلي، سندس شعر تي امرتسر جي سفر جو اثر اجهو هيئن ظاهر ٿو ٿئي:

گرو گوبند تئون پلهاري جس گيان بتايو وهوا
ستگرو ستگر ڪي جاڻي، جاڻڻهار گروهر ياڻي
پائي گروڪي ريت پياري تس ڏيان لڳايو وهوا

٭

نانڪ يوسف يار غريبي، واٽ وٺڻ وبچار
ڏيان سچي گرچرنين لايو حاضر همدم يار

٭

آ پن پنج تت برما، آ پن چاري گوبند پياري جي
ميخانہ بت خانہ ڪعبہ گنگا ناڪر دواري جي
پائي عشق بنا دل ايوڳي، توڙي ڪاشي جمنا جاسي

ٻاڻين ۾ چوي ٿو:

نانڪ ڪهتا وينتي، ستگر ڪي پرساء
وچن گروڪا ڪهون گي، آڳي سنگت ساءُ
وچن گروڪا سانچ هئي، سانچا من پرساهہ
سانچ مئن نون ري سکي، سانچي ڪا سچ راهہ

هن ڪلام ۾ شيام جو اهڃاڻ آهي:

همدم حڪم سناويگا شيام سندر ڪي پار وهي منجهہ
لحمڪ لحمي، دمڪ دمي، ڪهيا ڪؤن سناويگا
نانڪ يوسف يار دمادم اناحق ناد بجاويگا

مٿئين ڪلام ۾ شيام جو اهڃاڻ بہ آهي تہ ”لحمڪ لحمي“ ۽ ”دمڪ دمي“ جهڙيون صوفياڻيون رمزون بہ آهن. هندي شاعري جي روايتن کي سنڌي تصوف سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي.

هڪ ٻئي ڪلام ۾ آهي:

ستگران ڪي مئن دامن لڳڙي
گرمک سانچي وانچا

هڪ ڪلام ۾ بندرابن جو ذڪر آهي:

اي بابو بندرابن ۾ بنسري باجي ري
گگن گر جي ري

هڪ ڪافيءَ ۾ سڌو سنئون ٿو چوي:

پائي رام رام بولو ڪي ڪتي هون ڪون هون؟

٭

رام سمر پريات، ميري رام سمر پريات

مطلب تہ نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون خاصيتون ملن ٿيون جيڪي الگ اسلوب هئڻ جي ثابتي آهن ۽ نانڪ يوسف کي هڪ منفرد ۽ صاحب طرز شاعر بنائين ٿيون. تنهي ليکي اهي آهن ”ناچ تال“، ”لفظن جي موسيقي“، ”قافيي جو ورجاءُ“ سان شعر ۾ زور پيدا ڪرڻ، ڏکيون استايون، ڪي نوان گهاڙيتا، سندس شاعريءَ تي هندي شاعريءَ ۽ سکن جي ٻاڻن جو اثر. انهن منفرد خصوصيتن کان سواءِ هر وڏي شاعر وانگر پنهنجي ذاتي مشاهدي جي فنڪارانہ اظهار جا سنا مثال ٿا ملن، جيڪي سندس شاعريءَ ۾ اصليت ۽ انفراديت جو ثبوت آهن.

پائي ڪڙي ڳل ڳاري، در تيڏي يار سهڻا
ڪل الايو ناگهند پايو نال اسان يڪ واري

هن شعر ۾ ”ناگهند پايو“ انفرادي اظهار آهي. هڪ بيت ۾ مقامي ماحول جي کهڙي نہ چٽي عڪاسي ٿو ڪري:

سگر پڪا ڪنب پيو ڪڙا ڪتو ڪنبيون ڪيڙان چوڪڙا

يا هڪ بي ست آهي:

داڻي ڪيڏو درد اٿاريو قتي تيئڙا قارون سي

”قتي قارون ٿيڻ“ جو محاورو بہ انوکو آهي. هڪ هنڌ نهنائيءَ جو عجيب اظهار آهي:

ڪير پڳتي مست مولي- ناچو ننڪي باندر پولي
مئن تيريان تون اولي گهولي- سرڙا گهول گهمايا هئہ

نانڪ يوسف جو ڪافي ڪلام قلمي نسخن ۾ ريختي جي عنوان سان آيل آهي ۽ ڪجهه ڪلام هندي چيو وڃي ٿو. ان مان اڪثر مليل جليل زبان ۾ آهي، جنهن ۾ فارسي، سرائڪي، هندي ۽ پنجابي ٻولين جي آميزش آهي.

نانڪ يوسف جي هڪ ڪافي بلوچي زبان ۾ به ملي آهي. تي سگهي ٿو ته فقير صاحب جو بلوچي ۾ وڏيڪ ڪلام به هجي، ڇاڪاڻ ته سندس اباڻو ديس بلوچستان هو. نانڪ يوسف جو ڪجهه ڪلام گهٽو ڪري بحر، وزن يا گهاڙيٽن تي پورو ناهي ۽ ڪيترائي لفظ مهمل ۽ بي معنيٰ لڳن ٿا.

ائين به ٿي سگهي ٿو ته اهي ٻوليون نه ڄاڻندڙ ڪاتبن لکيا آهن. ان ڪري صحيح صورتخطي نه هئڻ سبب اهي وزن بحر يا گهاڙيٽي ۾ پورا نه آيا آهن ۽ معنيٰ نه ڄاڻڻ ڪري مهما ۽ بي معني لفظ شامل ٿي ويا آهن. پر تڏهن به اهي هن نسخي ۾ شامل ڪيا ويا آهن، جيئن ضايع ٿيڻ کان بچي وڃن.

اهڙن چند ڪلامن کي ڇڏي، نانڪ يوسف جو باقي ڪلام پڪو پختو لفظي ۽ معنوي خوبين سان پرُ آهي. ڪيترين ئي ندرتن سان سينگاريل، سر مستانه ۽ والهانه بي اختياريءَ سان ڇيل آهي.

نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ اهي سڀ خوبيون آهن جيڪي هڪ وڏي صاحب طرز صوفي شاعر جي شعر ۾ هئڻ گهرجن.

نانڪ يوسف جي انهن خوبين تي نظر ڪندي اهو محسوس ٿو ٿئي، ته سرمستي سرچشمي جو هي رند شاعر، پنهنجي دؤر ۽ همعصرن ۾ سيني کان اڳرو هو ۽ سندس مقام سنڌي صوفياڻي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اهم آهي.

# نانڪ يوسف جي ڪلام جا نسخا

## ماستر محمد موسيٰ سومري جو بياض

هي بياض سن 1901ع ڌاري لکيو ويو جيڪو زبون حالت ۾ محترم خادم حسين عباسيءَ کان مليو. هي بياض 413 صفحي کان شروع آهي ۽ اڳيان ورق ڦاٽل اٿس. هن بياض ۾ نانڪ يوسف کان سواءِ ٻين شاعرن جهڙوڪ: شاهه لطيف، سچل سرمست، بيدل، بيڪس، شاهه نصير، روحل فقير، دريا خان، مراد فقير، صوفي خير محمد هيسباڻي، عثمان سانگي، چتو سانگي، غلام حيدر شر، مينگهو شر، قائم فقير شر ۽ ڪيترن ئي ٻين شاعرن جو ڪلام پڻ آهي.

## ماستر عبدالوهاب شر وارو نسخو

هي نسخو ماستر درگاهي فقير چني 1359هه ۾ لکيو. هن نسخي ۾ ڪل 535 ڪافيون آهن. هن نسخي جا ٻه پهريان ورق ڦاٽل آهن ۽ ڪافي نمبر 154 کان شروع ٿئي ٿو هن ۾ ڪتابت جون ڪيئي چُڪون آهن.

## غلام علي مغل وارو نسخو

هي نسخو خليفي هادي بخش شڪاربوريءَ واري نسخي مان اُتاريل آهي، جيڪو سڀ کان آڳاٽو ۽ معتبر نسخو هيو ان ڪري اهو نسخو نانڪ يوسف جي ڪلام جو صحيح ۽ معتبر ماخذ آهي. اهو نسخو 1927ع ۾ اتاريو ويو.

## خادم حسين عباسيءَ واري نسخو

هي نسخو فقير خدا بخش عباسيءَ جي نسخي تان ورتل آهي. جيڪو سندس پوٽي خادم حسين عباسي اتاريو. خادم حسين عباسي، نانڪ يوسف جي ڪلام جو وڏو ڄاڻو آهي ۽ ڪيس نانڪ يوسف جو اڪثر ڪلام برزبان ياد آهي. ان ڪري هي نسخو ٻه پروسي جهڙو آهي.

## عبدالرحمان تنئي وارو نسخو

هن نسخي تي به ڪافي محنت ٿيل آهي ۽ محترم عبدالرحمان تنئي سنڌي سرائڪي ۽ ريختو ڪلام ڏار ڪري لکيو آهي ۽ روايتن تي مشتمل سوانح عمري پڻ لکي آهي، پر هن نسخي ۾ ڪلام گهٽ آهن.

## عطا محمد حاميءَ وارو نسخو

هي نسخو هوبهو عبدالرحمان تنئي واري نسخي جهڙو آهي ۽ ڪلام پڻ ساڳي ئي نموني ترتيب ڏنل آهي.

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو گڏ ڪيل مواد

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيترين ئي ڪافين کي فقير خدا بخش عباسيءَ واري نسخي تان سوڌي سنواري لکيو آهي. اهو مواد محترم خادم حسين عباسيءَ ۽ ماستر محمد بخش سومري مهرباني ڪري مون کي ڏنو.

## ماستر محمد حسين پيٺيءَ وارو بياض

هي بياض به ڪافي پراڻو ٿو ڀانئجي ۽ ان تي تاريخ لڳل ڪانه آهي. ان ۾ نانڪ يوسف، هيمن، بيدل ۽ بيين سچل سرمست جي طالبن جو ڪلام آهي.

موجوده نسخو انهن سيني سرچشمن کي پيٽي ترتيب ڏنو ويو آهي. مختلف نسخن مان جيڪا پڙهڻي مناسب ۽ صحيح لڳي، اها اختيار ڪئي وئي آهي. حاشيي ۾ مختلف پڙهڻيون نه ڏنيون ويون آهن. جو ان سان پڙهندڙ کي مونجهارو ٿو ٿئي ۽ معياري متن جو تصور ختم ٿي ٿو وڃي.

# سنڌي بيت

اڪ وچڙي مڪ سان، بندوق ڪيو تڪاءِ،
ڪوڙا سپ ڪري پيا، سچن لڌو بقاءِ،
لوڪان منجھ لقاءِ، ٿيو نيڙي يوسف يار جا.

٭

ائين پڻ پنڌ الله جو ابتي سستي سچ،
پوءِ وسڻ ڪي ويجھڙو بڪ ۾ پائنس رچ،
پنڌڻ پائي ڪانڪا، سيڪا پائي جج،
درد ورهه ريءَ وانڙي ڏوڙ ڏرم ۾ پيچ،
نانڪ اڪين اچ، آهي يوسف يارن هڪڙي

٭

اچ اڪين ڪي آءِ، نانڪ عين محمد،
سمجھي ڏس اندر ۾ معني، نانڪ نالو ناءِ
نفي اثبات ونج تون، نيٽئون زير زير دل لاءِ
وفي انفسڪم فرقانئون، بر حق قول خداءِ
يوسف ياري آءِ مرشد نيٽن نينهڙي

٭

اڄٽو چاتو جن، ڏڪ ڏيئي ڏس ڏيل ڪي،
سور اٿاريو سرت ڪي، ساز سريا من تن،
بيخود بحر عميق ۾، ٿا ڪوڙين ڪيرت ڪن،
دل دردئون واجھ وجھن، نانڪ يوسف يار جا.

❊

اجڻ سجڻ آهيان، ڪوڙين عيب اندر
تون سرپوش سچا ڏڻي، تون والي آن هر پر،
عاشق عاجز تو مٽي، هجين گهوٽ سدا تون گهر،
توريءَ اقرب اوڏڙو مون دل ناهه مگر،
جاني هن جمروت ڪئون، توبه تائب اپر،
يوسف ياري سر، مرشد شهر دراز ۾.

❊

اديون عشق الله جو شال هجي سڪ سر،
دعا ڪيو مون جيڏيون، روزان روز اپر،
گهوٽ اچي مون گهر، هي سرگهوران گهوريان.

❊

ابتڙي اوڙاهه ۾ جيڪو اچلي آپ،
جو آيو اوڙاه ۾ سور نه تنهن کي تاپ،
يوسف ايءُ سراپ، آيو عشق عجيب جو.

❊

ابتڙي اوڙاه مان جيڪو ڪيندو ڪر
اونهو سر الله جو سو پڻ پروڙيندو پر،
يوسف يار اڏر، ڏاڍو پنهنجو پاڻ ڪئون.

❊

آءُ ته گهوري ان تئون، محبت موهيا جي
لکن منجهئون لئون وارا، لعل ليندا ڪي.
آسڻ ان سورن ۾، هردم هوندا سي،
يوسف يار سيبي، عاشق ويا اوڏهين.

❊

مون تن جنجي تار، سي تار ڪشن ٿا تار مئون،
قلب ته ڪش معشوق جي، ساهن ڳنڍڙي سار،

عمر اجائي ائين وڃي ٿي، غفلت منجهه گذار،
هي تان ڪاتي ڪونہ ڪو جيءُ جڳائن يار،
تنهن هردم سار سنڀار، آهي نانڪ يوسف يار ڪي.

❊

گوندر تون گلزار، تنهن جي رمزين ڪو رهي،
اندر ٻاهر سوجهرو برهہ بسنت بهار،
نانڪ يوسف يار، هڪ تون گهرجين دوست مون.

❊

گوندر گذارين، ڪيڻ ڪنهن سان ڪين ڪي،
ڳالهہ پروڙي ڳجهہ جي، هئہ هنجون هارين،
نانڪ نهارين، يوسف راهہ رسول جو.

❊

گوندر گڏ عقل، ڪڏهن ڏنوسين ڪونہ ڪو
پڇي عشق عقل کي، ٻڌجي ويو کلکل،
اندر ٻاهر آهہ سو پول نہ ٻئي ڪنهن پل،
نانڪ نينهن اصل، يوسف ياري يار جي.

❊

جو ڄاتو سو ناٿہ آهي منهن مقابل سپرين،
چاڻ پراهون پاڻ ڪئون، ڏيهہ ڏنو جن ڏاهہ
ساڙج سرت اجائيا، ڏيئي برهہ جي باهہ
نانڪ يوسف ناهہ يار ڇوڙڻ ڪئون اوڏڙو.

❊

پري پيريءَ جو ٿئين، بزرگيءَ ڪئون بر،
ڇڏي تسبيح تال جي، گهير عشق جو گهر،
دور دڪانن ڪئون رهين، سمجهہ سريءَ جو سر،
مڪر مصلا گودڙيون، ظاهر اٿي ضرر،
پيا سپ ساڙ فڪر، نانڪ يوسف يار ريءَ

❊

عاشق ان احوال ۾، ناهي تفاوت تر،
”خلق الاشياءَ فهو عينها“، پاڻئون سڄاڻج پر،
دل ڏسي ديوار مئون، وٺي نانءُ نگر،
ڳالهه سچي سچ يار جي، عاشق نه پانئج ار،
آهي منجهي ئي مر، نانڪ يوسف يار جو.

❊

تو ۾ تنهنجو تال، ساز وڄائين، سرت جا،
ساڙج سرت عقل جي، عاشق وٺ احوال،
طلسم سير ڏسڻ ۾، نقش رنگي رهوال،
موهيا موهه عميق ڪي، سرت عقل سر حال،
هي هڪڙو خاص خيال، نانڪ يوسف يار جو.

❊

مون ۾ عيب عميق، تون ڏاتار ڏڏن جو
هادي هدايت جو ڏٺي، راحم رمز رفيق،
تڪيو تو ريءَ ناهه ڪو توڪل شاهه شفيق،
يوسف يار حقيق، تنهن جا موهن مرڪ مون.

❊

مون ۾ عيب اپار، آهن اڪيچار ڪي،
ناهي ڳاڻاٽو ڳڻيان، بديون بي شمار،
پاڻ نه پانئيان پانهنجو تر نه تو ريءَ وار،
هئڻ تنهنجو تون سدا، آهين بسنت بهار،
تون هنسين تون روئين، تو گويا تون گفتار،
نانڪ يوسف يار، تو ريءَ تڪيو ناهه ڪو.

❊

مون ۾ عيب ائين، چوڻ چارو ناهه ڪو
پوڙيون پر تقصير جون، ڪيون معاف مبين،

توکي پرتو سپ پرين، جاني يار جئين،
يوسف يار ڏئين، دلاسو دلگير کي.

❊

عيبدار اجاڻ، آءُ پڻ آهيان اي ميان!
هر نقطي هر حرف ۾، تون پرين آهين پاڻ،
مون من موهي مست ڪيو، سندو روح رهاڻ،
مڪا مسجدون مڙهيون، سڀ تنهنجا سير سڃاڻ،
سچا يوسف ساڻ، يار نہ توريءَ ڪو پيو.

❊

عاشق ٿيو نہ اداس، اسين توسان آهيون،
دم دم تنهنجي درد جو هت ناهہ نهان ڪو ساس،
آهيون دل عشاق جي، ڏس پاس مؤن انفاس،
يوسف هڏ رت ماس، آهي يار ڀارانو هيڪڙو.

❊

عاشق ۽ معشوق جو آهي ياراڻو هڪ،
آيو عاشق نانءُ ۾، خود ڪري لڪوتي لڪ،
تان ويهي مور نہ وڪ، ڪر يوسف نالان نينهن جون.

❊

دم دم نالان نينهن جون، خوش محبوبن من،
صبر صلاح عقل جي، غازي گوش نہ ڪن،
صلح صلاحان ظاهري، ٻنهي جهانن ٻن
عشق اصل ڪؤن هيڪڙو بي رنگ صورت جن،
عشق اجهاڳ اندر ۾، ٿي هي سر سمجهو ڪن،
سي ٻيئي ڏيئي ٻن، ٿيا گم يوسف يار ۾.

❊

مالڪ ملڪ ميان، هادي هيٺن جو ڏٺي
هيٺي حال اوهان ڳري، دم دم آهہ عيان،

تہ هجان هميشه تيڏڙي، حاضر منجهہ هِنيان،
هئڻ هلڻ من جو تنهنجي ترهہ جيان،
تو ريءَ محض ميان، هيڻن هادي ناهہ ڪو.

❊

مسڪينن مدام، آهي هادي هيڻن عربي،
شافع شاهہ عشق جو، آهي در درازين دام،
ياور يار يتيم جو آ مير محمد ڄام،
سو سو تنهنجي پار ڏي، يوسف ساهہ سلام،
نانڪ ناهي نام، ڪلمي ڳوليهيو ڳالهڙي

❊

تون هادي همراز آن دائم دردمندن جو
تو ريءَ وس نہ واهہ ڪا، هر قبلي هر باز،
ننگيون ابرو اوچتو ڪري عشق سندو آغاز
ڪستوريون خوشبوءِ تي، مشقؤن شهر دراز
نانڪ يوسف ساز يڪ يار اوهان جي عشق جو.

❊

عاشق پاڻ اڏاڻ اوڪي پاند نہ وچ اچين تون،
خيال هاديءَ مهديءَ ڪؤن، مستيءَ منجهہ مچين تون،
راتيان ڏينهان اندر اهائي، پرين پرت پچين تون،
پاڻ نہ جاڻج حق سڃاڻج، نگهہ رنگ رچين تون،
رک نگاهہ نگاهہ ۾ گام نہ گل گچين تون،
پير مغان جي در تي يوسف، نانڪ نينهن نچين تون.

❊

ليڪن ليڪو ناهہ ڪو عشق اڻانگو پنڌ،
نفي لنگهي اثبات ڪئون، اڳيان راهہ برهہ جو رند،
ڪسندي ڪسجن ڪينڪي، هينئن ڪاتيءَ ڪنڌ،
حق سان هلي نہ ڪنهن جو فڪل فريب نہ قند،
سوجهي لهن سڌ، نانڪ يوسف يار جو.

❊

جي وهان ٿي وير ۾، تان ٿئي ٿو هي نہ ٿڪاءُ،
وير ورائي سير ۾، اونهو عشق لقاءُ،
هي پڻ رهي ڪونہ ڪو جي سارو تو تان سماءَ
وڻ وڻ وائي هيڪڙي پريںءَ جو پڙلاءُ،
نانڪ يوسف نانءُ، بلڪل پنهنجو پاڻ ۾.

❊

سلڻ آهي ساهہ ڪي ڳالهہ اٽانگو ڳجهہ
پنهنجو پرجهج پاڻ ۾ ڏس ڪٽي تان ڳجهہ
رمز هڪا رڪ روح ۾ راهہ نہ ٻئي ڪنهن رجهہ
ٻولي ٻي نہ ٻجهہ نانڪ يوسف يار ريءَ

❊

ليڪن ليکو ناهہ ڪو اُلٽو برهہ بيان،
دم دم دل ۾ دانهڙيون، اڏما درد ديوان،
لاالله ڪئون اڳي عشاقن، جوش جبر جولان،
ساڻ شمشير عشق، ديو مارن دوفان،
ڪل يوم هو في شان، عشق الهہ نئون شان،
ڪوڙين ٿيا قربان، نانڪ يوسف يار تان.

❊

غم وهم اندوهہ ۾ تا عاشق گذارين،
سندي پريںءَ پار ڏي نرتئون نهارين،
هنجڙيون هارين، روبون روبون رت ڦڙا.

❊

سڪ جني جي ساهہ ڪي، سندي سپرين،
هڪ ٿيا سي هوءَ ۾ ڏئي ٻيائي ٻن،
محبت رکيائون من، واصل ٿيا وحدت ۾.

❊

سڪ جني جي ساھ ڪي، سي پڻ سچاتا،
ڪچن ڪنهن سان ڪينڪي، وحدت منجھ وطن،
مرد سيئي مرڪن، جن کي عشق الله جو.

❊

نماڻيءَ جي نجهري، آٽيندن الله،
جن جي جولان ۾، انئي ٻھر ارواح،
دلبر تون داناھ، مهر ڪندين مسڪين تي.

❊

محبوبن جي مهر ۾، عاشق سدا بهار،
پرينءَ هيئن فرمايو ونگو نہ تن جو وار،
حاضر ناظر آهيون، هِت هُت نور نظار،
وهو معڪم اينما ڪنتم، دل ۾ پس ديدار،
گم ڪر هستي حال ۾، عشق سندو اسرار،
يوسف سچو يار، سو جو پاڻ نہ ڄاڻندو.

❊

ڄاڻ پنهنجو پاڻ کي، هيءَ خرابي بس،
ڪير هلي چلڻ ۾، رمز اها ڏس ڏس،
خالق آهي خلق ۾، حڪم نہ ڪنهن وس،
ڳالهہ ڳجھي ڳجھ عشق جو، آهي عاشقن گس،
ٻي دوئيءَ کي دس، يوسف يار جئين سدا.

❊

تحقيقئون تڪرار، تون آهين تون تو وسين،
هر صورت ۾ سپرين، آهي سندو اِسرار،
بر تر باغ بهاريا، سهڻو سڀ سينگار،
پرتوو پرين تنهنجو جيئن سورج جو جهلڪار،
يوسف دل ديدار، هادي هر دم تو وسين.

❊

مان مان تون ترن ۾ تون هين تون هين تار
ملڪ فلڪ آ خلق ۾ گيا تو گنتگار
يوسف سمجهيو يار توهؤن توکي تو پربن

❊

ول چل ڪيون ڪهڙا تو پهرين پوشاڪون
هو هوا مؤن الف ٿئين آدم دم خاڪئون
سڀ ڪنهن صورت سوجهرو ٿيو نورنبي پاڪئون
احمد احمد آن تون لائق لولاڪئون
اندر اوطاقون يوسف يار اوهان جون

❊

هرڪو ڳولي اُن کي عاشق ڳولن رب
دنيا ڏوتيءَ جي ولوتيا ڪارا تن قلب
سارو ان مطلب جي يوسف هوندا يار سان

❊

جيئن جيئن ڳولن اُن کي آهي الله ڳولن تيئن
ونحن اقرب اوڏڙو آهي الله دل جينءَ سينءَ
وفي انفسڪم حق فرمايو هينئن
سي ٻئي بن هوندا ڪيئن جي يوسف ريڌا رام سين

❊

هو جي حرف صحيح ڪري هاهوت ۾ باهوت
هي سڀ حرف عشق جو ناسوت ۾ ملڪوت
ٻوتا پور پربنءَ جي جابر ۾ جبروت
يوسف يار آ ڏوت مليا من بهار ٿيو

❊

راتيان ڏينهان روح ۾ آهي سڪ هادين جي سر
اڏما عشق عجيب جا لهريون لس لهر

آهي امید الله ۾، مان ملن ڪنهن پر،
وس نہ مون من پانهنجي، بيوس ماءُ مگر،
آءُ ابهرو ميم لئہ والي پوندو ور،
سڀ اختيار انهيءَ جو آهيان نانءُ نڌر،
يوسف يار نہ ڪر، نا اميدي عشق ڪئون.

※

لاتقنطو من رحمت الله، فائق جو فرمان،
پرينءَ پاڻ فرمايو کولي پس قرآن،
تن تقصيرون پاڻ ۾، اوڏانهن سڀ احسان،
بخشيندو بدڪاريون، صاحب سچ سبحان،
يوسف يار جولان، آ سدائي عشق جو.

※

درد مندن جي دائما، پرينءَ آهي پاس،
خاطر خوشيءَ سان سچي، مرڻ برهہ ۾ باس،
يوسف سڀ رنگ راس، آهن عشق الله سين.

※

نماڻيءَ جي نجهري، پرين پيهي آءُ،
هن هيٺي حال جو، توکي سڀ سماءُ،
سندو محبت ساءُ، يوسف دل درڪار مون.

※

وٺ نہ وجهجي ايتري، محبت وارن ڏاهہ
درد جني کي دل ۾، روز نهارن راهہ
سٽي آهون عاجزيون، آڻيندن الله،
يوسف ساهہ پساهہ سندو محبت موهيو.

※

ڏک ٻارن جي درد جي، ڪل نہ ڪنهن کي ڪاءِ
محبت جي موج ۾، سڌ سورهين کي آءِ

عاشق ڪاھن عشق ۾ ھو ليئڙو ھاءِ ھاءِ
يوسف سچ سڻاءِ ھي گم ٿيئڙا ھوءِ ۾

❊

پرين پاڄاٽيءَ جي، وري واھر ڪر،
نافع نانءِ الله جي، سندا لائق ڪر،
مسڪينن تي مھر مؤن، نظر نوري ڏر،
ھميشه ھر حال ۾ ھجي عشق تنھنجو اپر،
مرشد ميان مگر، يوسف تڪيو تنھنجو.

❊

ميان مسڪينن ڏيھ مھرؤن وري واجھاءِ
اڱڻ آسروند جي، قدم مبارڪ پاءِ
سندا محبت مينھڙا، وري تون وساءِ
دلبر سان دل لاءِ يوسف يار غريب تون.

❊

ميان مسڪينن جو تو ريءَ ڪير ٻيو
راحم رحمئون پانھنجي، لالڻ پاءِ ليو
ھئان اوھان جي عشق ۾ منجھ خمار ڪيو
اچي يوسف يار ٻيو يڪ دل در اوھان جي.

❊

دوست اوھان جي در جي، پورھيت پاڄاٽي
وٺيون وينٺي آھيان، تنھن جو نجھرو نماٽي،
آھيان ھٿ اوھان جي، ڄاٽي نہ ڄاٽي،
اصلئون آرياٽي، آھيو يوسف سندو آسرو.

❊

يوسف سندو آسرو توڙئون تڪرار
لاتقنطو سپرين، سچو سندؤ اقرار
صاحب صورت جو ڏٽي، تون ستاري سردار
بدڪارن بچڙن جو آتو سر مرد مدار
يوسف گهرجين گهوٽ تون، هِت هُت دم ديدار
نور سندو نروار پرين پسان نت نور سين.

❊

سڀ توفيقان تون پرين، تون مالڪ مختيار
اصل لاڪون آهين، اڙين جو آڌار
لک چوراسي جيئڙا، تون پالين پر پروار
وڏي وڏائي تنهنجي، تون ڏيهه ڏٽي ڏاتار
دلبر ڏي ديدار يوسف کي هر حال ۾

❊

آءٌ تن ساڻن آهيان، سندي چرنن ڪيهه
جي گر پورا پنٿ ۾، نريو اندر نيهه
يوسف يار سنيهه هي سڄ عشق عجيب جا.

❊

سمجهڻ ساڻن کي، محبت جو مذڪور
وڏي وڏائي رام جي، نور اعلي نور
هينئڙي حب گروءَ جي، مرسل مڙني مور
يوسف يار حضور دل سچيءَ ۾ سچيان

❊

تحقيقا تڪرار ايندا مرد ايران جا،
ڪاهه ڪندا ڪفران تي، ڪتڪ ڪارونيار،
همت چارئي يار تني سان، هوندا پنجتن پاڪ بيار،
چؤرنگ چڙهندا چاهه مؤن، ڪري غازي گرد غبار.
هاديءَ هيئن فرمائيو جذبئون قسم جبار،
فوجان فرنگين سنديون، گم ٿينديون منجهه غار،
جي پڻ پاس انهن جي، سي خارج ٿيندا خوار،
قتل ڪندا ڪفران کي، هي فرمودو سردار،
سر مردون منڪرن، پوندي مولا جي مار،
حڪم آهي الله جو، گويا هي گفتار،
چوي چوائي پاڻ ٿو اونهو سر اسرار،
آءٌ تہ پاند نہ وچ ۾، هي ڪم ڪيا ڪلتار،
بچندا سي باهين ڪؤن، جي فائق فقر يار،
آڙاهہ ابراهيم جيئن، ٿيندا باغ بهار،
سرتيون سچا صدقي تن تان، عاشقن ۾ اعتبار،
سرتيون سچا پيڙ نہ پسندا، ونگو نہ تن جو وار،
يوسف حق جا يار، نانڪ هوندا نانو سين.

❊

مالڪ هوندا نام سين، سدا سڪالا سڪ،
منڪر جي مغز جي ماري ڪيندا مِک،
نانڪ شاهي ناميا، هونگ جنين جي هڪ،
غازي جن گرؤ جي پيتي پرتئون پِڪ،
سمجهڻ ساڌن کي اها، مام لنگوٽي لڪ،

ڪوڙا پرجهن ڪينڪي، چلڙ غرقيا چڪ،
دنيا ڏٺايا ڪيترا، پئي پاڙن تي پڪ،
عاشق رهه رنگ رام سين، ڪرڪوڙن ڪي ڪڪ،
دنيا بازي دورنگي ڪر، ڪوڙ ڏيکاري ڏک،
سي تار نه پسند اتک، جي نانڪ يوسف گرچه نيز لڳا.

※

ساڌ پڳت سي سهڻا، جي ساڪون سٽائين،
سچي ساک پڳت جي، ڇهند نه ڇپائين،
لاهي ڪل بوتي، ڏڪڙ مڙهائين،
گهڻ گهنگهرو پيرين ناچو نچائين،
ڪري آسيسون ان تي، رنگ م ريجهائين،
ميڙي مهاجن معرڪا، خوشبون ڪارائين،
سير سچو تن م، جو ڪلمو ڪهائين،
جاڏي عالم آسرو منهن اوڏهن ڦيرائين،
لئون گر سان لائين، يوسف ساڌن واريان.

# سنذي كافيون

*

تو پڙ ۾ ڏيو سچڻ ڏو پڙ ۾ ڏيو
عشق جي آڙاھ ۾ ڏي تاھ تنگر تپو.

هادي هردم همت توسان، چاڙھ عشق جو چپو
لا جو هڻ الا کهاڙو غير کي هڪ لپو.

بنا دوستيءَ دوست جي، هيو خان کپت کپو.
هادي هردم حاضر ناظر، امڙ نڪو ابو.

هئہ هئہ عمر ائين وڃي ٿي، ڳپل ڪائڻ ڳپو
بيو مڙيئي بن ڏئي، نام صاحب جپو.

هي جڳ بازي ڪوڙ پسارو دنيا پولي پپو
ڪڪو چڏي گگو ددو للو تتو پپو

نانڪ يوسف نيهڙو ڏس، نيٽن مرشد مڪو
آءُ پڻ گهوري گهور تنهن تان، جو عاشقن تپو.

❊

اکڙين منجھہ الله پرين، تنهنجي اکڙين منجھہ الله

سچي مرشد ڳالھ انهيءَ جو ڏنو سچ ويساھہ
پاڻ ڏسي تو پاڻ پسي تو ديدن مؤن داناھہ
ڪل اسان کي ڪيھڙي ميان ڪھڙو ڏوھہ گناھہ
تون تان مالڪ ملڪ جو آهين ٻيو تان سڀ سپاھہ
يار يوسف کي تا پڻ ڪونہ ڪيٽي، نانڪ شاھہ

❊

وري وريون قطارون جيجان جوڳيئڙن جون

هيس ميراڳڻ جن لئہ منجھہ درد ڏمارون
قرب سڄاڻي پنهنجو موڙي ماڳ مهارون
نوري ناٿ نوازي پنهنجي مهر منجهارون
پورب نيندا پوربي لاهي مندن ميارون
اڳڻ مون مسڪين جي لايون برھہ ٻهارون
ڪريان ڪاپاتين جي هن محبت تنواريون
يوسف يار مهر مؤن لڏيون سامين سنياسون

❊

رنگي رنگي تي آيو آهين سهڻا آدم منجھہ سمايو آهين

ڳلي ڳليءَ ۾ تال تماشا عجب سئر مچايو آهين
حسن هزارين عشق بهاري نيڻن جو جهڙ لايو آهين
عشاقن جي دل تي دم دم دردن بار اٺايو آهين
موهن مهٽيون پهري پوشاڪان پاڻ کي پاڻ پسايو آهين
تو سر شملو شاهنشاهي چيرو سر چڙهايو آهين
نيٽين يوسف يار سڄاڻي فضل پنهنجو فرمايو آهين

❊

سارو ٿئي گرد غبار ڏسڻ ۾ جو آيو.

ڪوڙو قلزم ويرون واڪا ڪڙڪا ڪارونيار.
لڙجهڙ لهريون لس وهي ٿو شمعن ناهي شمار.
آب حيات ٻہ آهي اتهين تحقيقا تڪرار
پيئڻ ڏسن ڏک ڪم ڪنهن جو سوجهي پس سنسار.
سچي مرشد ڳالهہ سچيءَ جو ڏنو سر اعتبار.
مار نغارو اناالحق وارو پاڻئون پاڻ بيزار.
نانڪ يوسف يار مون ڪل نا عشق الهہ اسرار.

❊

هادي تنهنجي حسن جا، ڪيها ڪهڙا نظارا.
سينگار سو رنگن ۾ بي انت پر پسارا.

سڀ روپ ۾ نيارو آهي سنڌ ۾ اوتارو
محبوب تون سچارو سڻ شوق جا شوڪارا.

عاشق ديدار ڪاريو جنهن تنهن کي منهن ڏيکاريو
سوليءَ اتي سينگاريو هٽي نينهن جا نغارا.

اسلام ڪفر ڪاري مهتر ٿيو شڪاري
ڪٿ شاهہ ڪٿ بيڪاري خوش عشق جا اشارا.

تنهنجي حسن جون هاڪون، آهن حشر ڪيڏاڪون.
دل درد ۾ تڏهاڪون، زاري هزار بارا.

يوسف نگاهہ ياريءِ معشوق جي مهاريءِ
نانڪ ڳلي ۾ ڳاريءِ زلفن جا ڪيس ڪارا.

هي جان جسم ۾ آهين، تون آهين تون
ڪي تا پائن ڪوبيو.

ونحن اقرب اوڏڙو ائين ڪير چوي جو ناهين تون؟
ڪاڏي گنگا جمنا دئارا، ڪاڏي طرف ڪم تو ڪاهين تون؟
سو لک بازيون برهہ سندءِ جون، ناهہ ليڪن تو ناهين تون.
نانڪ يوسف يڪدل ياريءِ توڙي سوز فراقن ساهين تون.

❊

هي تا پائن هنڙي عاشق، هو تا هنن سان هنن سان،

سميع بصير پلڙ ۾ ڏسن، ڏان ڏان ڏنن سان ڏنن سان.
پهري آيو پاڻ پرين، رنگ رنگي جهنن سان جهنن سان.
عشق نہ جن الله جو، منهن ڪارا تنن سان تنن سان.
دل روح بئي پاڻ ۾، عشق عينن انهن، سان انهن سان.
نانڪ يوسف يار جو عشق دائم دنن سان دنن سان.

❊

عشق ديوانڙي ڪئي ڪئي ڪئي،
پيارا تنهنجي درد ديوانڙي ڪئي ڪئي ڪئي.

بولو بئنسر جهمتن جهاما، نينڻن پاڻ ٽڻن جون مامان،
پاڻ ۾ ڪن تا رامان رامان، دين ڪفر ٻئي ٻئي ٻئي.

جٽيان جهم جهم ڪرن قطارون، موهن مونکي ڏئي ڏيکاريون،
دلبر ڏاڙي ڪارڻ ڏاريون، سمجهه هيءَ ڪل پئي پئي پئي.

سارو سپ سينگار ڪيائون، محبت ۾ من موهي نيائون،
تا ڳرڻ ڳٽيان چا هيان آئي، تا تا برهئون ٿئي ٿئي ٿئي.

ڪيهون ڪيهون عشق گفتارون، سڏ پئي اچن جي پارون،
ڪيها ڪيها بسنت بهارون، ڏس تا رمز رئي رئي رئي.

نانڪ يوسف يار پچارون، سچي مرشد ازل اشارون،
پنهنجي پارون پاڻ بيزارون، جي نہ سمجهڻ تا نئي نئي نئي.

❊

هت پرين ڪهڙي پڇندا، سرتيون ڳالهہ نہ جاڻان،
ڪيهي ڪيهي ڪيهي.

هينئڙو منهنجو حيرت هن ۾، ڏيل ڏکي پرڏيهي ڏيهي ڏيهي،
عالم عبرت ۾ اچي عقل جو درد چوان دل ويهي ويهي ويهي.
عيبن هاٽي آءُ نماٽي، جيهي آهيان تيهي تيهي تيهي
حال انهن سان آهي اسان جو، رمز جنهن دل ريهي ريهي ريهي.
پنهنجون پوٽيون ڪين چڏيندا، پاڻ ايندا پکي پيهي پيهي پيهي.
نانڪ يوسف يار سان رهجي، سچي اچي سچ ايهي ايهي ايهي.

❊

نيڻن تو سان نينهن پرين، اصل آهي ئي ايڏاهين.

ڏاڍو ڏاهن مون ڏنو شوق تنهنجي جو شينهن پرين،
پار نہ پئي ڪنهن ڪيڏاهين.
توريءَ پانيان ڪينڪي، رات نہ ڪرئي ڏينهن پرين،
ديس ويس آءُ جيڏاهين.

نانڪ يوسف يار جو ميان، اُنو محبت مينهن پرين،
تانگهي سچي دل تيڏاهين.

❊

هئي هئي اسان نہ جاڻون، چاتان تيو تيو
هن دل کي درد ڪهڙو ويڙهي ويو ويو.

ڏينهن رات بيقراري، توبهہ هزار زاري،
ڪو پور دل نيارو، پر دل پيو پيو.

هيو چا هئڻ حياتي، هن ڪوُن يلي مماتي،
موتو قبل مري جي، هي سر ڏيو ڏيو.

صورت حقيق هادي، رک نقش دل شهادي،
پر پار تون پرينءَ جي، ٻاري ڏيو ڏيو.

ڪنهن موج ۾ پيا سي، نينهڙي نسنگ نيا سي،
هي خيال دل اسلامي، ڪفرؤن ويو ويو.

يوسف بهار يار، دل عشق جا شوڪارا.
پيو محض مور ناهي، حق جو ليو ليو.

❊

درد حسن ديوان ڪيوسي، موج انهيءَ مستان ڪيوسي،

مرڪ ڏسي محبوب مٺي جي، جان جسم قربان ڪيوسي،
هي سر سوليءَ اتي حاضر، نينهن نظر نيشان ڪيوسي،
نانڪ يوسف يار سدائي، سر صحيح سلطان ڪيوسي.

❊

دلداريون تہ ڏجن ميان، دلبر درد مندن کي

قول سچا پرين پانھنجا، نباھيون تہ نجن ميان
مھرؤن مشتاقن کي، بدڪاريون بخشجن ميان
نالائقن سان سپرين، پنھنجا قرب ڪجن ميان
ھيٺن تي ھر حال ۾، دست پرين ڌرجن ميان
جيھا تيھا پانھنجا، پير پري پڇجن ميان
بيڙيءَ چاڙھي سپرين، چر ۾ نہ ڇڏجن ميان
يار يوسف جون زاريون، عرض قبول ڪجن ميان

❊

حالڙو جيڏيون مون سو حالڙو حال ھاديءَ جو آءُ قرباني

ڪو تان جاڻي ڪوئي نہ جائي، پاجائي کي پاڻ سجاڻي،
دوست منو دلجاني
راتيان ڏينھان عيبن آرو پسڻ پرينءَ جو نور نظارو
عشق الھ سلطاني
حال وارن جا جي منڪر ھوندا، ينھي جھانن ابتر ھوندا،
قسم رسول رباني
ڪوڙن موڙھن قال نظر ۾، لؤن وارن کي لال اندر ۾،
سر سارو سبحاني
يوسف يار جون رمزان سھڻيون، محبت پريون من جون مھٽيون
ھوءِ جن دلڙي ديواني

❊

چا پڇو تيون ڪيرڙي آھيان؟
خاڪ يسمر جي ڍيرڙي آھيان.

سندو همت حال سدائي، ٿر اهو تان خيال خدائي،
نت آءٌ ڪميڻي ڪيرڙي آهيان.
مون سنهن ورچي ناهيان ناهيان، طرف نہ ٻئي ڪنهن ڪاهيان ڪاهيان،
پير پرين آءٌ پيرڙيءَ آهيان.
عيب اسان ۾ هئڙا ڪيئي، مرشد معاف ڪيا مڙيئي،
توڙي مندي ميرڙي آهيان.
پاڻيءَ مان ٿيو پارو پيدا، ڏسي طلسم ٿئڙين شيدا،
تاتيرڙي نہ ميرڙي آهيان.
نانڪ يوسف يار جي ٻولي، عشق لقارو هر جا هولي،
نت ساڃي ڏاهہ ڏقيرڙي آهيان.

※

چرنن جي آءٌ ڪيهڙي آهيان، ٻيلي رمز هادي دل ريهڙي آهيان.

ڪي تا پانڻ ڪتي وسي تو ڏيهہ سندين جي ڏيهڙي آهيان.
سندن گولين جي گولين جي، جوڙ جتين جي نہ جيهڙي آهيان.
ادلي گدلي بدڪار بدلي، پريم پرينءَ جي ساڪيهڙي آهيان.
قادر مون ۾ عيب مڙيئي، جيهي چئو آءٌ تيهڙي آهيان.
نانڪ يوسف يار جي درجي، آهيڙياڻي آءٌ ايهڙي آهيان.

※

منهنجي دل سان توسان لڳي، لڳڙي سان آر ارڏي

تو شهہ جنهن سا ڪئڙو نظارو لائي پرت نا ڇڏي
ونحن اقرب هيءَ اشارت، ڪل توسان تند گڏي
موتو قبل جي آسري، تو عاشقن دل اڏي
موڙي محبت آهہ عاشقن، ملڪ نڪو مال مڏي
زهد عبادت راهہ برهہ ۾، ساڙ ڪفر دين هڏي

راتيان ڏينهان سا نہ اداسڻ جا دل تو سان سڏي
نانڪ يوسف يار سدائي، واھر تنهنجڙي وڏي

*

سرتيون سپ ۾ پاڻ آهي، رنگ رنگ ديد نظارو
ڏسو يارو حسن وارو.

آدم صورت بني آيس، ورهي ڪيم وٽاڻ
لڪ لڪوتي خاڪ لنگوتي، موهيس تن هن ماڻ
ڏسي صورت معني مورت، چشمان چارئي چاڻ
ڪارونيار ۾ تي وجي گم، اچي منجھ سجاڻ
دردن دل ۾ دکن دونهان، حيرت هن ۾ هاڻ
عبرت اونهو سر اوانگهين، جتي ياڳين پاڻ
عاشقن کي نيڻ نهوڙن، سندي عينن آڻ
نانڪ يوسف يار تماشو پٽ پئي ڪن پاڻ

*

سجڻ تنهنجي سڪ، ٻيلي، سدا آهي ساھ کي

ڳالهيون ڳارن ڳجهيون هينئڙي کي هڪ هڪ،
ٻيلي درد آهي ارواح کي
مون من مستانو ڪيو پرين پياري تو پڪ
ٻيلي ڏاڻ ڏنو هن ڏاھ کي.
سوز گدازڻ تنهنجي، نيڻ دريا يڪ،
ٻيلي معلوم آهي الله کي.
نانڪ يوسف يار جي، لعل لنگوتي لڪ،
هيءَ ڪل آ شاهنشاھ کي.

❊

يار دوستي آهي آهي، ڏسڻ ديدار اکين جو اکڙيون.

بنا دوستيءَ دوست جي يارو ٻيو تان چاهي چاهي؟
روزا نمازان ورد وظيفا، تاهه لکين تو ناهي ناهي.
جانب جاڏي ڪاڏي وسي تو ڪعبه ڪاڏي تو ڪاهي ڪاهي.
ڳالهه اهائي انهن جي يارو منصور چڙهيو ڦاهي ڦاهي.
ظاهر باطن آهي اهوئي، ٻيو تان ناهي ناهي.
نانڪ يوسف يار سچل جو ڏس ڏنو ڪنهن ڏاهي ڏاهي.

❊

شرڪ ويا شڪ شوڪ، برهه ٻهاريءَ جو جهڙ لايو.

اندر اوطاقون عشق وسايون، ٿيون سرهيون سي سيئي جايون،
هاڪ حسن جنهن هوڪ، اگڻ اچي، تنهن پيرڙو پايو.

عاشق هردم ڪرشڪرانا، پرهه پرينءَ ڏنهه آيا پروانا،
آهي هاڪ جني جي لوڪ، اندر ٻاهر سندن سايو.

عشق جي صلئون روزازل ڪئون، محبوبن جي مست مهل ڪئون،
پئي مون ڪن برهين ڪوڪ، سو سڏ هڪ مون ساهه سيبايو.

عشق الله ڪئن جو جيءُ پاسي، جاڻ تہ جهڙا روح مئاسي،
سي تہ خامي خار جي خوڪ، هت هت صورت سمجهڻ آيو.

نانڪ يوسف يار سجاتو درس، درازين دلبر پاتو
ڏرئون منڪر ڪي هٽن ٺوڪ، عاشق مرشد ماڪ آيو.

※

سڻ عشق جا سنيها سنيها، عاشق توتي مهر سدائي،

لحمڪ لحمي هيءَ اشارت، دمڪ دمي عشق عبارت،
اها تان پاڻ پرينءَ فرمائي.
بات برھ جي بي اختياري، ڳجھون رمزان يار جي ياري،
مون دل پير مغان پرجهائي.
مار دمادم اناالحق، وحد وحيدؤن شڪ ويو شڪ،
عاشق تو هيءَ ورھ وڌائي.
نانڪ يوسف يار جي درجي، آهيان گنجڙي گولي بازرجي،
ڳوٺ ڳلي تنهنڪري گدائي.

※

سير ڪر الھ لقا، جاڳ اٿي بندا.

ساک سچي توسين چوان، سڻ تون صاحب سندا.
غفلت ڪهڙي پئين تون، خيال نہ ڪر مندا.
وڃن قربدار برھ ۾ ڪنبندا.
وهم ڪهڙي وڪوڙيئي، تاڻي ڪوڙا بندا.
عشق ريءَ الله پيا خستہ ڪنڌا.
محبت جي ملڪ ۾ اچي ڪر انندا.
هاديءَ جي حضور ۾ عاشق نينهن نچندا.
دوستي درڪار هيو ڪين ڪي پچندا.
هستيءَ هن حيران ڪيا. ڪوڙين گير گندا.
يوسف يار حضور سي، اُچو ڪرڪندا.
عشق جن الله جو، مرد سي مرڪندا.

*

ماروئڙا تہ منهن جا سانگيئڙا سي ديس آيا،
الله ملايا.
اڪنڊ اکين کي هٽي اوڏاهون، راتيان ڏينهان خيال تيڏاهان،
واليءَ سي ورايا.
پهون پکڙن مٽ مارن ناهيان، اوت اباڻن نہ تہ مون چاهيان،
ڪنبي ڪتي ڪايا.
هيس انهيءَ اڳ ڏيهہ ڏوتياڻي، اڱڻ مون آيا قرب سجاڻي،
مولا مونکي ملايا.
جيءُ جهانگين سان ڏٺ مون ڏاڏاڻو نير مون پيرين عمر اباڻو
سڪندي سال لنگهايا.
نانڪ يوسف يارن ياريءِ سانگيئڙن سان دم دم رازي،
عشقي پيچ پايا.

*

محبتي مخمور جيجان جوڳيئڙن سان
نور اکين پرپور.
آيل! اُجهي ڪين ڪيءِ مڙهين جو مذڪور،
عينن برهي بار انايا، پورپ پاسي پور.
راتيون ڏينهن روح ۾، دم ديدن جو دستور.
سناسين جي سوز ۾، عاشق مست، معمور.
نانڪ يوسف عشق انهن سان، ورهہ ڪيو وهلور.

*

جو جسم ڏسڻ ۾ آيو تي، آيو تي،
هي تان آهي ڪونہ ڪو.

وجهہ نگاهہ نگهہ ۾ ساريءِ ڏس اتاهون پاڻ بيزاريءِ
ائين پير مغان فرمايو تي، فرمايو تي.

پاڻ وساري حڪم هلائين، هوڪو حق جو چست چلائين،
واه يار سچل رنگ لايو ٿي، لايو ٿي.
مار نغارو شاهنشاهي، ظاهر باطن حق همراهي،
رمز وارن اهو رايو ٿي، رايو ٿي.
ڇهڇٽو شمشير ڇوڏاري ڪيڏ برهه بات سچاري
هو ڪو حق هلايو ٿي، هلايو ٿي
نانڪ يوسف يار اهوئي، اندر ٻاهر مرشد جو ئي،
عشق جنهن جو سر چايو ٿي، چايو ٿي.

❊

پنهن جو پاڻ ۾ نهار آهي پرتوو پرين جو،
الهه جو دم سنڀار آهي پرتوو پرينءَ جو.

توسين هزار حيلا، پر دل ڪيا پتيلا،
نالو جسم وسار آهي پرتوو پرينءَ جو.

اول نفي نيارو پوءِ الاالله اشارو
منجهه عشق هيئن گذار آهي پرتوو پرينءَ جو.

سر تان قدم صفائي، الله عشق ذاتي،
شڪ شبهه مڙئي مار آهي پرتوو پرينءَ جو.

سڻ نينهن جو نظارو اقرب اليه اشارو
عاشق سخن سچار آهي پرتوو پرينءَ جو.

يوسف کي يار ياري، تنهن جي سدا بهاري
نه ته آهيان بيڪار آهي پرتوو پرينءَ جو.

*

يار اسين گم انهيءَ ۾، آهي پاڻ پرين پاڻ هين
ٿو پنهنجو رانديون رسائي.

ڪاٿي مورک مسخرو سو خلق کلائي
ڪاٿي دانهه درس آ، ڪيئي هنر هلائي
ڪاٿي شرما شرع ۾ بحثي، وينو وعظ سڻائي
دڙڪا دوزخ جا ڏيون، لک دليون دهلائي
ڪاٿي اناالحق جا، ٿو طبل وڄائي
مرسل صورت سيڪا، توڙي تلڪ لڳائي
يوسف سمجهه سر کي، هادي مرشد من لائي.

*

جا فرمائن سائين، دم حاضر ناظر سائيان

غم اهو دم حال هاديءَ جو دل سهڻن سوز سدائي.
وهه نوبت نينهن وڄايان.
پاڻ ٿو پنهنجون ڪيڏون ڪيڏاري، جنهن پتلي ڏور اڙائي،
تي تن سان ورهه وسايان.
آءُ تہ وچ ۾ ناهيان ناهيان، مون دل قسم خدائي،
ڪين پاڻ نہ ڪو وچ پايان.
حڪم هاديءَ جو بر سرچشمان، من برهين موج مچائي،
نت چيريون چم چمڪايان.
ڪفر اسلام کان بيحد برهو منجهه سمجهڻ ڳالهه سجائي.
دم هوڪو حق هلايان.
نانڪ يوسف يار جون رمزان، ڏنهه عشق الله وڌائي،
تي جنهن جا آءُ ڳڻ ڳايان.

٭

جيڏيون وري وطن ويندا سون،
وجي پنهنجي راڄ رهنداسون.

هادي تا همت حاضري، نيبهه نينهڙو نينداسون.
جهم جهم نيڻ جهمندا، هلي هيڪاندا ٽينداسون.
هن پٽ پٽيهر تنهنجا، لڪين لوئي ڪنداسون.
رمي تا مارن ماڙ ۾، سيڪي سگر ڪينداسون.
ڪين قبوليم ڪيت ريءَ عيش، جان ڪي جيئنداسون.
درد رسي دل مارئين، چيدا حرف چونداسون.
پهون اباڻي پار جون، جهلي جهنگ چارينداسون.
نانڪ يوسف يار سان، سچي پرت پاڙينداسون.

٭

ڏاڏاڻو اتم ڏيهه ڏاڏاڻو اتم ڏيهه

سومرن جو آن راڄ سري تون، تون اتي خوش ويهه
عمر پنهنجي ماڙين محلين، ساجهر پڪڙي پيهه
يوسف يار پريںءَ ريءَ پلڪان، هن هيو پرڏيهه

٭

هڙي، منهنجو ماروئڙن ڏي، نت نت ساهه سنيارون،
تن من تانگهه تنوارون.

سوزئون سنگهارن جي ميان، روح ڦٽي ٽيو ڦارون
واهر ويڙهيچن جي ميان، آهي چت چوڏارون
سٽي ايندا سڏڙا ميان، دل درد پڪارون
ايندا نيندا پاڻ سان ميان، ڪري آجو آزارون
ايندين اباڻن ڏي ميان، هلڻ جون هشڪارون

اول آخر اوڏاهين ميان، لاهي لوڪ ميارون.
وريون وطن پار ڏي ميان، ڪوئنجن جون تہ قطارون.
رهڻ اسان ڪين قيد ۾ ميان، هت حيف هيڪارون.
آيا سنيها سهڻا ميان، ڏس پريڻ جي پارون.
يوسف يار ملير ڏي، سگهيون موڙ مهارون.

٭

هي جو اسين آهيون بندا،
سيئي سائيڻ سندا.

پالڻ هار پرين هر ڪنهن کي، چا ميرا چڱا مندا.
تندا مندا گونگا ٻوڙا، ڪاڻا ڪوجها انڌا.
پلو پائڻ هر ڪنهن کي، پاڻ هيڻاهين هلندا.
پلو پائڻ پنهنجو جن وڄايو مرد سي مرڪندا.
عشق الاهيءَ ٻاجهون ٻيا ڪل، ڪوڙا ڏوڻ ڏندا.
ڏول ڏيکيندو عيب اسان جا، جهڙا تهڙا چندا.
اڱڻ جنهن جي عشق بهاري، تنهنجي من اندا.
ڪي ٿا الله اورن، ڪي رام رام ڪندا.
صورت مرشد من سان لاٿي، هستيءَ جا چڻ تندا.
لاتقنطو من رحمتہ الله، آهيون آسروندا.
درد مندن سان پنهنجي قربئون، پاڻ پرين پرچندا.
يوسف يار توڪل سچي، واهر ٿي ور ڪندا.

٭

وري ايندم ڪيچيئڙا، ڪوهيارا ٻاروچا شهر ڀنڀور ۾.

آهي اميد الله ۾ هاريون، دوستن جي در لڪ لڪ زاريون.
دم شوق وارن سان، ٻيليئڙا ٻيليئڙا ٻيليئڙا پرشور ۾.

لئون جن کي لڳڙي لوري، حال تنين دل ئم ئم هوري،
آهي سوز تنين، ساٿيڙا ساٿيڙا ساٿيڙا هي هور ۾.

سرتيون دل درڪار دعائون، محبوبن کي تون چا آئون،
ڪنهن سانگي درد ۾، سانگيڙا سانگيڙا سانگيڙا دل ڏور ۾.

نانڪ يوسف يار جي پارون، آيا سنيها برهه بهارون،
سائين الله ملايا، پانڌيڙا پانڌيڙا پانڌيڙا دل اور ۾.

❊

پلو آءِ پرين ته اوربون پاڻ ۾ يارا
ڳالهڙيون ڳالهڙيون درد واريون ڳالهڙيون

هڪ اڳي مون درد تنهنجي جون،
بيڙ پٽيون آلڙيون آلڙيون آلڙيون.

پرين قبوليم پٿر اوهان جون،
ٻن ناهه گلم غالڙيون غالڙيون غالڙيون.

ڪڏهن سناسي ڪڏهن اداسي،
تنهنجي درد عجب چالڙيون چالڙيون چالڙيون.

نانڪ يوسف يار سڄڻ لئه
هت ڦيرائي ڦالڙيون ڦالڙيون ڦالڙيون.

❊

پيلي آيو يار جو سنيهڙو سنيهڙو سنيهڙو
اڏر پکيڙا يار پرينءَ جي

اٺئي پهر اداس گذاريون، روئون روئون راهه نهاريون،
روح سڄڻ ريهڙو ريهڙو ريهڙو

پرين پنهنجو پاڻ سجاڻي، پاڻ گهرائي هيءَ پاجاڻي،
فضل سندن لک ايهڙو ايهڙو ايهڙو.
حيف رهڻ هت گهڙيون گهڙيون، وس نه پنهنجي ہڙيون ہڙيون،
درد چوان دل ڪيهڙو ڪيهڙو ڪيهڙو.
قاصد قدمن تئون قرباني، گهورون گهوريان جيئڙو جاني،
حال يتيمن جيهڙو جيهڙو جيهڙو.
حڪم ٿو پنهنجا پاڻ هلائي، نونو بازيون برهه بنائي،
دوست درازين نيهڙو نيهڙو نيهڙو.
نانڪ يوسف پر پروانا، يار يڪا هي نينهن نشانا،
هلي پسئون پنهنجو ڏيهڙو ڏيهڙو ڏيهڙو.

*

يلي يلي جا ياڻ آئي، سايي نه يلي يارا.

آدم حوا اول يولا، پوءِ يولا سئنساري،
عشق پرولي پرجهڻ هي تان، معني سمجهڻ ساري،
هو جا وري تي وٺاڻ آئي، محبت مؤن تا چلي ياران.

داٽي ڪيڏو درد اٺاريو، ٿتي ٽٽڙا ٿارون سي،
وڇڙيا وري واحد ميڙيا، ٽيئڙا هوند هيڪارون سي،
هؤ جا ريجهي منجهه رهاڻ آئي، چاهه منجهؤن چلي يارا.

تنهن ڪان پؤ پيغمبر ٽٽڙا، نالا ذاتيون ظاهر ني،
شاهه ٿيا بادشاهه گدائي، قادر سي ۾ قاهر ني،
هو جا رسي منجهه رساڻ آئي، ڳالهه ڳجهي کلي يارا.

ٻارڻ ٻريو عشق منجهارون، ذات فقير نماڻو ني،
يوسف يار ٻهانو جوڙيو ڪٽڪ سندوتان داٽو ني،
هو جا سرتيون منجهه سجڻ آئي، سا هادي ساڻ هلي يارا.

*

يلي ڪري آيون ري جاني يلي ڪري آيون.
يلي ڪري آيون. تا ساهہ سيبايون.

تنهنجي ڪارڻ سهڻا سائين، هت تا ورهہ وسايون.
تولئہ سڪندي سال ٿيا ها، مولا آڻ ملايون.
اڱڻ اسانجي دمر دمر گهرجين، هونديون ورهہ واڏايون.
سو هوايون هينئڙي اندر برهہ تنهن جي پڙڪايون.
پاڻ اچين ٿو پنهنجي سرتي، برهہ جا بار اُنايون.
درد جني کي دل ۾ دلبر، تن جي خاڪ چمايون.
صورت مرسل، موسي عيسي، فرعون اسمر سڏايون.
آدمر شيث، يعقوب ۽ يونس، هار حوا ڳل پايون.
نانڪ يوسف مرشد جاٽي، ڪهڙو سر سٽايون.

*

پنهنجا حڪمر ٿو پاڻ هلائين، يار آءٌ تہ ناهيان وچ ۾

ڪاڏهن آدمر شيث ۽ يونس، عشق زليخا ڪاڏهن يوسف،
سڀ ڪيڏون پاڻ ڪيڏائين.

ڪفر ۾ ڪٿ ڪافر ڪارو ڏوهہ ثوابن ۾ آ نيارو
سڀ رانديون يار رسائين.

ملان ٿيڙو ڪاڏهن قاضي، ڪاڏهن عاشق در درازيہ
ٿو سوريءَ سر چڙهائين.

بحر توحيد ۾ گمر ٿيا سي، درد دلبر در پيا سي،
مون پير مغان پرجهائين.

نانڪ يوسف نالو چالو، مرشد مولا نور نظارو،
تو پنهنجي توهه تڳائين.

*

اندر منجهه اليل، جيڏيون عشق مچايا.

راهه سانول جي روز نهاريان، ايندم شال سويل،
ويندا ڏک ڏولاوا.
ڪر نہ اچي ڪانڌ ريءَ، ڦڪا تيل ڦليل،
جي سون لڳين لايا.
طعنا تنڪا لوڪ ساري جا، پانيم هار سهيل،
جي مون ساهه سيبايا.
يار يوسف ڪي دوست جو مليا، ڏيندم سهڳ سويل،
ٿيندم بخت سوايا.

*

قاصد آيو منجهه پرينءَ جي پار جو رهبر رات جيڏيون.

اچي خوشيءَ جا خط کوليائين، وايون وصال جون بيهر پوليائين،
پروانا پريات جيڏيون.
پاچاٽيءَ جي پڪڙي پيهي، آيا مون ڏي محب نيهي،
موکي مشڪلات جيڏيون.
سعاف منديون ميريون منهنجون، سچؤ ڪيون اهنجون سهنجيون.
شڪر هادي حق ذات جيڏيون.
درد اسان دل ڪيڙيون قطارين، نانڪ يوسف يار جي پارون.
عشق ڏنائون ڏت جيڏيون

❊

آيا آيا، الو پانڌي پرينءَ جا، پڙي جيڏيون.

راتيان ڏينهان درد سنڀارون، دل کي دم دم پرينءَ پارون،
مون تي ورهه وسايا.
خبر خوشيءَ جي خيال ڪيائون، نئون نياپو نينهن ڏنائون،
ٿئڙم بخت سوايا.
آءُ تنهن پانڌيءَ پر قرباني، جيڏيون آيا جيءَ جا جاني
پينر پاڻ وسايا.
ساڻ انهن جي دل آهي تياري، دم دم دل کي بيقراري،
نيڻن ھاڻ چڪايا.
يوسف يار جون عشق پڪارون، طرف معشوقن تانگهه تنوارون،
هي دم هت اجايا.

❊

ڪل ڪل ڏني سين ڪولي، پرينءَ جا پرجهائي،
عشق اندر يار ٻولي.
واهه واهڙ ۾ آب اهوئي، جول اهو ڏس جولي،
رات منجهارون روز ٿيو پيدا، ناهه اکين ڪئون اولي،
هينئڙو حيرت هن نيوسي، ڪيو چڪن ڪنهن چولي،
ساور مطلب مرشد منهنجو ٻولي اندر مون چولي،
دوست درازين نانڪ يوسف، يار يار ڏنو مون ڳولي.

❊

ڪل پوي تي ڪانه هستي هئڻ جسم جي

شاهه درياهه ۾ گم ٿياسي، موجان جت مهراڻ.
لڙ جهڙ لهريون لس پسي، ڪاهن منجهه طوفان.

جنکي خوف نہ خطرو سرجو مرد اهي مردان.
عاشق مرد عجب منصوري، سوليءَ سر سلطان.
مرکي محبوبن ڏي هليا، نيزي سر نيشان.
مرکيا مرد نہ مڙيا اڏاهون، توڙي ڪيا ترارن تان.
جنکي درد خدائي دل ۾، عاشق سي انسان
گم ٿيڻ ۾ مطلب سارو قسم سچي سبحان.
جهڙي تهڙي حال سان، هن مرشد مهربان.
يوسف اسين تون ڪاٿي جانين جولان.

*

پيلي حيرت هن ۾ آهيون، بيرنگي سجڻ رنگ لايو.

ٿي آيو آدم نالي اچي پٽڙو منجھ ڪشالي،
هت جوشن ۾ ٿو جالي، هو اصل اهو تنهن رايو.

پنهنجو پاڻ ڇپايون، سو نالا نانو ڪهايون.
منجھ ويسن وير پلايون، وري سير حسن سرمايو.

هي بازيگر جي بازي، ناهي استقبال نہ ماضي،
آهي آدم غنيمت غازي جنهن عشق الله جاڳايو.

رک خيال جي خبرداري ۽ دم دم جي هشياري،
اها مرشد ڳالھ سچاري اتي پيو سيپ پنڌ اجايو

ڪن مڙهيون هت اختياري ڪن ڪعبہ سرت سچاري،
اسان نانڪ يوسف ياري چايو درد سرچايو.

❊

بي رنگي رنگن ۾ آيا، ڏس تان چل چڪايو
سير مچايو پاڻ ڇپايو.

ڪهڙيون ڪهڙيون بازيون بنائي، پاڻهي ڪيڏي پاڻ ڪيڏائي،
شورن شور مچايو رنگڙو لايو ڏسڻ آيو.

انا احمد آهي اهوئي، ميما مالڪ محمد سوئي،
هاديءَ حق سمجهايو مون من لايو منجهه سمايو.

هڪ دم سو لک راند رسائي، هردي هردي آپ سمائي،
واجٽ ورهه وڄايو ڪن فرمايو جوت جڳايو.

ڏسڻ اناهون نظر اڳاهون، گم هئڻ هت پاڻ پراهون،
عشق حسن گيت ڳايو مچ مچايو غير نه آيو.

نانڪ يوسف يار ٺهائي، ڪل سيائي عشق وڏائي
اتحد ناد بڄايو حڪم هلايو مرشد آيو.

❊

سوئي تان گم ٿيو سين، جنهن پانيو ٿي جوئي آهيان.

عشق اناالحق ٻولي ٻولي، هينئڙي هل ٻيو سين.
شهه دريا جي شهه اندر، وني تان ورهه ويو سين.
پير مغان جي در تي ٻوڙيه پرزا پاڻ ڪيوسين.
جان جسم جو ڏک ڏيکارو وسري وهم ويو سين.
نانڪ يوسف يار سچل جي، ناگهه نينهن نيوسين.

*

ڏسي سگهي تو ڪير، ڏسڻ تنهنجو آهي مشڪل بازي

هادي صورت حق حقيقت، جلوو جابر پير.
موسي جان ڪوهه طور جون ڳالهيون، جل جل جلي سمير.
ڪاند پلو ڪنهن ڳالهه نہ سسئي، ناهي ڏوهاري ڪو ڏير.
گم ڪرڻ دم ذات الله ۾، ويري نہ ڪو وير
نانڪ يوسف مرشد جاٽي، سندو سپرين سير.

دل ۾ دوست نهار، تو ۾ حضرت عشق الله جو.
وهم الله غم دم الله جو.

جي تون جاٽين پاڻ سڃاٽين، ڪنهن کي ڪين آزار.
وحدت واري وات ۾ واري پاڻ وسار.
قياس ڪري پس پاڻ ۾ سهٽا سڀ سينگار.
اوجر ٿيندو عشق مون، عشقي پاڻ اوجار.
پريم ڪر نگاهہ ۾ تيڏائيءَ کي ٺار.
نئون نئون يوسف نينهڙو هاديءَ سان هرتار.

*

پلڪون گذارڻ آيون، پرينءَ ريءَ پرڏيهہ ۾.

اُهنجون سهنجون ساڻ محبوبن، دردن واري هن ڏيهہ ۾.
عشق وساري هستي هيءَ عاشق، نيڻن سندي پس نيهہ ۾.
پاڻ حياتي ويندي وحدت، سجڻ جي ساڙيهہ ۾.
آب فراقون رت جا ريلا، رمزن واري ڏس ڏيهہ ۾.
يوسف يار هونداسون هردم، خوش پيزارن کيهہ ۾.

*

گم ڪرڻ هت پنهنجو پاڻ، هوش عقل جي بات نہ ڪائي
جان جسم ڪر تولا تولا، ڳالھ اها ڳجھ ڳجھ ۾ ڳولا،
لوڻءَ لوڻءَ ۾ آهي ساجن ساڻ

گم تي وچ منجھ درد الاهي، عشق الله ريءَ ٻي گمراهي
آهي انهيءَ جو حق اهڃاڻ

هئہ هئہ ڪهڙي چال چلن تا، ڪهڙي ڪهڙي راند رون تا،
مست وهي تو مئي مهراڻ

نانڪ يوسف يار نظارو ظاهر باطن نينهن نغارو
رمز اناالحق چشمان چاڻ

*

هي تان آهي ڪير، سچائج تو ڪري گفتار تو سان
اندر ٻاهر الله مولا، ڪم ڪري تو سيئي سولا،
ڏس شاھہ شفا جو شير

جاڏي ڪاڏي صورت سهڻي هاديءَ حق جي مورت مهڻي،
وهہ دلبر يار دلير
تون سين ۾ سيئي توئي سان، سهڻا ڪوجها پٽ لوئي سان،
چئو ڇهڙو ڏاھہ ڏقير
ڏاتن ضربن ۾ تي آيو خاڪ لائي تنهن پاڻ ڇپايو
هي تان قند ڪيائين قير
نانڪ يوسف يار نہ اولي، بي خبر جڳ پولو پولي،
ڪيڏ مرشد تن ڪان مير

❊

سڻ يار يار ياري، تو سان اسان جني زاري

مسڪين هيءَ نماڻي، پرتي اوهان آرياڻي،
جاڻي يار نہ جاڻي، پنهنجي وس نہ هيءَ ويچاري

ديوانا درد ڪيا سي، بيخود خودي ٿيا سي،
موتو قبل هيا سي وارڻ هزار واري

اختيار مون نہ ڪوئي، اسرار ير توئي،
ڪنهن کي سٽايان روئي، تنهنجي فراق ماري

يوسف يتيم ياري، نانڪ نگاهہ واري،
ڪئي مرشد سچي سچاري، محبن جي مهر ستاري

❊

زاري سوسو واري، اي آيل! آديسن ساڻ
زاري جانان زاري

ويسهہ جاڻون سرتيون، دل محبت مون تاري،
عاشق قيد زلف ۾، منجهہ حسن هزاري
حاضر منجهہ حضور جي، ڪري عرض ويچاري،
هستي پنهنجي هئڻ ڪئون، مان بلڪل بيزاري،
يوسف ستگر سونهن سهٽا. پنجتن چو ياري

❊

نينهڙو نئون لڳو لڳوڙي سجڻ،
توسان منهن جو نيئڙو.

عشق اوهان جو مون دل گهرجي، وبس نہ ٻيو وڳو
وڳوڙي سجڻ
يار يقينا مون نہ ڇڏيندو پارت ٻرين رڳو
رڳوڙي سجڻ
جابر جيڏيون مون تن ڳل ۾ برھہ سندو سڳو
سڳوڙي سجڻ
سنڌءِ صورت ٻسي پريم، غير خيال ڀڳو
ڀڳوڙي سجڻ
عشق بنا آدمي، ڍور اٿو ڍڳو
ڍڳوڙي سجڻ
نانڪ يوسف نينهن نيڻن سان، يار مون آهي لڳو
لڳوڙي سجڻ

*

آئيني منهن عشق جي عاشق، لڪين حيران ٿي ويٺڙا،
ڪيئي ڪاڏي ڪيئي ڪاڏي، ڪيئي حق موج منهن پيئڙا.

ڪيئي هستي حقيقت ۾، شناسائي شريعت ۾،
طريقت معرفت ڪي ڪن، ڪيئي گل پل ۾ گم ٿيئڙا.

ڪني ڪي علم ناسوتي، ڪني ملڪوت جبروتي،
ڪني لاهوت هاهوتي، تڪيا توحيد ڪن ڪيئڙا.

ڪني سر ساز سودائي، ڪني دل دور دينائي،
ڪني رخ رنگ رعنائي، گهوري تن جي خود ويئڙا.

عمر ريءَ عشق افرادي، بنا ساغر تا بربادي،
درد الله دل شادي، رکن هت هوش جي جيئڙا.

يسمر ڪر پاڻ گمر ساري الله ۾ عشق اوپارو
وڃي اوندهه تہ انڌارو تون ڏس ٻاري اکئين ڏيئڙا.

نہ نانڪ يوسفا ڪوئي، نفي اثبات ۾ سوئي،
مگر سمجهن اهو هوئي، حڪم هادي تہ هي ڪيئڙا.

❊

پرين ناز دلنواز تنهنجي نيڻن جو نمونو.
آهي عشق طبل باز تنهن جي نيڻن جو نمونو.

ڪري گهور سندي نور، لتين دلبر دليون،
ڪاري عشق جو شهباز تنهنجي نيڻن جو نمونو.

المست خودپرست، ٻئي ٻلڻ تو ماريا،
پسي دل ڪن گداز تنهن جي نيڻن جو نمونو.

اسرار بي اختيار تنهن جي نيڻن ۾ الول،
ڳجهي رمز ربي راز تنهن جي نيڻن جو نمونو.

اگهور ۽ شهزور، تنهن جو عشق اصل ڪئون،
وڃي درد سندو ساز تنهن جي نيڻن جو نمونو.

يڪ يار سان همراز هئڻ يوسفا مدام،
منجهہ پرت جي پرواز تنهنجي نيڻن جو نمونو.

❊

مارن سان تہ منهنجو جيءُ جڙيو جيڏيون.

گڏ مارن سان سي ڏينهن سياريون،
ياد ڪيون ڳڻ هنجڙيون هاريون،
تن ڪارون ڪيون ڪيڏيون.

ڪهڙي ڪيائون جيڏي جدائي،
سوز سنگهارن ساهه سدائي،
هاءِ ڪيائون هيڏيون.

درد پڌي دل ايندو اوراهون،
روز نهاريان جن جون راهون،
مهران اُن ايڏيون.

مون دل مارن درد الاهون،
نانڪ يوسف يار نگاهون،
پڙهيون ورهه ويڏيون.

اجهي وطن آيا، سپرين منهنجي اگڻ مهر ڪري

وري وطن وريا، هو جي هئڙا پنڌ پري
پاڻ سجاڻي پنهنجو آيا، پاڻئون پير پري
بخ شائون لک بديون، الا! ڪاڪيون ڪهل ڪري
مون من مستانو ڪيو سندن ذوق ذري،
يوسف يار رحم جا، تو دم دست ڌري

*

آڻيندو الله پرين، وينڙي واٽ نهاريان.

ياد ڪيون ڳڻ تو ڳري، پهر انئي ارواح پرين،
سوز منجهئون نت ساريان.
دردمندن جو ڪونه ڪو توريءَ شافع شاهه پرين،
هت هت وارڻ واريان.

توکي ساري سپرين، سڏڪي سڏڪي سامہ پرين،
سهرا عشق اوساريان.
توکي معلوم جالڙو دلبر توُن داناهہ پرين،
توسين سور سڏاريان.
عاشق توسين آهيون، يوسف سج وبساهہ پرين،
هاءِ هنجون گڏ هاريان.

*

آڻيندن الله مولا ميڙيندن سرتيون،
سانگيئڙن کي منهنجي ماروئڙن کي.

واڪا وانگي وير جي، اديون هي ارواح،
اديون هي ارواح، صاحب سيريندو.

ٻڌي دانهون درد جون، ڪندا قيد ڪوتاهہ
ڪندا قيد ڪوتاهہ وري وڙهيندو.

اسين ڏوتي ڏت جا، ڄاڻي شاهنشاهہ
ڄاڻي شاهنشاهہ جهانگي نہ جهيڙيندو.

سپ ڏوراپا ڏيل ۾، پرين پاڻ داناهہ
پرين پاڻ داناهہ چيلا نہ ڇيڙيندو.

نانڪ يوسف يار تو عشق هادي همراهہ
عشق هادي همراهہ گوندر گهيريندو.

❊

ايندا تان نيندا گڏ گڏيندا، ماڙيچا بڙي ماڙ ڪري
ماروئڙا مسڪين ڪي، آءُ ويني وره وسائيان.

آهي ہر ہر حال اسان جو پرين ڪرم ڪريندا پانهنجو
سچي آڏر عشق اڙيل کي، آن تا ڪوڙين ڪانگ اڏائيان.

ٽيا مينهن مهر ڏس ڏيهه ۾، سدا سوز وارن ساڙيهه ۾،
ڪندا ياوري يار يتيم ڪي، اڳ پرينءَ پاڻ بچائيان.

سگر پڪا ڪنپ پوڪڙا، ڪنو ڪنيبون ڪنبڙان چوڪڙا،
پسون دوست ڪيون خوش ڪين ڪي، آءُ گهوري پاڻ گهمائيان.

دم نانڪ يوسف نينهڙن سان مارن محبت مينهڙو
ڪندا شربت شور سقيم ڪي، آءُ تان ويني مشڪ ملائيان.

❊

ماروئڙا هو مارو وري وطن ايندا،
مون کي نال نيندا.

لوئيءَ واري لوءِ ۾ گولي گڏيندا،
نيبهه نينهڙو نيندا.
اٿم سچو ساٿڙو بديون بخشيندا،
واهر والي ٿيندا.
ان تان آهيان ڪينڪي، ڏوهن ڏي نه ڏسندا،
اچي حامي ٿيندا.
نانڪ نينهڙو سنگهارن سان، ساڻ وني ويندا،
يوسف ياري ڏيندا.

٭

ماروئڙن سان، ماروئڙن سان، پڙي جيڏيون،
منهنجو پهه پاهت.

ڪنيون ڪائيندس ڪيت سان، مڙي ملڪ ملير،
پسيون ڏونر ڏيهه جا، ماڪيون منڙو ملير،
پاٽي رو پس پت
ايندا ايندا لوءِ لوءِ، پيچي قيد ڪلا،
پاڻ سجاٽي پنهنجو مون ۾ لک گلا،
ساهه گهوري ست رت.
خوب ڪتي مون لوئي، لاڪيٽي رنگ لعل،
بن زيور زر بافتا، عمر ماڙيون مال،
ساهه سانگين سين ست
موک ڪندا مسڪين جو جنهن ۾ سهو گناهه
بندياٽيءَ ڪي بند ۾ آهي آس الله
خوشيءَ ايندو خط
سي ڪندا ور واهرو آهيان جي جي نام،
نيندا يوسف نال مون، محب مٺا منجهه نام،
هستي هسندو گت.

٭

ماروئڙن ڏانهن ماڙ ماروئڙن ڏانهن ماڙ
الوالو آهي مون نماٽيءَ جي.

رمز اڪين سان ڏسي جبان ٿي، ويڙهيچن جي واڙ
درد وصالئون آهي انهن جو همدم هينئڙي جو هار
پٽ پٽيهر جوڙا ظلمين، ساڙيون سامرا ساڙ

اصل لاڪون ماروئڙن جي، آهيان آءُ اجاڙ.
نانڪ نينهڙو نباهيو نہ تہ هيس بيمار.
يوسف ياري يار سچي سان، سائين آهہ ستار.

❊

ماروئڙن جي موڪ، ماروئڙن جي موڪ،
الو الو من ۾ محبت مون جيڏيون.

عشق انهن جو آهہ اندر ۾، جهانگيئڙن جي جهوڪ،
سنگهارن سان چونديان سڱريون، سڦرو ڪائي سوڪ،
پڪا ڏونرا پيرون پٽ جا، پنهنوارن جي پوڪ،
يار مارؤ سان نانڪ يوسف، لوئي ساري لوڪ.

❊

ماروئڙن جي آهي، ماڙ سدا ڙڃي، جيڏيون ماڙ سدا.
اڱڻ ايندا ئي گڏ نيندا.

آءُ بندياڻي ميري مندڙي، جيهي تيهي سائن سندڙي،
اباڻن تئون اديون ساهہ فدا، واهر ٽيندا وٺي ويندا.

آءُ نماڻي آهيان نڌري، عشق انهن جي ساهئون سڌري،
بند بند برهہ جي ورهہ وڌا، چڱي ڪندا نيبهہ نيندا.

آءُ اَجاڻڻ لوئيءَ واري، ايل پنهنوارڻ ذات پنهنواري،
پر دل پور پڌا، بديون بخشيندا ڏڻ ڏيندا.

قوت اسان جو پيرون پڪڙا، ڏٿ ڏاڏاڻو ڦوڳن ڦڪڙا،
سچي تہ سڻ عمر ادا، چاڪ چيتيندا اڱڻ ايندا.

نيڻن يوسف نيبهه نينهڙو محبت محبن سان مارن ميڙو
درد دل شور سدا، عيب ڍڪيندا خوشيون ڏيندا.

❊

نت مون ماروئڙن جي ماڻ آهيان تن آڌار.

ڪونہ ڏسان بيو ڪونہ چوان تي، رمزن واري راهہ روان تي،
ٻڙيون پر ٻڪرار.
پانڌياڻيءَ جون بديون بخشيندا، ويڙهيچا اچي واهر ٿيندا،
رکندا پت پنهنوار.
لوئيءَ جي لڄ پاڻ نباهي، چوُنديءَ جو وس زِي چاهي،
اڻ ڇاٽي آچار.
مارن ملڪين مينهن ماندڻا، وسون ٿئڙيون ڏيهہ ڏاڏاٽا،
ويڙهيچن جي وار.
نانڪ يوسف يار تنوارون، پرت پڪارون درد ڌڪارون،
پلئہ لوئي نہ لاڙ.

❊

دم نيبهہ نينهڙو نيندا، پرين ايندا واهر ٿيندا.

مون جيهي مسڪين سان، اچي پنهنجو ڪرم ڪريندا،
نئي گولي گڏيندا.
فائق فيض نگاهہ مؤن، دل سارو ورهہ ونديندا،
پرين اجها پريت اڏيندا.
ڪوهيارا ڪوهہ ڪاف تي، رسي دانهن دست ڌريندا،
مان مهرون نظر پريندا.
آرياڻي عاصئڙن کي، ڏسي ڏوهہ بخشيندا،
وري ڇپر ڪين ڇڏيندا.

يوسف هن يتيم کي پنهنجي سات سڏيندا،
ڏڪيون عيب ڍڪيندا.

❊

سارو بيک بناءِ ري يار هي جڳ بازي ڪوڙ پچوڙي،

الله درد ۾ الله درد ۾ صحيح آهي سماءِ
ڏهون مرشد محبت سوڙي
درد قبولج دل سان هڪ تون سچو عشق الله
درد وارن آ آگهه اڳوڙي
عاشق اڳنا ڪاهه عشق ۾ پسي ترس نه تاءِ
درد ۾ ڪر تون تن من توڙي
ترڪ دنيا دين اهل دنيا جو اهو پر ريجهي راءِ،
عشق فرمودو رمز حضوري
نانڪ يوسف نينهن جون شاديون سولو عشق سياءِ
طالب دنيا جي منهن ڏوڙي

❊

ڪندا پاڻ پلائي، مون سان محب بجائي،
آءٌ جنهن جي آهيان.

لاتقنطو آسرو پاڻ پرين فرمائي.
سو پلايون سندن پائيان، لئون اڃي جن لائي.
بخشي ايندا بديون، دل جني پرچائي
ناهي تڪيو ڪوئي انهن ٻاجهون، پرين آس سدائي.
يوسف يار جي دامن محڪم، روز قيامت تائي.

❊

عاشق صفا سچي سڻ، هٿ ڪر خيال ڪي
فرمايو سچي مرشد، منجهه درد حال ڪي

آهي اونهو يارو قلزم برهه جو ڪارو
گم ڪرڻ تنهن ۾ سارو هستي محال ڪي

هن راهه ۾ هشياري، هردم جي خبرداري،
سمجهي عشاق ڪاري، موتو مثال ڪي

عاشق ٿيڻ توائي، ڪنهن منهن نه بٺي هوائي
پر هيءَ بشارت آئي، واحد وصال ڪي

وحدت ۾ خود وسارڻ، سارو ڪپر سنوارڻ
هڪ رمز ۾ نهارڻ، گل گل گلال ڪي

رک ڏيان من ۾ مورت، يوسف سڄڻ جي صورت،
ڪيڪاف جي ڪدورت، پسندين نه ڪال ڪي

❊

عمر سڀ افراد گذاريم، هئه هئه دم حيواني ۾،

پاڻ آهين پرجهائڻ وارو پيرِ پريت جوانيءَ ۾
لائڻ نينهن نباهڻ توتي، حال جنين حيرانيءَ ۾
تن سان شامل هر ڪنهن حيلي، واهر تون ويرانيءَ ۾
غفلت ۾ گمراهيءَ ۾ هون، دم ويا نادانيءَ ۾
جيهي تيهي تو لڙهه لڳڙي، سر سٽي قربانيءَ ۾
درد فراق هجر دل دانهون، پارڪ پريشانيءَ ۾

مون جيهي بدڪار نہ بي ڪا، صاحب تو سلطانيءَ ۾
يوسف غيب الله جو بخشون، دانهہ درازانيءَ ۾
سگ اسين دروازي تن جا، نانڪ نينهن اخوانيءَ ۾

❊

ناهي ڪوئي ڪنهن بئي ڏوهہ پنهنجو سمجهڻ پاڻ

مرشد مون کي هينئن فرمايو ڇڏ هستيءَ جو ڇوهہ
حقيقت جن حق سڃاتو تن سان رب جو توهہ
محو ٿيڻ منجهہ مورت مرشد، ٻيو ڪل ڪوڙو موهہ
منهن ڪارا تن مردودن جا، جي ڪن ڪنهن سان ڌوهہ
پاڻ ڪڍي ڪر پاڻئون پاسي، تان پسين عشق انبوهہ
جو هوندو فرمان هادين سان، پسندو ڪونہ اندوهہ
ساک سچي برهي جي سمجهڻ، ٻي پرجهڻ ناهہ ستوهہ
يوسف سچي دل دلبر سان، آهي اصل ڪئون نوهہ

❊

نانگا نينهن ڪيا نروار، روءُ ۾ پاڻ ريجهائن ٿا،
پر ۾ پاڻ پڇائن ٿا.

ڏنبا ڏکنبا ڪلهي ڪنيائون، منڪر سندو متو ٻڳائون،
ڪيائون عين علي اظهار.
ڪمريون ڪشتيون ساهي ٻڌائون، پورب سنداپنڌ پڇيائون،
ٿيا بازر ڪئون بيزار.
پاڻن سنديون پريون ٻڌائون، دلين سنداوجي دونهان وڌائون،
ڪيائون دونهن تي ديدار.
نانڪ هوندو درس درازين، يوسف پنهنجي عارين وارين،
مون کي سڪ سڄل جي تار.

※

هل هل دل چاهئون چل تون، وري وطن پنهنجي پنهنجي،

ديس اهوئي ڪين وساريو جوش برهه ۾ پاڻ نه ماريو
هت حيف رهڻ پلپل تون.
عمر دنيا دل بازي ڪوڙي، محبت رب جي مايا موڙي،
منجهه عشق الله جل جل تون.
وطن وبندين آرس چاهئون، نينهن نيايو نت اوڏاهون،
ڇڏ ڇوڙ ڇل ڇل تون
ساعت هڪڙي هيءَ حياتي، عشق الله ريءَ محض مماتي،
سڻ ساک سچي سل سل تون.
يار اندر ۾ يوسف سوئي، همت جهڙو مرشد جوئي،
سر سمجهه اهو ول ول تون.

※

ڪهڙي ڳالهه چوان، دل جي دل ۾ دلبر يار،

پير مغان مون کي ائين فرمايو سجڻ درد سنوان،
پيا سڀ پينگ پنوان.
ذڪن پنيان سڪڙا، ميتج سر سنوان،
نت، نت جوش نوان.
سوز انهيءَ جو سرتيون، ناهي ڪو تار توهان،
چا پڻ پر جهو اوهان.
نانڪ يوسف يار جي پارؤن، پيرين هر ڪنهن پوان،
نايو سيس نوان.

٭

هيءَ راند عمر ساري چل پل جو آهي چٽڪو
عاشق سمجهه سرهو احوال درد جهٽڪو.

مت وٺ مرشد جي رک هوش نه ٿيءُ نٽڪو.
صاحب سڄاڻ من ۾ ناهي ڏور ڏيهه ڍٽڪو.
محبت جي ميدان ۾ پڙ خان ملهي ڪٽڪو.
پيا سڀ وهم وساري واتو برهه مؤن وٽڪو.
آهي عشق راهه ۾ اصلؤن سر واهين جو سٽڪو.
ڀهلي وجن ڀهلوان ڪري ڀاڻ پنهنجو مت ڪو.
دنيا دورنگي ڊوهي بازي اجايو اٽڪو.
فاني فنا گذر ۾ ڪوڙو لاڏ ڪوڙو لٽڪو.
يوسف سوال هي سچ سالڪ نه سٽي گهٽڪو.
ريءَ عشق الله ٻيو سڀ ڳالهين سندو نه ڳٽڪو.

٭

يار سڀ ۾ آهين، توريءَ هلائي ڪير.

خاڪي صورت مردهه مورت، محض مٽيءَ جو ڍير.
ونحن اقرب تو فرمايو قند نه جنهن ۾ قير.
ڪل شيءِ هو الله هو. هرجا تون نر شير.
چڙهي هستي تانگهه برهه ۾، جيئڻ گهاٽن جو گهير.
يوسف حيرت عبرت عشقي، منجهه يارن آ يڪ ٻير.

٭

هوءِ نال نه نيائون، سرتيون وڏا مون وس ڪيا،
منهنجي منٿ نه مڃيائون.

سندين صحبت اوري آئي، اندر باهر وحدت وائي،
پنهنجو درد ڏنائون.

پاڻ اٿارن پاڻ ويهارن، پاڻ ئي مارن پاڻ جيارن،
مجنون من ڪيائون.
ڏکن دردن ڏيل ڏکويا، عشق انهيءَ جي جهڙاڳ جهويا،
ساهه سوزڙو سجائون.
ناهي پنهنجي ڪا اختياري، رمز عجيبن آهي ساري،
تنهن چونٽيءَ چپيائون.
نانڪ يوسف يار اداسي، مون من ڪيڙو محبت پياسي،
ويراڳ سر ڪيائون.

❊

طلبي ڪونہ الله هئہ هن ڳالهہ جو هينئڙي هوليئڙو

عمر اجائي ائين وڃي ٿي سمجهج ثواب گناهہ
فاني ٿيڻ منجهہ بقا جي ڪؤن پروڙي راهہ
آيو حيرت حال ۾ عبرت منجهہ ارواح،
راتيان ڏيهان روڄ اکين کي، سرتيون سڪ ۾ ساهہ
دنيا ڏوتي عادت لوطي ولهيءَ مؤن نہ ويساهہ
درد وارن کي ڪنهن جي ناهي پرينءَ ريءَ پرواهہ
نانڪ يوسف يارا توکي عشق هادي همراهہ

❊

چڏ تون هوش حيوانيءَ جو
سر سمجهہ صحيح انسانيءَ جو.

چاهہ چڱي سڻ هيءَ چڱائي، جا پوکيندين لڻندين سائي،
عشق الله ريءَ عمر اجائي، هي هو حرف حقانيءَ جو.

چبن گولن چاهہ برن سان، ڪوڙن گڏهن گاهہ ترن سان،
ميي مجهي مين جهول جهرن سان، عشق ڪهي دل دانيءَ جو.

شوق شڪارن پيو ڪل ڪوڙا، هي هت ناحق پنڌن پوڙا،
ملن قاضين مسئلا موڙها، غلبو عشق رباني ءَ جو.

موڳا تون مت عادت ماڻي، ورهي واري هت ڪر ڏياڻي،
حق ديدار جيوڪر جهاڻي، سر سچي سبحاني ءَ جو.

مرشد مورت من نهارين، هنجون سوز سدائين هارين،
ڪال نہ ايندءِ دم سنڀارين، شوقعون شاهہ جيلاني ءَ جو.

نانڪ يوسف يارن ياري، مرشدن جي مهر ستاري،
عشق اجاري تاري تاري، سر قربان قرباني ءَ جو.

❊

ٻيئيون جهڙ جهوئي، اکيون پرينءَ جي پار ڏي

درد اسان جي دل ڏوڙائي، حال چوان تان روئي.
نت نت راهہ نهارن چشمان، ڪانگ اچي من ڪوئي.
منهنجي دل ديواني ءَ ڏيندو دلاسو تان سوئي.
سارو ئي اختيار انهي ءَ جو آهي نظر ۾ جوئي.
نانڪ يوسف جان پياري، ساڻ پرينءَ پوئي.

❊

رهيون آهن روح ۾، جيجان جوڳيئڙن جون،
اوران سنجهہ صبوح.

سکيون سيليون سرانهن جون، اندر عشق انبوهہ
مون من مستانو ڪيو پرينءَ جي پاہوهہ
پريا پورب پار ڏي، ڪارا چڏي کوهہ
ساهہ اساڻي اڳ نہ هٿڙي، لاهوتين ڪالوهہ

بخشيندين پورن ڪي، ڏوٿ ڏمر ۾ ڏوھ
نانڪ يوسف يار عجائب، واسينگن سان وروھ

*

رهجي اچي يار توسان

عشق اوهان اڪڙيون اٽڪايون، ليئڙو ليئڙي پلپل پايون،
صاحب سچي يار توسان،
دلبر هي تان دلڙي ديواني، سندءِ محبت ۾ مستاني،
رچيون رچي يار توسان.
هي دم دم دلبر سائين، طرف اوهان جي هر هر جائين
اچون اچي يار توسان.
دم اناالحق اوهان فرمايو موج انهيءَ ۾ مقرر آيو
مچون مچي يار توسان.
هادي هر جا تون هين تون هين، يوسف يار نہ نانڪ ڏوهين،
سچو سچي يار توسان.

*

بيلي پنهنجو پاڻ سنيار، تون تان آهيان ڪاتي ڪونہ ڪو

سميع بصير عليم ڪليم، پنهنجو پاڻ نهار.
جو آهي سو ظاهر باطن، ڇهڇٽو ڇوڏار.
درد قبول ڪرين دلبر جو بي سپ دڪوڙي ڪار.
پير مغان جي در تي دم دم، عاشق هنجڙيون هار.
نانڪ يوسف يار اهوئي، يار نہ ٻئي ڪنهن پار.

❊

هوءِ تون شڪر گذار، چو درد ڪرين ٿو دل تي؟

من ڪان الله ڪان الله له، اهو رک اعتبار.
فهو حسبہ فڪر ڪر، دوست ناهي دم ڏار.
يحبهم و يحبونہ وٽج چڱو آهي واپار.
فاذڪروني اذڪر ڪم، رک اهو روزگار.
دنيا جي هشت جو، وهم نہ ڪر ويچار.
رجال لا تلهيهم تجارتہ قرب سان ڪم ڪار.
و هو معڪم اينما ڪنتم، ڪيو ٿن قول قرار.
يوسف پنهنجي يار سان، هوءِ هميشہ هوشيار.

❊

آندو عشق الله، جيجان جوڳيئڙن کي
سرها ٿيٽڙا ساهہ

سامين ساز وڄائيا، عشق منجهان آڙاهہ
وڄن طنبورا طلب جا، مرليون مست متاهہ
ذاتي ذڪر الله سان، لاالله الاالله
اڪڙ مون مسڪين جي، آيابخشي بديون گناهہ
نانڪ يوسف يار بهاران، مرشد نور نگاهہ

❊

پيلي هو هو هو دل چؤ تون، هو جي حرف هاديءَ جي حال جا.

نينهن جا نقط ڪير ڇپائي، ضابر نوبت زور وڄائي،
پيلي رو رو رو دل رو تون، منجهہ راهہ برهہ رهوال جا.

عشق بنا بيو پنڌڙو باري، صورت مرشد وحدت واري،
منجهہ پئو پئو پئو دل پئو تون، هوجي جوهر جوت جمال جا.

ڪارونيار ۾ ڪاهه تون اڳنان، روح روشنائي ناهي تڳنا،
پيلي پئو پئو دل پئو تون، مون کي قسم سندن هڪ سال جا.

منجهه مماتي حال حياتي، سچو ستگر سونهون ساٿي،
پيلي وو وو وو دل وو تون، ڪر يوسف دم خيال دا.

*

منهنجو آهين تون، تنهنجو تار تڳان تن من ۾،

هندو مومن هر مظهر ۾، صحيح سڃاتو مون.
حيف انهن ارواحن آهي، جي تا پائڻ ڏون.
ازل لاڪون لايون تن من، تنهنجي نينهن نيون.
عشق الله ريءَ عالم ڪل ۾، پينگن جان پيون.
صاحب تون سرپوش اسانجو تنهنجا دست مٿئن.
يوسف يار سوالي تو در، مهر سندو سان نت مرڪون.

*

پس ديدن ۾ ديدار، ڪير آهي جو تو ڪري نظارا،

دل ۾ ذاتي پائج جهاتي، گذر ڏسڻ ۾ سير صفاتي،
باطن ٿيا اظهار، پاڻ پرين پنهنجا ڏسي پسارا.

حسن هزاري محبن ماري، خيال خدائي خبرداري،
پاڻئون رهن بيزار، جيئن ڪرن سي مست متارا.

ڪي دهشت ڪئون دور ونن ٿا، ڪي شهه عشقئون شور ونن ٿا،
بار ڪيهي ڪيان تڪرار، مرشد من ۾ عشق اوتارا.

نانڪ يوسف شهه سهاڳڻي عشق معشوقن درد ڦاڳي،
آهي برهه بي اختيار، پاڻ ڪرڻ گم عشق اشارا.

❊

پرين مون ۾ عيب عميق، بديون بخشيندؤ لائق ڪندؤ
واهر ٿيندؤ

نماڻن سان نازڪ نينهڙو، پاڻ نياءِ شفيق
مسڪينن جو تو ريءَ ناهه ڪو، حق هادي رمز رفيق
ميريون منديون مون ٿئون ميٽيندؤ سهڻا حسن حقيق
تون ڪل جو پوش آرباڻي، هت هت لاشريڪ،
نانڪ يوسف يار درد ري ٻيا سڀ ڪم ڏند شيڪ

❊

اهو جوڳي جهنگ ۾ آيو ڏس روپ رکي بيرنگي،
تنهن ڏاڍو شور مچايو ڏس روپ رنگي بيرنگي

مرلي سوز فراقئون ڦوڪي، جهم جهم جهمڪو لايو
تخت چڏي هيري لڳ آيو آڻي عشق اڙايو
عاشق صورت سيالن وارو ماهي الله ملايو
جهنگ سارو حيران ڪيائين، تنهن ڏس تان پاڻ لڪايو
تخت هزارو چڏي هزاري تنهن پرديس پچايو
مرلي بسمي بشيهر جهولي، تنهن هينئڙي پاڻ لڳايو
ڪو جو تنهن کي برهه باطن ۾ هيري چوٽ چلايو
راوي رانجهن چڏي ڪناري، تنهن اچي ورهه وسايو
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ٿيو گداگر، درسن ڪاڻ سڪايو
نانڪ يوسف نالي جوڳيءَ ۾ پر پاڻ ڇپايو

❊

اداسي انئي پھر ھون يار سھڻا
فراقن ۾ ھت ٿا گذاريون لاچاريون.

ٻن ريءَ ھوتن ھئڻ ھيءَ حياتيءَ
جيئڻ ۾ جنجالي ٻھاريون چڪاريون.
فنا ۾ فڪر ڪر تون طالب سچائي،
اچن ٿا سي ھستيون گذاريون وساريون.
دم دم سانباھا اچڻ جا ايڏاھون،
ھنجون سوز ھاريون ٿا راھون نھاريون.
ڪڏھن يار ايندو ٻانھي نال نيندو
ايڏاھين قطارون ٿا ڪانگن اڏاريون.
آھين ساڻ يوسف نباھڻ تون وارو
خدا لڳ سٽي دل جون زاريون ھزاريون.

❊

آھي مددگار مرشد سچو مون نماڻيءَ سان ھر حال ھمت سدائي
محڪم سچو ساھ ويساھ تن تي توڪل سندي ڪمر جن ڪشائي.

ظاھر باطن نگھدار ھادي، فقر فيض دامن جني کي ڪشادي،
نيبھ ننگ واري انھن کي سيائي.
پرين پنھنجي رحم سان تار تارن اجارن سيھ دل مھر مان نھارن،
پسي، پلن ڪئون تہ آخر پلائي.
ڪمي ڪانہ محبوب جي مھر پارون، اديون دل ۾ سھوان سوين سڻ پوڪارون،
لائق شاخ نہ ليڪن ڏلن جي ڏلائي.
عمر اجائي ھاءِ من مون وڃائي، ڪفر ڪار واري نہ ڪيڙم ڪمائي،
چوڻ ۾ درد جي نہ آھي ادائي.

يوسف يارانو يگانو شهانو منجهه عشق اچلن سچا سر نشانو
انهن سان رفيقي رحم حق بجائي.

❊

هيءَ محبن کي خوش آئي، چڙهي فنا کي بقا سڏاٿا.

باقي ٿئڙا وجي بقا ۾، پرين پنهنجي سير لقا ۾،
هاديءَ کي سُڏ سيائي، سچي تہ صاحب سچ سيباٿا.

منجهه حضور هاديءَ جي يارو، ظاهر باطن نينهن نغارو،
مني مرشد چوٽ چلاتي، سٽي هيءَ عقل ٿين اياٿا.

پاڻ پيغمبر ڪيا مختاري، ڏنين ڏيهه ڏٽيءَ ڏاتاري،
فلڪ ملڪ هيءَ وائي، سچو بي هوڪو سچ سچاٿا.

پنهنجي پرين پاڻ گهرايا، هت بہ هاڪي ڏيهه سڪايا،
مڙي ملڪن سيج ڪوچائي، پنجن تنن يارن من ياٿا.

فائض ڪل اولياء ڪيائون، پنهنجو عشق امداد ڏنائون،
ڏس روز رکي روشائي، حافظ محمد سچ سماٿا.

حورن ڪيڙا هار هزارين، خاطر پرين انت اپارين،
هيءَ غيبؤن عشق الائي، عند مليڪ مقتدار يار تڪاٿا.

ٻارهن سو ٻائيٽاليهه تياري، چوڏهين رمضان هجر هسواري،
واڳ وطن تي ورائي، ڏيئي عشق اواٿا.

يوسف يار سڄڻ ڪيو فراقي، موٽي ملندا ٿيندا اوطاقي،
اها ڳالهه برهہ ڳجهه ڳائي، روئن نانڪ نيڻ نماٿا[1].

---

[1] سچل سائين جي رحلت تي جيل

❋

سارو ٿي عشق اسرار رنگن ۾ جو آهي

طرحون طرحين تال تماشا نقشو نقش نگار
فوق تحت گهنگهور برهه جي جانب جو جنسار
هي دم چٽو چلٽي بازي هٽ هٽ ڏس تڪرار
اواگهه آون عرش منارو ويتر وجد وسار
ٽيڙا اويڙا عشق اويڙا برهه پيڙ پڙڪار
بي اختياري بانور باجي ديدن ۾ ديدار
ڏس ذڪي دل حسن اوتاري دم دم دردَ پڪار
انا احمد بلا ميم سمجهه اور نه جنهن جو پار
اوڪا پرجهج ڳالهه انهيءَ جو الستي اقرار
ڪيئن وساريو تو دل غافل هوش رکين هشيار
نانڪ يوسف يار غريبي واٽ ونڻ ويچار
ڏيان سچي گرچرنين لايو حاضر همدم يار

❋

آهي عشق حسن اسرار لکن هزارين نينهن نهوڙيا

هينئڙي حيرت حال انهيءَ جي ذڪن دردن جال انهيءَ جي
ڏس رمزن جو رمتار يار سهٽي سهٽا ڪمڙا جوڙيا

نور نبيءَ جو مور مهاندي ڳڻ جنهن جا ڳالهيون ڳاندي
اٿي وڻ وڻ ۾ ويچار پيائيءَ ڏس جو عالم بوڙيا

علم عقل جون عقلي باتان ڪوئي باب نه ڪوئي ماتا
ريءَ پرجهڻ ڪوڙ ڪفار هي سڀ هٽڙي هر ڪنهن چوڙيا

آل نبي اولاد عليءَ جو آهيان گداگر تنهن ڳليءَ جو
ڪل جنت جو جنسار، جيءَ سندن تان هئي جڳ گهوريا.

حق سچي تلقين هنديءَ جي، فتح مبارڪ مون مهديءَ جي
چمان فقر سندن پيزار، دين دنيا جا چمڙا توڙيا.

شور عاشقن حال حقيقي، پير مغان سر خال رفيقي،
واهه شهه منصور عطار، عاشقن اچي سرگهورون گهوريا.

نانڪ يوسف يار سدائي، چئني يارن هڪ هيڪڙائي،
آهي ستگر سپ ديدار، هت هت محبت مائٽ جوڙيا.

❊

جهاتي پاءِ حسن ۾ جهاتي، جنهن پاتي ٿيو عشق اثباتي.

حسن هاديءَ جو سيؤن سهڻو دل رمز اها دن راتي،
سو تان هردم جيءَ حياتي
ديد ڏني دم پرتئون پيهي، تا جهاتيءَ ۾ ڌر جهاتي،
پسين دوست اندر هو ذاتي
طالب توتي حق اهوئي، سڻ گوش رکي گوشاتي،
ڏهون هاتف ري پرياتي.
گم ٿيڻ هت آهي عشاقن، موتو قبل سماتي،
منجهه باقي برهه براتي.
تنهن پڻ تئين تون وحدت واصل، وهه رمز اها جنهن جاتي
تنهن سير ڪيو سوغاتي
حڪم سيوئي محض محبوبن، ڏهون رهبر خبرون خاطي،
پرين پاڻ آهن شفاتي.

هي هن هن سان ڏور ڏکن جو، هڪ بحر برهہ برساتي
مصلا تي پڙهہ صلواتي.
عشق اوتار هادي تو ڄاڻي، ناهي عبد ناهي عباداتي،
سو صاحب سمجهہ صفاتي.
نانڪ يوسف ديس معشوقن، ڪهڻ ڪسڻ قرباني
ناهي ڪم ڪنهين ڪمذاتي.

❊

ڪيڏو ستم سهايئہ تورو لکن جو لايئہ
موسيٰ جو طور سينا تي تجليءَ ۾ سر جلايئہ
ابراهيم کي آڙاهہ ۾ ويرين هٿان وجهايئہ
اسماعيل کي ذبح ڏئي ڪوني آٽي ڪهايئہ
جرجيس کي جفا ڏئي يحيٰ قتل ڪرايئہ
ڏئي زور ذڪريا تي ساڻ ڪرت جي چيرايئہ
حسن کي زهر ڏئي ۽ حسين رڻ ڪهايئہ
وجهي ڪوس ڪربلا ۾ ڪنو عشق جو ڪنوايئہ
يوسف هن يتيم کي پنهنجي نينهن ۾ نچايئہ
گهونگهٽ ۾ ڏئي ڏيکاري رئندي کي يار هسايئہ

❊

تون تان اهو آهين جي پاڻ سڃاڻي،
غير خدا ناهين يار ناهين.
پنهنجو پاڻ نہ وڃ ۾ ڏس، اسم جسم چاهين.
سيڪا صورت حق جي آهي، ڏس سير سڄڻ ماهين.
اڇي صورت آدم ذات ۾، ناهہ لکين ٿر ناهين.
سوريءَ تي منصور کي، معراج عشق شاهين.
گنگا جمنا دوارڪا ڏس، ڪعبہ ڪاڏي تو ڪاهين.
ڏس ڳهيلا ڳالهہ انهيءَ جو، الانسان سري لکيو آهين.
نيٺن يوسف آءُ نہ ڪوئي، دم عشق الله آهين.

❊

بيزار آن بيزار آن بلڪل وجود خود کئون پرين.
يار دين ڪفر سان ڪم نہ مون.

دين مذهب عشق ناهين. ڪوڙ جا ڊوڙ ڊوڙبون ڊاهين.
برهہ بي اختيار آن.
دل دنيا ڏي دين واري. ڪار هيءَ ڪين آهي موچاري.
جو عشق کئون انڪار آن.
درد جو دل سان يارانو يار عاشق رک يگانو
درد وارن يار آن.
عشق نا جنهن دل الاهي. هر دو جڳ تنهن رو سياهي.
سنهن نبي سر دار آن.
همت هادي آئي يارو. جنهن وڄايو نينهن نعرو
انا الحق اظهار آن.
نينهن نانڪ دل سچارو. يار جو يوسف نظارو
درس دل ديدار آن.

❊

توسان لڳو تو رهين. توسان لڳو تو رهين.
هر ڪنهن پورو ڪمين.

عرب عجم چٹو چارئي قبلہ چا اپي چا لمين.
نحن اقرب رب وسي تو هم نہ ڪوئي تمين.
صورت ۾ سير الاهي. صحيح سچائج چمين.
ڪل يوم هوفي شان. پلپل پلڪين دمين.
يوسف يار هميش حاضر. عشق الله اوهين.

*

آهي دل جي دم دم درد سان يار،
اور اندر ۾ ڀير ائي.

پير مغان مون کي هيئن فرمايو وحدت وارو سيد سڻايو.
دين ڪفر ٽيئڙا ڀٽ پيئي
مذهب مشرب مون چا چاڻان، رمزن وارا راهه سڃاڻان.
مرد وڃن ٿا پئي هٿ ڌوئي
جلوو عشق جو پاڻ سڃاڻي، صم بڪم تي ڪر ڇاڻي،
پير مغان ڪٺون، هيءَ سڌ پيئي
مرڻ جيئڻ معراج عاشقن، درد جو ڪِهڙو قدر قزاقن،
عاشق سمجهن هي سر ڏيئي
نانڪ يوسف يار جي دامن، دوست درازين فيض تمامن،
چارئي محڪم پنجتن اٿيئي

*

آهي روح اسان جو رس ميان،
پنهنجي هاديءَ سان هر حال ۾

ريءَ خوشي محبوب جي عشقي، ڪين اڇي ٻيو ڳس ميان،
آهي دنيا دور جنجال ۾
معشوقن جي مهر باجهون، ٻي سياڻي بس ميان،
پاڻ ڄاڻي دل دال ۾
دين ڪفر اسلام مذاهب، ڪين وڃين تنهن ڳس ميان،
دم عشق سندن احوال ۾
شيخي پيري ۾ بزرگي، دل نه منهنجي وس ميان،
ڪين ميجي ڪنهن ڳالهه ۾

هنر لکين ٻيا عشق الله ريءَ، يوسف يار تون دس ميان،
عشق الله هر حال ۾.

❊

آيا سي آيا مون تي ماڙ ڪري،
سانگ چڙهي ماروڙا ماڳ تي.

وسڻ ٽيڙيون ويجهڙيون، وڙهيچاڻي واڙ
مايا ڪين مايا.
ڏک تہ منهنجي ڏيل جو هينئڙي ۾ هاءِ هاءِ،
پايا ڪين پايا
صاحب ڪوڪان ڪن پون، هيس آءُ اجاڙ
پايا ڪين پايا.
نانڪ يوسف نيڙي وسندا، هادي ساڻ ستار
پايا دل پايا.

❊

تو پرچائي ائين وي ميان، يار مليو اٿم جانيئڙو
درد مندن کي پاڻئون چاڻي، مرشد چاڻي جام آرياڻي،
يار سندر ساميئڙو.
عاشقن سان مهر سدائي، سندي هاديءَ برهہ بجائي،
هر دوجهان ۾ حاميئڙو
دنيا دير ڪفر چيا جاڻان، ڏوهہ ثواب سيرسجاڻان،
دم عشق سوا عاميئڙو.
بيڪسن کي پاڻ ٿو پالي، ميريون منديون ساٿ سنيالي،
خوب ڪامي ويو حرخاميئڙو.

٭

بڙي آهي جيڏيون اهو ساڳيو يار منهنجو
تنهن ڪوئي تفاوت ناهي آهي ساڳيو يار منهنجو.

سندي لالڻ لوڏ سجاڻان، منهنجا ساڻ تنهن ڪهڙا ماڻ،
ٻيو ڪير سهاپا سنباهي ڙي، معشوق مختيار منهنجو.

حسن حقيقت ۾ هرجا سهڻو ٻي رنگ بازيون رنگ رنگ سهڻو
بيلي ڪو ٻيو ايندو آهي، سو حال پسي اسرار منهنجو.

بحر لهر جان موجان ڏڙيون، پاڻ هي پاڻ سان ڪڙڪاڪڙيون،
بيلي مشڪل سمجهڻ سا آهي، هي دم هادي سردار منهنجو.

طرحون طرحين موجان گهريون، عشق الله جون جنهن سرنهريون،
بيلي پنهنجو پاڻ نباهي، هو حسن سندو هسوار منهنجو.

پرين پنهنجو پاڻ سڃاتو نجهري نڏر جي ليئڙو پاتو
توڙي ڏانو ڪيا لک ڏاهي، دل يوسف يار بهار منهنجو.

٭

بڙي جيئن تيئن نيبهه نيندا، ننگ پنهنجو آرياڻي.

مون مسڪين ۾ سهسين منڊايون، پلا پنهنجون ڪرن پلايون،
اڇي حب ۾ حامي ٿيندا، پنهنجا لائق لعل سڃاڻي.

يار پرينءَ جي پرنگ پياسي، راتيان ڏينهان روح اداسي،
پنهنجو ساٿ سنياري نيندا، گهٽو آهيان عيبن هاڻي.

مون بنديءَ ۾ ڀهون بدڪارون، دوستن جي در دم دم زاريون،
جيڏيون ڇپر ڪين چڙهيندا، رڄ سڄ ۾ سي آهن ساٺي.

مددگاري دم دم ياري، محبوبن جي مهر ستاري،
پريين گولي گڏ گڏيندا، سڻ ورهه جي واهه وراٺي.

عاشقن کي عشق بهاري، نانڪ يوسف گل گلزاري،
هٿ هٿ درسن دل ڏيندا، پنهنجي در جي پورهيت چاٺي.

❊

اڄ پريںءَ جا پيغام، خاطن خبرون خير سڻايون.

طلبت نامون پاڻ مڪائون، ڏس ڪرم ڪريم ڪرام،
وهوا عشق واڏايون آيون.
ڪرم ڪمينن سان پاڻ ڪمائون، هوجي صاحب حڪم حڪام،
ڏس تان ليئڙو ليئڙي پايون.
آن تہ هيڙس ڪينڪي، وهه سهڻي لکي سترام،
واچون ورهي مينهن وسايون.
فوج فراقن واهه وصالون، ڪفر ڪٽي اسلام،
عشق پڪارون لونءَ لونءَ لايون.
ڪيم تياري طرف تني جي، سرتيون جن جي سام،
تن جون مون سان لک پلايون.
نانڪ يوسف يار ڪتابون، شڪر ني هر نام،
ايوين ديدان دوست پسايون.

❊

آهن ڏور جفائون جور جيجان، جوڳين جي منجهه راهه
سڻ تون سامين ڏي ڪر ڪاهه

سڪيون سڪيون سڪائون، نئون نياپو نينهن مڪائون،
منهنجي ساڻ انهن دل اور، آيل سوز سندن کي ساهه

مک ۾ مرليون ڪمر ڪشائون، پورب سندو پار ماٽيائون،
اهي آڏوتي اگهور، لائي درد ويا ارواح،

ڪاپڙي ڪن چير سارو هلي پورب پسون نظارو
مل شوق مچايا شور، محبت مستي عشق الله

نانڪ يوسف يار اداسي ساميڙن لئه روح سناسي
منهنجي رات ڏينهان دل دور، اکڙين اوڏهن آهه نگاهه

❊

سگهو واڳڙي ورائي موٽ ماروئڙا،
پرين ائين نه جڳائي پرين ائين نه جڳائي

آهون سٽي ايلاهون، ڪر ماڙ مون ايڏاهون،
آءُ الله لڳ اوراهون، ڦري ڦيرڙو تون پائي

سک ساهه جون سنيارون، ساڻ ڪنن سڻ تنوارون،
دل درد ڪيون قطارون، آجو قيد ڪؤن ڪرائي

اميد الله ۾ ايندا، ايندا ڪرم ڪريندا،
تڪرار تا چڙهيندا، جيو چڙهيون بجائي

يوسف دلاسو آيو ساٿين صحيح سٽايو
محبوب رحم رايو تحقيق تو سدائي

٭

ماروئڙا هو مارون منهنجي ماڙ آيا،
تيڙيون وسون وري

پلڪ انهن ريءَ ہر پراهون جن جي ڏينهڙا لايا،
وريا وس چري
نماڻيءَ جي آيا نجهري، تن لڪ تورا لايا،
برهي ڳالهہ ڪري
قيد هئڻ کان آجو ڪيائون نڪو ٺي باب مايا،
مرشد ٻاجهہ پڙي
ڏک ڏوٿين جو ڏيل اڳاهون منجهہ وصال لايا،
سو فلڪ هجري
عيب اسان ہر ڏوهہ ڏنگايون مون يار پاند پايا،
سنلن پيش پڙي
نانڪ يوسف ياري يڪدل، مارن مهر رايا،
ڪوٺي سنلن ڪري

٭

آءٌ آهيان مشتاق لو دوست تو ديدار ڪارڻ

روز ازل ڪئون ٿو رت رٿان عاشقن اشتياق لو.
سڪ سدائي آهي انهن کي درد ہر دردناڪ لو.
حيرت عبرت سدا انهيءَ جي منجهہ وصال فراق لو.
هئن هستي آهي نہ‌ان جي برهہ ہر بيباڪ لو.
سوز وارن جي دردن ڪيئڙا سين دا سو چاڪ لو.
نانڪ يوسف عشق الله ريءَ بيا سڀ ڪوڙا لاڪ لو.

---

٭ ڇاپي ڪلام ہر هي سٽ ميساريل آهي. تنهنڪري "نانڪ يوسف جي ڪلام جي قلمي نسخي" تان ورتي وئي آهي. ـ مرتب

❊

دم عاشقن کي گهڙيون، گهڙيون گذارڻ غم ۾

ماتم هئہ هئہ هو ليئڙو تن، پاڻ چڪيا جن پڙيون
پرت سچي پرينءَ سان جن، چڪڻ مان سي چڙهيون
آهون سڻ ارواح انهن جون، ڏؤ ڏؤن دردن ڏڙيون
اديون اڪبر طالع تن جا، محبت ۾ جي ميڙهيون
محرم سي دل درد وارن، جي گهاو برھ جي گهڙيون
آھ انهن اختيار نہ پنهنجو قيد زلف جي ڪڙيون
سهسين لک انصاف انهن جا، سر ستي جي ڪڙيون
چا ڪربلا ۾ قرب انهن کي، عشق الله جيءَ جڙيون
يوسف يار مان صدقي تن تان، جي لائي نبنهن نہ لڙيون

❊

غم عشق الله لک لهريون، لهريون لنگهن دم دل تئون

موجان موج پيا پي خوني، شربت مؤن سي زهريون
ڏڙ ڏڙ ڏڙيون چل چل چوليون، گهور ڪرن جي گهريون
حسن معشوقن فوجان چٽڪيون، پيلي طرف عشاقن پهريون
جاري آهن جوش برھ مؤن، نينهن سنڌيون سي نهريون
بن ديدار آهن درما بديون، ساڻ ديد معشوقن چهريون
صادقن .سان سچو هوڪو سي منڪر جي ڦهريون
نانڪ يوسف عشق الله جون، مون سر چٽڪيرن بحريون

❊

پيا سپ وهم وساري آياسون عشق احسان ۾
دل خطر خوف گذاري اچي پياسون ملڪ امان ۾

حب وارن کي چا حب هاڙهو، ڏک ڏونگر لک لتاڙي
ڪي مرد ايندا ميدان ۾

جي پر پنهنجي لڱڙا سو پرين، سي دل ۾ دوست نهاري،
ٿيا واصل درد ديوان ۾.
ڪيچيئڙن تان ڪين پروڙيو وبا سسئي سيج سمهاري،
تن حيف تہ هر دوجهان ۾.
عاشقن ڪي عشق حقيقي، آهي مرشد پير پناري،
منجهہ ديد حڪم ديان ۾.
نانڪ يوسف يار بهارون، منجهہ عشق الله نظاري،
دم عاشقن چست چوگان ۾.

❊

چپ چپاتي چپ جي بات، مون آهي پاتي يار چپ

باغ چپ بازار چپ، بازار جو واپار چپ
شهر چپ بحر چپ، ساروئي سنسار چپ
نانڪ چپ يوسف چپ، درد جو ڏڏڪار چپ

❊

اقرا نا قيرائڻ مردن جي شان ۾،
محبوب سان چوڻ جو ذرڙو زبان ۾.

آهي ڪاذبن جي ڪيني تحقيق سڻ حقيقت،
ڪر قياس پنهنجي دل ۾ ڏس اول قرآن ۾.

چڏ ڪوڙ جو ڪنارو رک عشق شاهہ سان،
هڪڙيون رکڻ سٺائڻ بيون پو لسان ۾.

سڻ سمجهہ هيءَ وصيت منهنجي نہ مان چئي،
حق تي ميجي تي مچ تون هوندين امان ۾.

صادق رهن انهيءَ راهہ نادان تون نہ ڄاڻي
اسرار فنا پيتا نينهڙو نيشان ۾

معشوق سان بہ ڳالهيون ڪنهن جي نہ فهم ۾
جيڪو ڪندو سو ڏسندو دل جي ديوان ۾

يارو يگانو يڪدل آهي يار حاضري
ناظر نگاهہ ۾ ڏس هو لامڪان ۾

يوسف رهڻ ياري صفا آ صوفين
پوءِ ڪري حڪم هلائين هر ٻہ جهان ۾

❊

اڄ نبي اسان جو آيو وائي وات ٿي وئي
ڪريا ڪوٽ ڪفر جا، تجلات ٿي وئي

جبريل جاءِ جوڙي يڪدم آيو ڊوڙي
سيد جي صحبت ۾ پريات ٿي وئي

جنهن رات ٿيو رهاڻيون، ملڪن ڪيون ڪهاڻيون
حورن سهرا ڳايا، مني لات ٿي وئي

هي يوسف يتيم ٻانهو تعريف ڇا ڪري
محب مليو مولا سان، ملاقات ٿي وئي

❊

اڻ ڄاڻن تون، توڪل تنهنجي جن کي تون آهين

توريءَ تڪيو آهہ نہ ڪوئي، دل قسم سچا مون
لاتقنطو دوست دلاسو، تو ساک سچي سئي سون

لعنت الله لعينن تي، جي ڏوڙا پائن ڏون
نانڪ يوسف يار جي لنوڙي لڳڙي هڪ لئون لئون

❊

پاڻ آ نينهن نباهڻ وارو جنهن سر بدڪارن بارو

جيهي تيهي آءُ بدڪارڻ، دامن جو ننگ سارو
پير مغان سو مسڪينن جو جو آهه مدار مدارو
مندي ميري متيءَ ڍيري، ڪري ڪهڙو ڪرارو
معلوم محبت حال حقيقت، گوندر غم گذارو
مون نماڻي عيبن هاڻي، اندر عشق اوتارو
بيڪس جو هادي سائين، تو ڪري پاڻ سنپارو
ڪفر ڪاري ۾ دل ساري، صاحب قسم سچارو
عشق اجارو صورت مرشد، ڏسڻ روز نظارو
نانڪ يوسف يار جون جوڙان جوڙي پاڪ پيارو
ڏوهه ثواب ۾ سهڻو سڀ سان، ڪيڏي ڪيڏ ڪيڏارو

❊

ٿيو انگريز خراب، هاديءَ حڪم هلايو پنهنجو

مرسل ميڙي فقر جي آيو ڪولي نور نقاب
چارئي يار پنجتن چڙهيا، ڪري تريلا تاب
ڪفر سر قتلام انهن ڪئون، ڪولي ڏس ڪتاب
ماريو منڪر ڪل فرنگي، ڪسي ٽيڙو ڪباب
اسلامين تي اصل ڪئون ميان، ناهي ڏوهه ثواب
ڪتيون ۾ تارا گم ٿيئڙا، پسي عشق سندو آفتاب
يوسف يارا رايو رب جو، دل ۾ جوش جناب

❊

بيلي هينئڙي حيرت عبرت آهي، هي تان ڪنهن جي تربت يار.

اندر تربت ڪنهن جون ٻوليون، ڪهڙيون ڪهڙيون لڙن جون لوليون،
بيلي سڻ ساڻن جا ڙرپت يار.
گم ڪرڻ هي تربت ياري، وجهه نگاهه نگهه ۾ ساري
اٿي شور انهيءَ ۾ شربت يار.
اندر ٻاهر پريم پيارو روز وڄائي انحد نعرو
بيلي گهٽ گهٽ هوري پر گهٽ يار.
نانڪ يوسف يار اهوئي، گم ٿيڻ هٿ هڻ دلجوئي
بيلي وڃ ڦريبي غربت يار.

❊

ڏوليا ڏڪيندين منهنجون مدايون،
ڀلن ڪوڻ ڀلايون سدائين چڱايون.

عيبدار اصلوڻ ڏيهه ۾ ڏوهاري،
گنهگار بدڪار معلوم تو ساري،
تو ريءَ ڪير بخشي برن جون برايون.

اوهان ڪون سيپئي ٿا احسان واريون،
مهربانيون شفقتون بي شماريون،
سهو و سيئي اسان ۾ خطايون.

پشيمان پنهنجي افعالن ۾ آهيون
اوهين ٿا اچو پنهنجو نيهڙو نڀايون،
نه ته حال ٻر ٻر اسان چا سٽايون.

وري ڪر تون پير مغان دستگيري
آخر عمر وقت ۾ پير پيري
مرشد منا تو ريءَ ٻئي ڪنهن سڏايون.

دل نور نيڻن سندو آ نظارو
آخر اول تون سچا آن سچارو
عرض يار يوسف ڏيو درد لايون.

❊

ڏکڻهار ڏکين تون ڏوليا ڏلايون
منهنجون برايون ميان تون منڌايون

اصل کان اوهان جي آهيان مان نماڻي
پاڃاڻي اجاڻي سنڌءِ در وڪاڻي
چڪڙ ڪئون چڪايون سدائين سيبايون.

نہ ڪئڙم عبادت زهد دين واري
عمر وئي اجائي منجهہ ڪفر ڪاري
تون بخشين خطايون • اوهان ڏنهن عطايون.

سيئي عيب مون ۾ سوين گنهگاريون
ڏسي عيب پنهنجا هنجون هاءِ هاريون
اچو ٽا رهايون . پنهنجو ننگ نڀايون.

عرض يار يوسف سندو سڻ پيارا
پارک پال پنهنجا سخن تون سچارا
تو در پاند پايون پريم ٽا ٻهايون.

*

قربدار آهين پنهنجو قرب ڪيئن ڇپايئي،
عرشؤن اچي زمين تي پرين عاري ڪوٺايئي.

انصاف عاشقن ۾ مچ عشق جو مچايئي،
حيرت ۾ سوين حيران واهه جو تماشو لايئي.

بوتي ۾ خاڪ خاڪي آدم نبي بڻايئي،
باري بيرنگ رنگ ۾ رنگ سهڻو رسايئي.

احد مان احمد ٿي نانو محمد ڌرايئي،
فوق و تحت خدائي هرجا حڪم هلايئي.

اسرار ۾ سچو دم حيدر علي متايئي،
ول ڇل ڪرين تو ڪيڏا چالون عجب چلايئي.

سڀ ڪنهن پوشاڪ ۾ تون پيو ڪوڙ مون بنايئي،
هندو چوان مسلمان پرين پنهنجو حسن پسايئي.

يوسف يتيم کي پنهنجي منهن ۾ نچايئي،
گهونگهٽ مؤن ڏٺي ڏيکاري رئندي کي يار هسايئي.

*

ڪوڙ ڪم نيڪيءَ سندو مؤهون ٿو رب راهه ۾،
عمر ساري گنهگاري مون گذاري ناهه ۾.

اي ادا افسوس دل کي درد ۾ درماندگي،
تياڳ تفسيرن سندو نافع ڪندو مون نگاهه ۾.

ڪانءِ ڪا اوڏهن ڪو ناهي منجهه اسان بدڪاريون،
لاتقنطو آسرو مرشد سچي الله ۾.

عيبدارن تان سندو حامي سچو هادي اسان،
ٻنهي جهانن طبل جاري عشق جو ارواح ۾.

ڪفر ۾ اسلام چئو تون چا صلاتن ٻانگ سان،
درد دل ويڙهي ويو جن کي بقا با الله ۾.

يار يوسف جي وچنين آ سچو ويساهه مون،
تار تاري آهه ان جي شوق دم دل شاهه ۾.

❊

هادي سچا هر حال ۾ مشڪل ڪشا مختيار تون،
تو سوا واهر نه ٻي آهين هر دوجهان اظهار تون.

عرض هن مسڪين جو سڻ سروار سردار تون،
نوريءَ چوان ڪنهن درد دل عينن سندو اوجارتون،

داد ڪر مرشد اچي ياور يتيمن يار تون،
آهي هت هت اوهان جو دوست دم ديدار تون.

درڪار دل محبت اوهان هر دوجهان ڏاتار تون،
فرياد سڻ دم دم سندي محبوب دل منٺار تون.

پر اوهان پرتي پاڄاٺي عشق جو اسرار تون،
دارون اوهان ريءَ ڪيو ٻيو آهين اڙين آڌار تون.

بخش بدڪاريون پرين يوسف سنديون ستار تون.
شفقت شفا تو هؤن آهي تون هين تون هين تن تار تون.

٭

دلبر درد مندن جي صاحب لهه تون سار.
صاحب لهه تون سار ووءِ ووءِ ووءِ صورت جا سردار.

راتيان ڏينهان روح ۾ تونهين تونهين تار.
اڻ تڻ وائي وات ۾ سندو پر پچار.
اڳڻ آءُ اسان جي سٽي درد پڪار.
نجهري نمائيءَ جي پيرو ڪج پتار.
آءُ وني وچ پاڻ سين دوست مٺا دلدار.
عاشق توسين آهيون دم دم ۾ ديدار.
پاڙيا توهان پنهنجا سچا قول قرار.
چمان روز اکين سان پر سندو پيزار.
يوسف جي ڳل ڳاريون پيش اوهان هر وار.

٭

هاءِ هادي هن درد جو احوال پر ڪنهن ڪي ڏيان.
تون سميع بصير هادي ماڙ مون مرشد ميان.

راز محرم راز تو ريءَ بيو نه ڪو آ در دوجهان.
ساريون سندو ڳڻ ڳالهيون رون اکيون اندر هنيان.

واءِ ويلا آهيون جنجال ۾ دنيا فنا.
مرد سي مرڪن سدا جي نينهڙي تنهنجي نيان.

هيءُ هئڻ هستي حجابي لاءِ تون ڪر الاالله سان.
تيغ عاشق هڻ بهادر ڪات سر ڪفرانيان.

پوءِ پسبين ديدار معشوقن سندو عاشق سدا،
تار هي تڪرار سڻ تون عجب رب آن چنان؟

عاشقن دم غم سدائين حق محمد مصطفيٰ ﷺ،
هي جسم هن جي حياتي ڇا چئي ۽ ڇا چوان؟

يار يوسف ناهه ڪو اختيار پنهنجو پانهنجو
مهر تان محبوب پاران عشق پيالا پر پيان.

❊

منهنجي والي ڪندو ور ميان، حق هادي هر دوجهان ۾،

جهڙي تهڙي آهيان، ڪيڏ سپرين ڪاهيان.
سرتين ت نابر ناهيان، سڪ سوز جنهن جو سر ميان.

الا! مون ڪيان الاهون، سڀ ڏوهه ڏنگايون ساهون،
اجهو ٿيندم رحم اوڏاهون، دل پئي مون پاڪن درميان.

پايون پلو پهايان، محبوب سنجهه صباحيان،
محبت جا مينهن وسايان، آهي زور نه زر ميان.

لک لک ڪيان ٿي زاريون، تن طرف ڪانگ اڏاريون،
هاري هنجڙيون هاريون، پرين پرچي اچي ڪنهن پر ميان.

يوسف سهاڳ ڏيندا، ايندا سي ساڻ نيندا،
بخشيندا عيب ڍڪيندا، وري ٿيندم عشق اپر ميان.

❊

من له المولیٰ فله الڪل
جن سمجھو تن حق حاصل

برھ بنا ہي جوڙ نہ چاٽي، آدم سو جو سر سجاٽي،
دردن ۾ دل دل.
درد فراق حسن جون فوجان، عاشق ماڻن من ۾ موجان،
جيئن باغن ۾ بلبل.
نينھن جا تي نيشانا کوڙي، مرد ميدان ۾ منھن نہ موڙي،
توڙي تين ھنگاما ھل.
نانڪ يوسف يار پيارا، نيڻن تنھنجا خوب ننگار،
جيئن چشمن ۾ چل چل.

❊

يا سخي صاحب سچا تو ريءَ نہ مون کي واھ ہي،
آسرو تنھنجو اصل کان ڪانہ جڙ ارواح ہي.

تولئہ لچڻ راتيان ڏينھان معلوم سڀ احوال تو
يارسول الله والله سوز سڪ ساھ ہي.

تون آھين تون تو وسين من ۾ سدا مرشد مون،
ھر دو عالم شوق تون پر چا چوان الله ہي.

صد ھزاران عيب مون ۾ لک بديون بدڪاريون،
سرورا سرپوش جن تون تن ڪيھي پرواھ ہي.

فرمايو فائق اوھان صادق سخن ياريءَ سندا،
واحد وسيلا تو نگھاريءَ تو نہ حق الله ہي.

يوسف اوهان جو اي پرين سگ در سندو آهي اصل،
تو ڪان منگي محبت مهر ٻيو غير ڪل ڪوتاهه ٻي

❊

يا نبي سرور سچا، سردار تون اسرار تون،
عشق خود ان تار تون، فوق تحت تڪرار تون.

ديد دل ديدار تون، فلڪ ملڪ مختيار تون،
رام رس رفتار تون، واهه گيان گر گفتار تون.

ميم منصب دار تون، هادي اڙٻن آڌار تون،
ديد دم ديدار تون، عربي اجهو آڌار تون.

چار پنج پروار تون، شاهي علي اوتار تون،
مرشد منو منتار تون، هر حال ۾ هوشيار تون.

ٻيا تمامي تم ٿيا، سردار جڳ ظاهر بقا،
هت هت سچو سردار تون، باقي بقادار تون.

نانڪ نگهه نروار تون، يوسف يگانو يار تون،
ڪٽي آئين امت جو بار تون، مالڪ تنهن مختيار تون.

❊

ڀاڃي اوهان پرتو پرين، مرشد منا مسڪين هي مسڪين هي.

اندر ٻاهر سهڻا سائين، معلوم توکي ڇئي ڇا ٻڌائين،
ڪين هي بي ڪين هي بي ڪين هي.
درد سندو هن مطلب آهي، دين ايمان برهه تو آهي،
ديئنون خلق بي دين هي بي دين هي.

توں ھڪڙو ھج پرين راضي. دم دم تو در آھي آزي.
تو ريءَ غمگين ھي غمگين ھي.
نانڪ يوسف يار يارانا. سخن سچا پڙھ شڪرانا.
ھادي حق تلقين ھي تلقين ھي.

❊

دم دستگير ھادي دل يار توں رھين.
ھم يار توں رھين گلزار توں رھين.

آڄ نہ منجھ سريرو آخر فنا خبير.
پائڻ گنھ ڪبيرو بيزار توں رھين.

تلقين حق اشارو مرشد سچو سچارو
ھڻ نينھن جو نغارو بقادار توں رھين.

باھوش دم حياتي مدھوش قدم جاتي.
ھڻ چوٽ اسم ذاتي تڪرار توں رھين.

نانڪ آواز پر جو ناھي تفاوت تر جو
واقف الله جي سر جو مختيار توں رھين.

❊

دم ساھہ سنڀار پرينءَ سان ھيءَ ھت وسارج ڪاياماپا.

ونءِ خيال وڃ خيال ۾ پيھي، ڏس خيال خيال سان ڏيھي.
گمر ٿيڻ انھيءَ پر فرمايا.
گمر ٿي وڃ الله ۾ ذاتي، تڏھن عشق ڪندو اثباتي.
سچا عشق سخن سجايا.

آهي الٽي راند نياري، ڪوئي سمجهي برهه جو باري،
جنهن درد جا پنڌ پچايا.
آهي عشق اصل گمنامي، سر سلامت تهمت عامي،
غافل ڪرڻ ٻيا دل رايا.
دم يوسف جو يار ٿو ٻولي، سنڌيون وحدت رمزان کولي،
جنهن دل تي حڪم هلايا.

*

مار نعرو عشق وارو عاشق تنهنجو قرب قرارو

عشق نبي معراج سونهارو جيئن منصور جو مست نظارو
سر اڇلي ٿيو ساک سچارو.
شمس الحق جان شيخ عطاري، موج انهن سر مرشد واري،
صدقي صدقي تن تئون يارو.
عشق الله جو جنهن سر آيو بخت تنهنجو آهه سوايو
محبت ۾ رهه مست متارو.
ڪفر اسلام ڪان اڳنا امامت، منجهه ملامت عشق سلامت،
عاشق سمجهن هي سر سارو.
سرتان پيرين، هئڻ حقيقي، مون تان ناهي هو تحقيقي،
نحن اقرب عشق اشارو.
هي جڳ حيلہ سازي بازي، دم غنيمت سوز گدازي،
عشق الله ڪئون ٿيو نہ وسارو.
نانڪ يوسف ياري ياري، پنجتن تن من مرشد تاري،
هڻ هڻ عاشق نيهن نغارو.

*

دم الله انت ناهين، جو ٿو پنهنجو پاڻ جوڙي،

ڪڏهن ڪتيران گودڙي ليڙان، ناهه نہ هن ۾ ڪو ناهين،
ڪڏهن چڙهي ٿو گهوٽ گهوڙي

آهين ناهين جي سڌ سڄڻ کي، برهه پڙڪن باهين،
گهوري هاديءَ جي تئون توري

ٻر خدائي صحيح نہ سمجهين، اهي اندر ٻر آهين،
جڳ ٻيائي تون ٻوڙي

نانڪ يوسف يار هڪدم، چاڙهو پيچين آن تان چاهين،
آيو مهارون پاڻ موڙي

*

آيو آهين هن سير ٻر، هادي سچا سرتاج تون،
سرتاج تون سرتاج تون

پاڻ تو پنهنجا حڪم هلائين، حق اناالحق جڳ سڻائين،
درد مندن دل راج تون، دل راج تون، دل راج تون

سهڻا تنهنجون رمزان سهڻيون، مزگان مرچان من جون مهڻيون
مسڪينن معراج تون معراج تون معراج تون

تون تان مالڪ آهين ملڪ جو فوق تحت ملڪ فاڪ جو
آهين سڀن جو راج تون ڪل راج تون، ڪل راج تون

هيءَ بي هڪڙي پولن پولي، سنڌءِ در جي، گولن گولي،
لاج ننگ سرلاج تون سرلاج تون سرلاج تون

نانڪ نينهئون حڪم جاري، يوسف يار جي مهر ستاري،
مارطبل سچ ساج تون سچ ساج تون، سچ ساج تون

*

ڪيها حڪم تو هلائين، رنگي برهه بيرنگي

آدم، حوا، هابيل، قابيل، تو ڪٿ ڪوٺائين.
ادريس، شيث، يونس، لک لک لقب تو لائين.

دائود، لوط، يحيٰ، جعفر نبي ذڪريا،
نمرود ڪٺ ابراهيم، آڙاهه تو مچائين.

عيسيٰ تنهن تان موسيٰ، فرعون ساڻ جنگي،
هر طرف هر جسم ۾، سو ڪيل تو ڪلائين.

ساڳي سوئي محمد، تو عاربي ڪوٺائين،
هت هت ملڪ جو مالڪ، پهون بيڪ تو ٻٽائين.

نانڪ نه ڪوئي يوسف، هاديءَ جي رمز رمزان،
چوچڪ ۾ جان جانيءَ چشمن چوٽان چلائين.

*

اڌر ۾ اوڏاهين، جاڏهن جو پکيئڙو
تو آهي وساريو وطن ڪيئن وسارا

چوڻ چا جڳائي سندي دل جي ٽوڙئن
ورتيون وڃين هٿ، جو لوڪ ڏورئن
افسوس دل جا درد ۾ شوڪارا.

پر پنهنجا ڪيئن چڪڻ ۾ چڪائين،
گلاليءَ گليءَ ۾ ڏهن جون ڏباٽين،
تاتي بيير پنهنجو رسي نينهن نمرا.

قالو اناالله سڻ تون ادا اي
موتو قبل انت موتو گدا اي
پس تون اشارت برهہ جا نظارا.

ڪ نانڪ نہ يوسف گرو ٻول جو هي
آهي ستگرن جي مهر مول جو هي
انهيءَ جا حڪم هي سيئي اختيارا.

❊

واليءَ ڪئي تہ وارڻ، ڀڳڻ ٻاروچل جي.

فقير جون دعائون هادن اڳهايون، جاڏهن ڪاڏهن ٿيون واڌايون،
شڪرانا شڪران.
دوڙ درازين منصب پاوين، ٻيا وت ڪيها پنڌ پڇاوين،
ياريقين ۾ آڻ.
دشمن تنهنجا وڃي گم ٿيئڙا، نصراني پس هاديءَ پيئڙا،
ڪامي ٿيئڙا ڪاڻ.
پنجتن پاڪ يار چارئي، مدد توسان ڌم دم سيئي،
سچي دل سان سچاڻ
پنهنجو پاڻ ڪي تا پرجهايون، قسم الله نبيءَ جو چايون،
سچي عشق ڪهاڻ.
نانڪ يوسف محبن ياري، برهہ سارو آهي بيقراري،
محبت روح رهاڻ.

❊

ويهي ادب سان حال ڪر، محبن ڪي ويچاريءَ جو.

ننگ نباهڻ آهي اوهان تي، ٻندي هي بيڪاريءَ جو.
ٻچڙيون ٻديون تون بخشيندين، ڏاج توکي ڏاتاريءَ جو.

نينهن نياپو معشوقن ڏي، عشق سندو لک زاريءَ جو.
قدمن قول ويهي ونءِ چئہ تون، نياز عرض بيچاريءَ جو.
تون هادي تون مرشد مولا. تون مالڪ مختياريءَ جو.
شڪر شفيع حمد هزارين، تون صاحب سرداريءَ جو.
هت هت حامي آهي يتيمن، عيبدارن اختياريءَ جو.
دامن دوست دراز اوهان جي، فيض نبي نرواريءَ جو.
نانڪ نينهن وراڻو سڻ تون، عشق الله اسراريءَ جو.
پير مغان جي پرت اوجر. من تي موج بهاريءَ جو.

❊

ور ڪندا پاڻ پاڃاڻيءَ جي، اجهي ڪوهيارا پڙيون پاروچا.

مهر ڪري مسڪين تي ايندا سي نيندا،
لڳي سڪ ساهہ سچي آرياڻيءَ جي.

دم دم فوج فراق ۾ ڏونگر ڏک ڏوري،
تي وئي دل دوڏن دوست ڏوبياڻيءَ جي.

هي ڪا ڪنهن جي ڪانہ محبت مون محبن سان،
تن تانگهہ هنيون هوتاڻيءَ جي.

ڪاهي رسندا ڪاف ۾ آهون دانهن سٽي،
هن ملهہ خريد وڪاڻيءَ جي.

لاتقنطو آسرو يوسف يار حق فرمائي،
سچي توڪل عيبن هاڻيءَ جي.

❊

عاشق پاڻ وسار تون تان جو آهين سو آهين،

عرش ڪنون تي آدم آئي، بيرنگؤن رنگي پوش بنائين،
دستؤن ڏيو اڏار.
واحد وحد وحيدؤن توهين، آدم حوا نالو ڏرن هين،
هيءَ بازاريءَ جي بازار.
سچڻ سانگي سانگ تي آيو رنگ جوڙي تارنگ پرمايو
آهي دم اهوئي ناچار.
نانڪ يوسف يار نظارو اندر باهر عشق اوتارو
قسم سچي درٻار.

❊

نينهڙو نباهڻ آهي، پرين عاشقن سان توهين.

هو جي فائق وتن فراقي، تنهنجا عاشق روز ميثاقي،
دردن ۾ دردناڪي، ننگ تن جو ڳل هو هين.

ڏي دلگيران دلداري، ڪر مشفق مددگاري،
مون کي معلوم آهي سڌساري، اڪڙين اڪنڊ ايڏوهين.

پنهنجا لائق لعل سڃاڻين، ور وهندو چام آرياڻي،
تيو حب ۾ حاضر هاڻي، وچ ساڻ وٺي اڻ سونهين.

سڻ يوسف دل جون آهون، پرين سهس مدايون ماهون،
هي رحم سيو ايذاهون، محبوب منا من موهين.

❊

اهي هوت خان بلوچ ايندا مون پنهور ۾،
آهي لوچ اندر سوچ سندن عشق شور ۾.

ڪهيو ڪرهن ڪين ڪي چپريا چاهون،
آهون دانهون ان لئي دل درد دور ۾.

ڪاڪيون ڪيچڙن ڪي رب پاڪ پناهون،
آءُ دعاڳي دوست جي دم عشق اور ۾.

ڪانگ اڏايان فالون پايان ورهه وسايان،
راتيان ڏينهان جيڏيون ڏک روح ڏور ۾.

پرين پنهنجي وڙئون ڪندا پاڻ پلايون،
نيندا بخشي بديون هن پر جو ڍور ۾.

يوسف يار پنهل سان منهنجي اصل ڪئون آهي،
ڪاهي ايندا ڪيچ ڪؤن دل ذوق زور ۾.

❊

ريءَ درد وارن ڪير ٿيو موتو قبل انت موتو،
سمجهي انهيءَ جي اسرار کي مرشد سچي ثبوتو.

اونهو بحر سر يار جو سندي حسن هسوار جو،
صاحب سچي سردار جو دم عشق لايموتو.

گم ٿي وڃڻ هن حال ۾ عاشق الله احوال ۾،
خاصي خدائي خيال ۾ پيچ ڪاف جو قلبوتو.

جوڳين عجب ديوانگي، منجهہ موج حق مستانگي،
هوندي انهن حيرانگيءَ سر بسمر بيراڳ پيوتو.

جي عشق جي چوگان ۾، آيا هلي يڪ خان ۾،
سرتن سليا نيشان ۾، انسان جن پيوتو.

تارون برهہ باران جون، يوسف جبر جولان جون.
دل ۾ وڄن دردان جون، تريون نفيلان توتو.

※

يار اسين پياسين وڃين، جت موج محمد نور جي،

ڪل نہ هئي مون ڪاڪيون، وي درد جي اسرار جي.
سڻ ڳالهہ سچي هي سجين، مرشد مني من مور جي.

گم ڪرڻ گم نانءَ الله، جي نام ۾ نامر و بقا،
آيو عشق ٻيا بند پجين، پچ چوکي چشم حضور جي.

آءُ گهوري امداد انهيءَ تئون، واريان جند واريان،
جن محبت حق جي مجين، حق شمس، عطار منصور جي.

ناٺڪ يوسف يار صبوري، سر الله جو عين اگهوري،
ناهي سڏ اوهان ڪا ڳجين، ماريون محبت جي مذڪور جي.

※

ڪر نفي هستي هئڻ جي، لا ڇڏي الاالله سان.

ڄاڻ حاضر عشق مولا، نگاهہ منجهہ نگاهہ سان.
ڪار طالب آهي ڪهڙي، چئو سچي بيراهہ سان.

تون هڪو هردي رکين، عاشق عشق فتاح سان.
نانڪ يوسف چئي چڱائي، ۽ مرشد جي چاهه سان.

*

هل تہ هلئون لعلڻ لوءِ،
بيا ڪل خيال ڦٽا ڪر پوءِ.

غيبي عشق آواز الاهي، سچ چوانءِ تو هينئن چؤ.
اسم الله ريءَ ڪم نہ ايندءِ، پائر ڏيءَ پٽ جوبون جوءِ.
خويش درويش رب جي امانت، هٿ هٿ هوندا خوشخوءِ.
اڳ پيي عاشق راهہ برهہ ۾، ووءِ ووءِ ڪندا وبا ووءِ.
حال وٺي دم خيال محبوبي، هوءِ ۾ گم ٿيڻ هو هوءِ.
يار يوسف فنا ۾ بيقا، عاشق مولا نا بيو ڪوءِ.

*

منهنجي حال جي ڪل ڪهڙي، بيدرد مندن تان ناهي،
سر عاشقن جي بار برهہ جو، باري اصلئون آهي.

ڪنڌ ڪپايا پانهنجا، هڪڙن ڪوبن حق راهہ ۾،
سندي امامن سوز ۾، سورهيہ چڙهيا ڦاهي.

درد آهي عاشقن کي، ڪربلا جي ڪوس جو،
ڇا چوڻ احوال ڏک، مرشد ڏنو مون منهن ڏاهي.

حيف يوسف زندگي آهي، اسان جي جيئڻ جي،
گهوريا جي ڪونڌ مچ محبت ۾، مرڪي پون ڪاهي.

*

دم دم تان پر ڏيهہ ڏي تانگي،
ڪنهن قول اڙايو سانگي،

آهي ٻولين تان ٻڻ رون ديس ڏي،
گم رمزن واري ويس ڏي،
ديدار پسو پس نانگي، اها بات سنو ڪهي ڪانگي

هت رهڻ تہ شهر شڪور ڪئون،
شر هستيءَ واري شور ڪئون،
منصور اسان خوش وانگي، دل درد چنگارڻ چانگي.

دل نانڪ يوسف يار جو
سچ پير مغان جي پار جو
نت محبت مانگي، آيو سهٽل سچ جي سانگي.

*

حبئون حال هلي وي پسڻ پرينءَ جو
تون پنهن جو وطن سنڀار.

مس ڪتاهين وي هلي هرڪا، وڏي زور زلي،
آهي معلوم محبن کي، ميان تون وهم جسم وسار.

دم دم سان ساٿي سڄڻن جا عشق آواز جلي،
سائين تون تان خوشيءَ هن کي هيڪار.

موتو قبل جو سمجھ اشارو پلي هن رمز پلي،
مرڻ جيئڻ نہ ڪر ياد، پيهي پريم ۾ نهار.

گم ٿيڻ هن راهہ ۾، وڏي چاھہ چلي،
نہ ڏي خطرا خيال کي، پر پرينءَ پار.

يوسف جن سان يار يقيني، سي تا مرد ملي،
ٻيا باغ بقا ۾ تا منجھ حسن بازار.

*

محبوب تو ڏنهن مهر سدا، مون هئون ڪانہ ڀني.

ڪيم ڪمائي ڪانہ ڪا، پرين آهيان عيبدار،
جهڙي تهڙي دامن سان، پر پنهنجي قطار،
جن، انسان جو صاحب توهين، هي ٻيي هڪ گدا.

والي وارث آهين تون، تان گنهگارن جو
هادي همت حامي تون، تقصير وارن جو
بدڪار جون بديون بخشين، ڇڏائين دردا.

تو ريءَ تڪيو مون نہ ڪو هر دوجهان ۾،
معلوم اوهان سڀ ڪي، دل جي ديوان ۾،
سڪ ڳليءَ جا ڪين ڇڏيندين ڇا مير مندا.

ڪوڪان ڪرڻ راتيان ڏينهان، تو در سهڻا سائين،
رحم ڪرم جو مالڪ آهين، پايون پاند پناهين،
هن جي عيب افعالن جا، ڪهڙا پتين پدا.

پنهن جا لائق لعل سجاڻي، پکي پيهي آيون،
مون جهڙي مسڪين سان، ڪيئي لک پلايون،
گهورڻ گهوري ڇا تڙي، ڪرڻ سر فدا.

سچو اقرار سنڌءِ ٻول، يارانو پڪو
جيئن تيئن نيبهہ نيندو محبت منجهہ مڪو
يوسف عشق الاهي، قائم شاهي سر سدا.

*

سردار تون هين تون توتي ڪل مدار
تون آزار اڙين جو.

عاصيئڙن عربي، آئين اجهو يا نبي،
رازق و رحم ربي، تون سردار سين جو.

عينن جو تون اجار، هر دو جهان ۾ بهار
هادي همدم ديدار، تون ڏاتار ڏن جو.

دامن لڳا تو جيئي، جهڙا تان تهڙا سيئي،
لڄ پاڪ تن تو پيئي، تون مختيار مڙن جو.

نبين ۾ نانءُ نيارو سندو ئي سچو سهارو
هرجا طبل تو نعرو تون هم يار هيڻن جو.

يوسف جون يار آهون، معلوم اوهان الاهون،
واصل فراق چاهون، تون غمخوار غمن جو.

*

دل درد ڪئي بيهوشي، حق بيهوشيءَ ۾ هوشي،
عشق آيو انسان ۾ ڪري، لڪ پوشاڪون پوشي.
واقف سي هن حال جا، جن دلبر سان دل دوشي.
دين ڪفر ۾ ڪير آيو، ٻولن منجهه مروشي.
عربي، رومي، شامي، شومي، ڪاٿئين سيد، قريشي.
نانڪ يوسف راز رنائون، دردؤن جوشان جوشي.

❊

سر سدائين سر لوءِ لوءِ منهنجي محبوب ڏي

ڪاهہ ڪهان دم ڪاڪيون، پرين ڏي سڀ پر لوءِ لوءِ
مشرق مغرب حاضر سوئي، ذڪڙ ۾ اتر لوءِ لوءِ
روز ازل ڪٿون جيڏيون، پروسو تن پر لوءِ لوءِ
مون هيٺيءَ جي حال تي، وري ڪيائون ور لوءِ لوءِ
رهيو آهي روح تي، سندن عشق اپر لوءِ لوءِ
يوسف يار خاص خدائي، نوري نيڪ نظر لوءِ لوءِ.

❊

محبت ڪئي مستاني، دل درد ڪئي ديواني،
گولن سندن جي گولي، سڻ يار يار جاني.

مسڪين مان تہ آهيان، ڪو ناهہ نہ تي تاهيان،
سڀ سير تون آن چاهيان، هر تار تار تاني.

آن پڻ سجڻ نماڻي، پورهيت اوهان آرياڻي
پلپل پنبڻن پاڻي، اسرار عشق خواني.

آهيان ڪنهن نہ ڪم جي، سنهن ماک توصنم جي،
نيباهہ عشق دم جي، فرياد در اواني.

صاحب سچا تون راضي، گهرجي سدا مون آزي،
ريءَ برهہ ڪوڙ بازي، بيا فڪر فنا فاني.

نانڪ نگاهہ ساري، يوسف يقين ياري،
ست گر سچي سچاري، گفتار تا رباني.

*

تيو منهنجو مطلب ائين، جڏهن وڌم نگاهہ نگاهہ ۾،

لولي تان لونءَ لونءَ ۾ ڏني، مهروئن مرشد مئين،
آهي سانول سدائين ساهہ ۾.
لاڪئون لنگهي اڳي پياسي، جيڏيون جيئن تيئن،
هاڻي آيس هلي الله ۾.
صحيح سڃاتم سپرين، هوت هاڻي سان هيئن،
انهيءَ رمزن واري راهہ ۾.
اثباتيءَ مؤن اڇي ڪري، مونکي نينهن وٺي نئين،
انهيءَ عينن سندي آڙاهہ ۾.
عشق الاهي شاهنشاهي، پيالو پر جي پئين،
پسين رم جهم رنگ ارواح ۾.
پاڻ چڏي هت گم ٿيا سي، يوسف جائي وئين،
انهيءَ ديدن واري درياهہ ۾.

*

پاڻ نئي الله گم ڪريج يار ۾.
صورت اها محمد مرشد نظار ۾.

منجهہ حال جي حقيقت رهڻو ائين عشاقن،
هي گم سيو اهو ٿيو دوستيءَ ديدار ۾.

موتو قبل مريجي، فرمان جبار ۾،
پنهنجو شڪار ڪر تون، ڇا ٿئي شڪار ۾.

پنهنجي پر وجهہ پاجهون، بيا خيال سڀ خطائي،
هستي چڏي ڏسين تون، گلزار خار ۾.

مشڪل ونڃ پروجهڻ فرمان عشق جو
جنهن ڪنهن چتايو دل سان سو بيو بهار ۾

يوسف نگاهہ نيڻن، محبوب جي آ صورت،
سرتا قدم اهوئي، گفتار زار ۾

❊

پرين نانءَ الله جي وهلي ڪرڪا وصال واري،
آهي معلوم توکي سڀ ڪنهن جي احوال واري

اکڙين کي روج سدائي، سائين سندءِ سڪ سوائي،
لک تو ڏنهن پلا پلائي، خاطر خيال واري

هو جي ڪلهہ اقرار ڪيا ني، مسڪينن سان جانب جاني،
اهي پاڙڻ توتان پياني، پنهنجي قربئون ڪمال واري

هت فائق فراق فوجان، دل دردمندن سر موجان،
ڏي درسن اکڙين اوجان، خوش جوت جمال واري

هي ڪهڙو هئڻ حياتي، تو ريءَ محض مماتي،
هي آخر گذر صفاتي، دم جيوڻ جنجال واري

سڻ دردمندن جون آهون، پرين ناهين تون پراهون،
لک سو احسان اوهان هو حل مشڪل حال واري

سڻ عاشق هي گفتارون، موڙيون تو ڏي دوست مهارون،
لايون يوسف برهہ بهارون، گلشن قيل قال واري

❋

آيل درد مندن پر ساس، سڻ تون نانء الله ارداس،
منڙو موهيو ورهي واس.

پورب جو جن پنڌ پچايو خيال تني جو سڀ سجايو
ٺئڙا ڪم انهن سڀ راس، هو جي ويا حضور شناس.

جوڳين جا سڀ جوڳ جوهاري، واسنيگن سان ورهہ سچاري،
سڻ غيبؤن عشق الاس، آهي عالم ۾ پرڪاس.

جوڳي عشقؤن جوڳ ڪماون، پنهنجو پاڻ وچ نہ پائن،
آهي ساڳي صورت خاص، آهي گر جي پرت پياس.

نانڪ يوسف نيهئون هولي، آهي جن کي آءَ تن گهولي،
عاشق ڪن پٽ قرب اخلاص، آءَ تن داسن جي پڻ داس.

❋

عاشق تون ڪهڙي ڳالهہ کؤن دل تو ڪرين ماندي مگر،
توسان پڌم تحقيق تان نظر محمد هم نظر.

وهہ هوش تان مدهوش حق هم دم سريجن جي قدم،
هو ٿو وسي توسان سدا تو دل مگر ناهي خبر.

هردي حسن هاديءَ سندو گرسير دم ديدار تو
صورت سيا دل دور ۾ کولي پسين سميع و بصر.

دم پاس ۽ انفاس کي هرگز نہ ڇوڙين يار تون،
اي راهہ موليٰ عشق جن جو پيو ڏسڻ سڀ ۾ ضرر.

نانڪ يوسف يار تي هادي حسن گلزار تي،
محبوب در دراز تي معشوق تون ملڪين مٿر.

*

آهي الله آهي الله، اسان يتيمن جوڙي يارو،
سڀئي لوڪ سارو هيڙو هزارو.

ڪوڻ ڪنهن هت حال پڇي تو هرڪو پنهنجي درد لڳي تو،
دين دنيا جنهن دل انڌارو منهنس ڪارو.
عشق الله بنا ٻي سڀ بازي، مون کي صاحب قسم درازي،
ريءَ محبت ڪوڙ ڪفارو ٻي وقارو.
پاڻ پنهنجا حڪم هلائي، عاشقن کي جوش لڳائي،
هٽي نوبت نينهن نغارو انالحق نعرو.
عاشق سان مرشد ساٿي، حاضر ناضر يار آرباٽي،
خيال رکن هت هوش وارو دم سنڀارو.
پنهنجي پت پاڻ سوراکي، ڏوهه گناهه ڪوئي ڪونه لاکي،
هيڙو صاحب آهي ستارو پوش سارو.
نانڪ يوسف يار سچارو سچ سدائين عشق اپارو،
عاشق ڏس تون حسن وارو نور نظارو.

*

محي الدين ميران تون هين دستگيران،
ڏئي ڪير تو ريءَ مون دل کي سڌيران.

تون معشوق رب جو سندو نور سرور،
اولاد حسنين جو پاڪ مظهر،
تون سرتاج ڪل پير جو پير پيران.

اچن جي پلي پاڻ ناقص نماڻا،
اهي در اوهان جي اچڻ سان اگهاڻا،
عاصي اياڻا اچو ڪم اسيران.

راحم سين تون ترت تار رنج ۾،
قادر قربدار اهنج ۽ سهنج ۾،
ٻڏا ٻيڙا تاريو بحر مؤن ٻهيران.

پر جام محبت سندو مون پياريو،
مهر مؤن نظر نور نافع نهاريو
ٿين معاف منديون ڪيم جي تقصيران.

اوهان سر قدم نور نافع نبيءَ جو،
تون لاڏلو شاهه حضرت عليءَ جو،
قدم تانهنجو ڪل ولي سر اميران،

آڳي اچو ڪيو شرف شان شاهي،
فلڪ ۽ ملڪ ۾ خلق بادشاهي،
طبل نر تو ساري نهين سر سريران

دوئي جن ڪي دل ۾ رليا رافضي سي،
خنزير سينرو خلل خارجي سي،
پرجهه پنجتن راز وحدت فقيران.

هي يتيم يوسف جيئن سک پڪاري،
دم دم ايذاهين نهاريو سنياري،
ڏيو ذات تنهن عشق صاحب سڏيران.

❊

مسڪين آهيان سگ سندو، درگاهہ جو مرشد ميان،
پاڇيءَ سندو هي عرض آ، نيبهہ سندو نيهڙو نيان.

هت هت اوهان جي عشق، جا پلپل پيالا پُر پيان،
مون نہ آ قدرت ڪائي، همت اوهان جناب جيان.

پريم سندو پيزار تئن، قربان آءٌ قطر ٿيان،
سو ڳالهڙيون ڳجهہ عشق جون، همدم هرن اندر هنيان.

هي دانهن دل جي درد جي، تو ريءَ ڏکي مان ڪنهن ڏيان،
هجان هميشہ تو اوڏڙي، تو عشق جا ڪيئڻ ڪنيان.

نانڪ نگاهہ يار تو يوسف اتي ازلي ڏيان،
دم دم الله هو ياد تون، خوش خيال دل ۾ تو ميان.

❊

هي دم الله تون سڃاڻ آهي يار جاني،
مرشد سچو حقاني.

ونحن اقرب ڏس قرآنون، ساڻ يقين عين عيانون،
سدا سانول توئي ساڻ.
مومل، سومل چٽ چمارو ڪائو ڪاغذ ڪوڙ پسارو
اهو راڻو اهو راڻ.
دم الله جون سولڪ چاليون، ڳوڙهيون رمزان ڳوڙهيون ڳالهيون،
ڪڏ پاڻ وڃئون تا پاڻ.
آءِ اسان دل درد اهوئي، موج بحر جي سمجهي ڪوئي،
اهو ساڳي مٿي مهراڻ.
نانڪ يوسف يار نظارو اندر ٻاهر سچ سچارو
ويو هاڻ هئڻ جو ماڻ.

❊

ڪوھ ڪندو ھڪ ملان قاضي،
اسان تي الله نبي ٿيندو راضي.

ملان ملوانيءَ جهڳڙا لايا، برھ ڪٽي ويو بازي،
ڪيئي سڪندر ڪيئي دارا، گئون چلي ويا غازي،
نانڪ يوسف عشق الله ريءَ، سارو جڳ آهي سازي،

❊

انتظاري بيقراري درد دل ڪي دام داري،

بيرنگيءَ رنگ پاڻ لايو ناھ مون ڪا اختياري:
دل ديواني گرد گردون، برھ بيشڪ بار باري،
ڏسي، من مجنون ٿيو پيچ پيچان زلف زاري،
مون دل پير مغان پر جهائي، ڳالھ ڳجھ ۾ مام نياري
نانڪ يوسف يار اسان دل، سچو عشق نبي سرداري

❊

جام تماچي تڙ تي پلي آيو اوتاري

ڪينجهر ساڻ ڪرم جو ٿيئڙو چڙهي نوري نظاري،
سڙھ ڪنيائين، سير ۾ سهنجئون. سينگاري،
ونجھ هنيائين وير ۾، ڪري توڪل توهاري،
ياري يوسف يار سان، رکي سچل سونهاري

❊

دم آسرو نماڻن مرشد ميان سندوئي،
توڪل سچي تو نر جي هر دوجهان ۾ هوئي.

تون هين سيا ستاري، عاصين اتي تان آري،
جا لڙھ لڳي تو تاري، جيڪو هجي پيي سوئي.

جن کي خدا صفائي، بخشي سچي سچائي،
محبوب ڏنهن سدائي، تن تي رحم سپوئي.

گم ٿيڻ شور شهه ۾، ڪويا ديوار قهه ۾،
الاالله هو الله ۾، باقي بحق اهوئي.

دنيا بندا پلايون، چنبن ۾ نئين ٿي چايون،
ڪوڙا حرص هوايون، هوشيار مرد ڪوئي.

سڻ هي فراق آهون، سڀ ڏوهه ڏکيون ماهون،
هستي نه چنين چاهون، آهي عشق تو اجوئي.

يوسف نگاهه دم ۾، آهي عاشقن جي غم ۾،
هڏ ساس دل وهم ۾، آهي دور تن کؤن دوئي.

*

هي آ گذر جو مڪان، غافل غم ۾ چو تو گذارين؟
جوڳي پنهنجي جوءِ ۾، وينا ريجهائن رام.

ملان قاضي وچ مسيتن، وينا پڙهن قرآن،
نانڪ يوسف يار سچل جو ٻانهن ٻڌو غلام.

*

پريم پر تفصير آهيان، تون تان صاحب آن ستاريءَ جو.

مون ۾ عيب عميق اپارين، ڏوهه هزارين تون پاڻ اجارين،
بخشيندا بدڪارن بديون، ولهو تون ويچاريءَ جو.

ناڪس نڌري آءُ نماڻي، دامن لڳڙي تو جام آرياڻي،
هادي تون احسان امت جو حق غفران غفاريءَ جو.

ڏال ڏڪيندڙ مڪسينن جو، واهر والي تون هيڻن جو.
تون هين گرو نر پير پيغمبر، باغ بهار بهاريءَ جو.

عاشقن ڪي دم دم ماتم، محبت مولا هو حشر هاغم،
بيڪارن جو ڪاج سنوارين، تون مرشد سخن سچاريءَ جو.

طالب تون سڻ عشق اشارو، نينهن نقارو فقر وارو،
عشق حسن جون فوجان چڙهيون، ڳل پيو ڪان ڪتاريءَ جو.

نانڪ يوسف يار تنوارون، ڏسي سڻي تو سوز پڪارون،
ڪندو مدايون معاف ميان، هو جو حرف مياريءَ جو.

❊

اٿم اباڻن جي لوئي، پٽ هندايان ڪينڪي،

ميري نيندس پاڻ سان، مور نه ڪندس ڏوئي،
سٽ نه مٿيان پٽ تي، لعل لاکيڻي لوئي،
ٻن چانور کهه چورمان، پلي ڏونرن ڏوئي،
يوسف انهيءَ جوش ۾، بيٺو سو جهڙ جهوئي.

❊

پڻ ريءَ عشق الله دل در جن ٻيو سڀ ڪوڙ پسارو تي.

اکر ممو ٻيو رارو سمجهين راري پنٺ نيارو تي،
هر جا عشق الله جون ڳالهيون هر دل سمجهڻ وارو تي.
ريءَ سڃاڻڻ ذات بيرنگي ٻيو سڀ دل انڌارو تي،
چائي پائڻ ڪن ڪپاٽڻ هي پي مڪر موچارو تي.
ٻهون بيراڳي ٻهون ويراڳي ٻهون اتيتن آرو تي،
هڪڙا پو ميان ڀڳت سناسي هڪڙا رام دئارو تي.

هڪڙا قال عقل ۾ محڪم سويڪ سبد دويارو تي،
سيوا الک نہ سمجهن سوهاً ميم اهو مهندارو تي.
گرو گيان بتايو سارو شهر درازن وارو تي،
پر گهٽ پير قبول محمد صاحب سدا سوپارو تي.

❊

پاتالئون آڪاس عجيبن عشق اجهل اظهارو تي.

دائم دردمندن سان ياري راحم رحم اپارو تي،
انا احمد بلا ميم حال محمد وارو تي.

صاحبزادھ ۽ شهزادھ سر الله جو سارو تي،
عشق الله امداد انهن سان هوڪو سچ سچارو تي.

ياور يار يگانا يڪدل پنجتن نور نظارو تي،
منجهہ دريا وحدت واديون وجهہ تون پريم پسارو تي.

پاڻ سجاڻي مار اناالحق دم اهو اڄ وارو تي،
نانڪ يوسف يار سچل جو دم دم امر اشارو تي.

❊

حڪم اهو درگاھ معليٰ قادر قدس قرارو تي.

شاھ قطب جيلاني جوشئون طبلو نينهن نغارو تي،
پيغمبر جي روز ڪچهري شهر درازن وارو تي.

قدم قدم جا حج قبوليت زيادھ مطلب سارو تي،
اڄ اهو دم وري نہ ايندءِ پرڏي پنڌ موچارو تي.

لڳج نہ لاري ٻئي ڪنهن اهڙي سولو ڏريو ڏارو تي،
ڪاڏي ڪن ڪيا تي ٻوڙا ڳالهہ اها سچ سارو تي.

ٻوڙي وڃ درازين دل سان قلب اڃا جي ڪارو تي،
اهڙي وير نہ لهندين ٻي ڪا سورج عشق ستارو تي.

يار يقين هڪو رک هر دي درسن دل دويارو تي،
پئون پئون پو ڙي دل سان لائج باري برهہ ترارو تي.

هي جڳ پولو پولو وڃي تو سڻ تون بندي وارو تي.
نانڪ يوسف يار سڃاڻ عمر اهو دم تارو تي.

# سرائیکی ڈوہڑا

جو دم عشق الله بن جاوي سو تان محض مماتي،
پاس انفاس نہ سمجهن موڳي موهي سبق صفاتي،
ٻيا سڀ سير سرابي جاڻڻ عاشق اسم ذاتي،
نانڪ يوسف يار سچو دا هر دم عشق حياتي.

❊

يارو ياد اسان نون دل تي حيرت ڏينهن ڏهاڙي،
حيرت خيال نيتا وچ عبرت درد چروڪا چاڙهي،
عشق الله دا ازلي هوندا ہئي مذڪور اجاڙي،
نانڪ يوسف يار دلين نون حسن مريندا ڌاڙي

❊

ماريسي تڪبير ازلي برسر اپني بازي،
جڳ جنازه ڪر ڪي ايوين جيوين شاهہ شيرازي،
هادي عشق حيات جسي دا مار جويندا غازي،
عاشق سچي جو سڃاڻن طلسم ڪوڙي بازي،
جون ڪر جڳ ٻوهي وچ حقيق مجازي،
سالڪ سمجهن عشق الله دا سارا سوز گدازي،
جو سنگ بوهي سايان ڪولي رازق پهتا راضي،
مرشد چاڻين پير قبول محمد شاهہ درازي،
نانڪ يوسف گر ڪرپا ٻن سڌريا ڪوئي نہ قاضي.

*

ڪي وت ڏينهن جمڻ دي آهي لڳڙا عشق چروڪا،
دم اهو دل دائم ازلي پنجين سال پروڪا،
ماهہ سجن دو ماهہ اسان ها پنجوان شمس جهروڪا،
ڪول ويکو فرقا نون تم ني مياني ڪؤن اروڪا،
نانڪ يوسف ياري ڪلما ايڪو ايڪ پروڪا.

*

عاشق هادي دي ڏمان لايان زوران زور پساري،
آپن آپي اناالحق دي ويک مريندا نعري،
آپي اپنا حڪم هليندا شاهہ برهہ چوڏاري،
آپي چڙهي ديس لٽيندا عشقا سچ سچاري،
هلان هل ٿئي فوجانِ ڏيون روز اماري،
مرشد مالڪ نبي محمدؐ چڙهي چارئي چاري،
نانڪ يوسف شاهي سترهن سخن سچو سچ ڏاري.

*

اکيان ڪاري ڪيبر ڪاتي جهوڙيان حوهون مارن،
گرد غبار گرزي تويان عاشق سر او مارن،
مار جويندي يار لقائي ڏويتيان ڦر تارن،
لاون توڙ نياون سهڻي ڪتيان دليم اجارن،
نانڪ يوسف يار مٺن گولي عشقي وچ خمارن.

*

اکيان نال اکين دي اٽڪن اکيان ستم ڪماون،
ڏيانون ڏيانون اڳوهان جيڏي پير پچون نا پاون،
سهڻيان ديان وهہ سهڻي ڪيفي پوريان هر جا پاون،
بانوريان تي پانوريان واهہ سانوريان سمجهاون،
نانڪ يوسف مٺن نا ديدان ياران يار ويکاون.

❊

نينان ڪيهي حڪم هلاون واهه اکيان دي چالي،
حيرت عبرت خيال آهين وچ سمجهن عاشق حالي،
ڪڏ هوشيار ڪڏان مدهوشي مستومست خيالي،
نانڪ يوسف عشق الله وچ عاشق ڦرن اڪالي.

❊

اکيان عشق الله دي واليان مخموري مستانيان
هوش ڪنان بيهوشي هوون دانهه در ديوانيان،
اپني غرض خيال جو ڦرديان اصلي هن اخوانيان،
سؤ سؤ لک سجود انهان نون صاحب هن سلطانيان،
نانڪ يوسف يار اکين دي دست تهين دستانيان.

❊

اکيان ڳجهڙي ڳالهه اندر وچ ڪيهي ڳالهه ڪريجي،
ڳجهڙي ڳمڙهي رمز اکين دي چوري چلس چکيجي،
بيدردان نون ڳالهه نه ڏسيجي اندر لوح لکيجي،
نانڪ يوسف يار دي محبت اندر روح رکيجي.

❊

اکيان نال اکين دي جهڙي اکيان ڦر ڦر پرچن،
اکيان نال اکين هن هسدين رو رو ورهه نه ورچن،
نانڪ يوسف يار ديان اکيان ڏاڍي ڏک سين سرچن.

❊

ياءِ پرائي چوڙڪي جاندي دلبر نا چڏ جاسي،
سختي ويلي سست نه ٿيندي عاشق يار پياسي،
جا آوي سرسائي خوشرو رهندي دوست اداسي،
من رضا وچ ڪڙدي عاشق ڳالهه اها ها خاصي،
نانڪ يوسف يار هميشه هڪ دلبر دل پر رهسي.

*

تيرا عشق محبت هادي دل تي روز ڇهيندا،
ظاهر باطن هين تن روشن ڪوئي نہ يار ڪهيندا،
خفي اخنهيٰ تونين وسدا مالڪ ملڪ مهيندا،
يڪدل يار اسان نون تيرا سخن سچا اکيندا،
نانڪ يوسف در تو وڪانا غرض نہ جهين ڪهين دا.

غرض هڪو هڪ دلبر تيرا اوران غرض نہ ڪائي،
عالم عقل صلاحان ڏيندا وتن چولي چائي،
وحدت دي اسرار دي اصلون ڪوران خبر نہ ڪائي،
غير خيال سڙي وچ وحدت عشق آتش جڏان لائي،
يوسف يار لٽيندا هڪو هادي برهہ سدائي.

*

سانون هادي يار سڄاتا لوڪان ڪيهي ٻجهي،
غيرت والي غيرت ٻوڙي بيدردي نہ سمجهي،
عشق نغارا نينهن مريندا غرض نہ ڪنهن دي ڪجهي،
نانڪ يوسف يار يارانا هڪو هردي مجهي.

*

دل درازين محبت سچي يارو وچ وڪاڻي،
روشن خيال ميرا هر دلبر آکڻ ڪيا ڪهاڻي،
بازيان ويک برهہ ديان ڦرڪي مٺن دل ڦري نماڻي،
رو رو حيرت حال دليندا وهندا پريت پاڻي،
واحد وحد وحيدؤن هڪو ڏنم عين آريائي،
نانڪ يوسف يار بنا ٻي ياري ڪوڙ ڪهاڻي.

*

هڪو هادي پڪڙليو سي محرم يار دلين دا،
هر عاشق تان ڍر مرشد اور نہ خيال چليندا،

ڪاڻ تماشي سر عشقان دلبر خلق ڪليندا.
نانڪ يوسف يار تان صدقي ڪم نہ هل مليندا.

❊

جنهن دي دل جهين ڏي جاوي صورت اس دي ليندا.
جو عشق جنهن صورت وچ هوسين گم اهين وچ ٿيندا.
سهڻي صورت مرشد والي ہيا سڀ ڏک ڏسيندا.
جنهن صورت خيال غير هن موت نهوراس نيندا.
يوسف يار بنا ہي صورت چٽ فريب دلين دا.

❊

يار بنا ہي صورت مورت سؤ لک سهڻي هووي.
بازيگر بڻائي بازي اسي ڳل جو دل سووي.
آپون آپ ڪريندا بيزاري رات ڏينهان رت رووي.
نانڪ نينهن اٽانگي بازي جان دل هڪو هووي.

❊

دم دلبر ديدار بنا دل ماندي تي تڙقندي.
سوز ڪنون نت ڪري پڪاران ڳڻ ڳانڍي غم ڪاندي.
يار بنا ہي تار نہ پانوس پاندي ڳالھ ڏکاندي.
نانڪ يوسف يار دي هان مئن باندي خاڪ پيراندي.

❊

دم ديوچ دم هليندا طالب رک سنڀالا.
نا اٿ ورد وظيفا روزا نہ ڪوئي نماز مسالا.
نا اٿ عمل علم دعوتي نا وت درجا اعلي.
نا اٿ عابد زاهد زهدي پيون مست پيالا.
عاصي سڀ ڪم اجائي ڪرندي نينهن بن منهن ڪالا.
يوسف يار سچي در دي هادي نانڪ نانءُ نہ نالا.

*

دنيا دين ايمان خلق دا دنيا خلق خرابي،
طالب دنيا درس مخذث مسئلا ويک، ڪتابي،
طالب عقبي عين مونث ڪوڙا سبر سرابي،
عاشق مرد مولي مذڪر دو جڳ شور شرابي.

*

زلف سياھ سياھون ڦٽي شمس نہ تاب انيندا،
سؤ يوسف لک مصري هوون ڪيا ڪورس بنيندا،
ارض سما ستاري رم جهم بجلي گهور گهميندا،
نانڪ يوسف اڳون منهن فلڪ ٻلڪ ٻهون شرميندا.

*

ڪؤن هووي تل يار ميڏي دا ڍونڍيم جسم جهانون،
عشق اويڙا اندر وچ اصلي ڏيندا هجر بيانون،
راحت روح رهاڻ ڏڪاندي پالين دور ڳيانون،
نانڪ نيهن سچي گهنڊ ڪوليا يوسف يار ميانون.

*

هر دم عشق حيات ڏنوسي هادي مهدي والا،
توڙي لک هزار ڪتابان پڙهہ ڪي ٿيون عالم اعلي،
بزرگ دانشمند ڪهاون ٻڙا سڏاوين بالا،
وتين ڳوليندا مرگ اجل نون نينهن نہ سمجهن نالا،
عشق امام نہ ڪري ازل دا نہ ڪوئي دم سنيالا،
نانڪ يوسف يار دي محبت سچا دل تسلا.

*

التي بات برهہ ڪي پائي التي بوجهہ بجهاوڻ هي،
جنهن دل کولي صفا ڪيتي تهن دل مقصد پاوڻ هي،
بيخودي خود هڪو هووي ذاتي راهہ ڪماوڻ هي،
باجهون درد گداز ربي دي پيا سي سبر ينواوڻ هي،
نانڪ يوسف يار ديان بوليان اناالحق الاوڻ هي.

❊

ڪي وت روز اسان نون دل تي بابا دادا قاضي،
مسئلا قال مسائل ڪردي استقبالي ماضي،
دم اسي هم دل اساڏي رتي نہ آهي راضي،
ڪيا جي دين مذاهب قاضيان ناهي خوش بي راضي،
نانڪ يوسف يار ميري دل سچا سخن ايازي.

❊

يارو ياد رکيجي دل تي دم دم دم الله دا،
پولا ويک صفات نہ پلين سير ويکين قهہ قهہ دا،
آپ ڪرين گم سري وچ عاشق سوز نگهہ دا،
نانڪ يوسف درد لڳو هان شهہ دي اندر شهہ دا.

❊

ڳالهہ ڳجهي جا اصلؤن والي يارو ياد ڪريجي،
انفسڪم سڻ اهو اشارا موتو قبل مريجي،
ميم محيط رهڻ هر شئي وچ سمجهڻ رمز ڏريجي،
ثابت ذات ربي رک نالي هستي ماڻ هريجي،
نانڪ يوسف يار هڪودم دلبر ديد ٻريجي.

❊

جي تون عاشق عشق الله دا برهون چا بدنامي،
نا ات ورد وظيفا روزا ڪفر نڪو اسلامي،
بار ملامت محبت والا برهون توڙ تمامي،
نانڪ يوسف خاڪ ڳلي رهہ دلبر مست مدامي.

❊

دلبر دا هڪ درد اهوئي عاشق چاڪر چاڪر،
هرکيا دل ڏنا در نيان فرمان چاڪر چاڪر،
پير مغان فرمايا يارا حق حق چاڪر چاڪر،
نانڪ يوسف نيڻ نماڻي هرڪس چاڪر چاڪر.

*

رهه مسڪين تي ڪيا غمگين هادي مردم راضي،
رام رحيم ڪريم قديمي صاحب دوست درازي،
جو آندا سو مقصد پاندا محبت سوز گدازي،
دم غنيمت هوش هوشياري هي جڳ غفلت بازي،
نانک يوسف ياد اسان نون يارا سخن ايازي.

*

عاشق عشق ملامت چاوڻ ڪم ڪنا هان تولي،
سئو سئو دجلا دهشت راهه وچ گرنا گوني چولي،
هڪ غيبي ڪيئي ظاهر دي وچ عشق الول الولي،
باجهوُن باجهه مرشد اپني دور رهن سڀ رولي،
نانک يوسف نيڻان حياتي قولي ناهين اولي.

*

نازون نيڻ نواز ڪريندي عاشق ويک نيازي،
حال حليمي دردمندان دل دم دم سوز گدازي،
ترس ڪريندي سر يتيمان دانهه دست درازي،
نانڪ يوسف يار دي ياري برها برهي بازي.

*

چاڪ ڪيتي دل ڪملي ميري چاڪ مهين دل چڪي،
يا رب ميل مهوال مهين دا ساهه جهين دي سڪي،
نال هڪي هڪ تانگهه لڳينسي سر دا سائين هڪي،
ڪيڙي پيڙي مل مهين نون ويڻ الاون ڦڪي،
يوسف يار دي نال جاليسون توڙي ڪرن تڪي.

*

مست اکين محبوبان ديان وت ڪيهي ڳالهه ڪريجي،
ويکڻ حسن حڪايت سهڻي موتو قبل مريجي،
يوسف حاضر يار سجن دي نانڪ دور ڏريجي.

❊

اکيان پيتي جام محبت مرشد مالڪ والي،
ابرو تير ڪمان مژگان ڪؤن انهان نون تالي،
سرخي نال سفيدي سهڻي سبز مسي سياهه ڪالي،
ابرو تيغ بهادر پونري يون يون ڪرن بحالي.
رمر جهمر زلف اتي رخساران چالي ہر ہر والي،
يوسف سهڻا يار حسن دا مستو مست خيالي.

❊

اکيان اکيان جهيڙا ڪيها چارئي هڪي تيون،
جام شراب وحدت والا پيالا پر ڪر پيون،
رلمل رمز اهين وچ عاشق چاڪ سيني دا سيون،
نانڪ يوسف يار هميشه ويک معشوقان جيون.

❊

اکيان نال اکيان ڏاڍي ڪرنديان ماٽي تاٽي،
عاشق تي معشوق اهوئي ويک اکين وچ واٽي،
ديدان دمر درياهه الله دا نرمل نور سجاٽي،
صاف سونهين وچ اکيان مرشد مولا پاڪ پڇاٽي،
نانڪ يوسف يار الله دا عشق ڳلان حق آٽي.

❊

ديدان دا هڪ چنبا ديکا عشق دي ڪرن ڪمائي،
هر دو طرفون عاشق تيون ڪفر اسلامؤن جائي،
ڏوهه ثوابون نرمل رهنديان سهڻيان واهه صفائي،
نانڪ يوسف يار ديان رمزان سمجهه ڪنان ڳل آئي.

❊

رمزان راهه جنهين نون مرشد سچي آ سمجهايا،
واحد احد الله دي محبت سرڪا صاف پلايا،

طالب خير تحقيق تنهن تون در جنهين دل چايا.
نانڪ يوسف يار الله دا ہولي عشق سجايا.

❊

عشق تہ ساڏي ڏڪان ڏي سر ميڏي ساٹ لڙائي،
پهن ڪي مرچي ڏيون هرچي فوج حسن ڪرائي،
ڪيون وصال هجر دل پايا سولان بار سهائي،
نانڪ يوسف وصال چهيندا دردان دوست ملائي.

❊

اکيان عشقؤن ستم ڪماون پاڻ اکين دي ساچي،
مارن سيني جهل عشاقان مڙگان تير تماچي،
اکيان ڪرن شڪار اکين دا ڪؤن انهان تو باچي،
يوسف اکيان انت نہ پايا ڪو محبت وچ ماچي.

❊

اکيان باز ڪبوتر دل نون چنگل مارن جهٽڪي،
کاون ماس تہ پيون لوهو هينان ڪليجا پٽڪي،
چارئي طرفون فتح ڪريندي نين سپاهي اٽڪي،
يوسف يار دي چشمان چاي موهن مؤهن لٽڪي.

❊

مست اکين معشوقان ديان وهہ شمع شراب نياري،
شور وچي. مخمور سدائين مستو مست متاري،
البيليان دي ڪيف ڪڪوري برهون باغ بهاري،
يوسف يار نيڻان دي ويکڻ سؤ سؤ صدقي واري.

❊

اکيان بحر برهہ دي اندر تب. تب غوطي کاون،
ماتي جسم جهان وسارن بير اڳون هان پاون،
قلزم ڪارونيار وچالي موتي چڻ چڻ چاون،
يوسف يار فراق اکين نون ويکن درد پراون.

❊

اکيان ڪو جو درد پرايا دم دم بي اختياري،
هنجون هار فراق هميشہ زاري هئہ هئہ زاري،
شهدي نين عشاقان معشوقان دي مست شڪاري،
دردمندان سر فوجان چاڙهن محبت خيال خماري،
يوسف اکيان روشن رهبر ويکڻ دي بکيري

❊

عشق بهار بهاري عشقؤن جي سر تي چم چاندي،
طالب درد سجن دا جوئي درد انهن تون پاندي،
جنهن دردؤن حق ڪينا حاصل او ڳالهہ ڏکاندي ڳاندي،
جا آهي سرسائي سهندي ناٿيون در ماندي،
يوسف درد الله دا چاهي هور نہ ڪو غم کاندي

❊

رو رو ڪانگ ڏکاندي اکيان يار سجڻ دل گهلين،
هنجون هار قطار ڪونجان دي چوهؤن جنڪري چلين،
پانڌيان نون پيرين پوندي آنديان تليان مليان،
يار يوسف دي عيب نہ قولين واسطي رب دي تيلن.

❊

عشق تساڏي عقل وساريا پل ڳيان تدبيران،
جنهن سر آيا سا دل جائي سوز ڪريندا سيران،
بي اختيار بيراڳي برها نهين ڪائي بات نظيران،
عشق تيرا بادشاهہ دليندا ڪي ڪجهہ وس وزيران،
يوسف سچي ياري تساڏي ياري حق فقيران.

❊

اکيان ناز اکين دي نالي پهنن پرچن ميڙي،
ماڻ محبت تان بنيديان برهؤن ڪرن بکيڙي
هسديان ورنديان آپس دي وچ ڏيون عشق اويڙي،
نانڪ يوسف يار ديان ديدان نحن اقرب نيڙي

❊

نحن اقرب نون يار ديان ديدان هردم ؤسديان ڪولي،
اکيان نون ؤوشنائي رب دي لوڪ پليا وچ پولي،
عاشق عاشق هادي دل وچ غيب الله دا ٻولي،
يوسف يار اکيان وچ سهڻا وسدا آپ نہ اولي.

❊

عيان عاشق دل وچ ديدان مرشد مالڪ واليان،
پيچ اکين وچ اپنيان ويکين دست انهان دواليان.
ديدان مست دوني دم هادي رم جهم رمز نراليان،
ويکڻ فيض ديدار انهان دا چال سهڻي سؤ چاليان،
جنهن ڏنڙيان سو محڪم قابو وچ زلف جهل جهاليان،
جڳ مڳ جهور جهڪور نيڻان دي آپ آپس وچ ڪاليان،
نانڪ يوسف يار ديان اکيان ڏيک اهي ڏک واليان.

❊

اکيان عشق الله دا لڳڙا پيا ڪيا غرض ڪهيندا،
هرڪو مطلب اپني والا يار اشا وکيندا.
نال طمع دي پياري ياري هس هس يار سڏيندا،
پولي لوڪ وچي جڳ سارا ڪلمي ڪوڙ پريندا،
هڪ ٻئي نال يارنا طمعي ڳهلا لوڪ رکيندا،
يوسف بيپرواهہ فقير هي دو جڳ عشق اليندا.

❊

اکيان وچ اسرار الله دا ڏک ؤاليان دي ڏولي،
درد جنهان دي دل تي وارد قدمان تنهان اتون گهولي،
اصلؤن روح سڻي ازلئون عشق جنهن دي ٻُولي،
يوسف يار اسم وچ گم دم هردي اندر هولي.

٭

اکيان ويک جمال جلالون درد بهاري پرسن،
روڪن رمزان رمزين اندر ڏک دل ويک نہ ترسن،
غرقان بي وچ لعل تي هيري ويکن وهہ وهہ درسن،
يوسف يار سبئي پڙ کتسن جي ڳلي معشوقان مرسن.

٭

اکيان تانگهہ اوڏاهين لائي راتيان ڏينهان لوڙي،
رو رو سڪدي سوز ڪنون نت نيڻ هريندي هوري،
مهرؤن پال ڪريندي سهڻي نيڻ محبوب اگهوري،
يوسف يار ازل دي روزؤن دام زلف ڳل ڏوري.

٭

اکيان دي فرياد اکين نون اکيان مرشد هادي،
ڪرن هدايت بيرحمان تون ڏيون دم دم شادي،
محبت مستي جام پليدي وحدت وچون وادي،
ڪوڙين ڪرم ڪرن مڙ پائن غيبؤن ڪر آزادي،
يوسف اکيان عشقؤن روشن يارا قسم خدا دي.

٭

نوري نيڻ عشاقاڻ دا سر ڪيهي فوج چڙهيندي،
ٻڌڪي مرچي تير تفنگان ڪوڙ نيشان ڪڙيندي،
ابرو حلقي ڪڍ ڪڍ غاشان جوڙڪي جنگ اڙيندي،
عاشق اچلن سر اتاهين ترس نہ تل ڪريندي،
يوسف سحر اکين دي ڪاري قابو قيد پڙيندي.

٭

اکيان دل ول تانگهہ اوڏاهين جو سر اکيان ڏتا،
شوق نهين دل هور ڪهيندا بن مرشد محبت متا،
حسن بيرنگ رنگيلا هر جا سؤ سؤ ڪاتب چتا،
يوسف يار دا نقش ميري دل لکيا ايڪو ڪتا.

❊

اکيان گم اکين وچ هونديان اپني هستي هتڪي،
اکين نال اکين دي عشقؤن چهه چهه ڏيون چٽڪي،
انت اکين دا ڪنهين نہ پايا چال چلن لک لتڪي،
اکيان آپ وسار انهان وچ اکيان آون هتڪي،
يوسف يار اکين نت روشن عشق ڪڙا پڙ کتڪي.

❊

اکيان دا احسان ڇهيندا مرشد مهر سدائي،
نور محمد هادي هردم اکيان دي روشنائي،
اکيان نال ويکان پلپل وچ نرمل نور صفائي،
سوز اکين نون محبت مولا نينان سور سهائي،
يوسف يار تو مهر منگي دل ديد نگاهہ سوائي.

❊

نظر مهر دي مسڪيان تي مولا مرشد پالي،
نينون نور جهيندا روشن جل جل ڏيندا جهالي،
شمع شعاع زيادهہ شسؤن جبر جمال جلالي،
دامن لڳڙي دا ننگ تيون صاحب قرب ڪمالي،
يوسف شهر درازي دي در تي ڪرندا درد ڏمالي.

❊

يارو عشق شراب ڪنون اوڪؤن جو منع ڪريندا؟
چارئي يار اصحاب محمدؐ آپ ايوين فرميندا،
عشق آيا سر آپ محمدؐ چوچڪ فيض ڪريندا،
خفيہ سر اسرار تي هويا گنهگار تريندا،
سو هو سي وچ جنت هردم ڪلمہ حق پڙهيندا،
نانڪ يوسف صدقا اس تون جو اپني پاس ڏريندا.

❊

جي تون پوڇين يار مهين ٿون عشق دي ڪيهي جهولي،
ڪڏهان دانهہ در دلائل ڪڏهان عقلئون پولي،
ڪڏهان مست خيالي خستا ڪڏهان بيخود ٻولي،
ڪڏهان ڏوهہ ثواب ڪفر وچ ڪڏهان دين الولي،
ڪڏهان سوليءَ سير نظارا اناالحق پيا ٻولي،
بيرنگ باتان نانڪ يوسف هرجا يار نہ اولي.

❊

ڳوڙهي ڳوڙهي نيڻ برهہ دي ڳوڙهي ڪرن لڙائي،
ڳجهڙي ڳجهڙي ڳالهہ نينان دي سهڻي چال خدائي،
ڪيا وت ڪيڪ خراسان آسي ڪيا طائوس توائي،
ڪيا وت گنير شير جهنگل دي آهو ڪؤن هوائي،
نانڪ يوسف سڀ صورت پر يار دا جوڙ نہ ڪائي.

❊

هجر فراق ساڏي ماري رات ڏينهان غم ڪاوان
ورهہ وساوان،
سهجئون سهج تساڏي آوڻ چولي مول نہ ماوان
سهري ڳاوان،
چاهہ سچي دل چاهي ميري تو ول آوان
ڪول ڪماوان،
يوسف يار سڏيجين توهين تيرا نام من وچ باوان
ساهہ سياوان.

❊

عشق هويا بادشاهہ دليندا حسن جنهين دا ماري،
فوجان فوج حسن دي دل تي لڙدي نين شڪاري،
زلف دلين تون قيد ڪريندي ڪنڌي ڪيبر ڪاري،
يوسف يار سجڻ دي در تي ڪيئي عاشق هن ٻلهاري.

نيٽان نال لڙائي نيٽان عشقئون واهہ اتڪائي،
حسن هزاري فوج سواري آون واڳان چائي،
سيني ڍولڻ ڍال عشاقان حاضر ڪرن سدائي،
يوسف ياري يار سجڻ دي بي سب ڪوڙ ڪمائي.

❋

عشق الله دي هيبت شاهي جاري حڪم ربانا.
ڪل يوٗم هو في شان سڻ بيرنگي سلطانا.
ماڪ ملڪ دلين دا آپي آپي شاهہ شهانا.
بيرنگ رنگي بات برهہ دي خانا سؤ سؤ خانا.
ڪيئي عاشق عشق نهوڙي دانهہ مست ديوانا.
هي اسرار اواگهہ الاهي ڪيا جاڻن ملوانا.
يوسف يار برهہ دي نالي زاري لک لک جانا.

❋

عشق الله دي ڳالهہ نہ منيندي سي موڳي مرواني،
خارج خام خبث حرامي جائي خر خراني،
سي وچ ڪوڙ ڪميني دو جڳ حارص وچ حيراني،
قدر عشاقان عاشق جاڻن مرد الله اخواني،
يوسف يار چهيندا هڪو هم خاني دل جاني.

❋

يارو عشق الله ديان ڳالهين آپن عشق آکيندا.
لک هزار ديوچ ڪوئي برهہ لاتہ لکيندا.
جنهن دل مرشد نال محبت مئي دا جام چکيندا.
برهہ بيرنگي جنهن دل آندا اپني رمز رکيندا.
پنا حڪم هلائي سارا شاهي نام ڏريندا.
يوسف يار دا هڪو نقط لکيا ترڪ ڪريندا.

❊

زوران زوري فوج برهه دي سر عشاقان اصلي،
مرگان مرچي ڏيون هرچي ڪرڪي آون حملي،
سهڻيان دي سپ ويکين سهڻي سر معشوقان شملي،
گهمر گهير اوڙيڙا اندر وچ عشق مريندا گهملي،
يوسف يار جو دم حياتي پير محبوبن چملي.

سهڻي زلف معشوقان دي وهه مٿن دل اٽڪي چٽڪي،
ڪنڊي ڪاري پيچ ول ول آڪر اٽڪي مٽڪي
ڪؤن انهان نون موڙي هوڙي ڏيون سٽڪي جهٽڪي،
يوسف زلفان جام جنهين دل سا ڪين ڦٽڪي نٽڪي.

❊

بخشڻهار توهين بخشيندا لک بديان بدڪاران نون،
تو بن اور نه پڇدا ڪوئي غافل گنهگاران نون،
لاتقنطو سچا پرواسا هي غافل گنهگاران نون،
نانڪ يوسف رحم رب دا هووي دامن دا ننگ ياران نون.

❊

اندر باهر الله بولي ڪٿ خلق فلانا بولي،
هم هويا گم الله ديوچ الله آيا اندر چولي،
جوڳي جوڙڪي مرلي آيا ڳالهه اها واهه ڳولي،
سير دا نام وچا ڪرو سير ڪرو چا تولي،
سير ترازو تولڻ والي تئين مٿن تڪڙي تولي،
تولي وچون سير ٿيا يوسف ڦردا بولي.

❊

عشق جيها بي حجاب نه ڪوئي دل نون چنگل مار بهاري،
مار منجها ڪي ڏي دلاسا بازر وچ رلاوي،
يوسف ٿي قربان تنهان تون جنهان ايذي ستم سهاوي

*

آپ وڃون ڪر پاسي عاشق سار تنهي رچ شهدي،
تي غواص وبندي وچ وحدت طالب عشق الله دي،
ڪٿ نہ قدم چاون رمز اهين وچ رهدي،
نانڪ يوسف يار ملدي وچ ديوار ڦهہ ڦهہ دي.

*

ڦهہ ڦهہ پن ديوار دوئي دي جهين جڳ پلايا،
ڪوڙا حرص هوا ۽ تڪبر ڏنڏا عقل اجايا،
نانڪ يوسف برهہ بنا ڪوئي پنڌ نہ بيا سجايا.

*

اڪيان سر اواڱهہ الاهي اڪيان نور خدائي،
اڪيان موج محمد نياري اڪيان دي بادشاهي،
اڪيان فلڪين ملڪين روشن اڪيان دي روشنائي،
اڪيان ڪن فيڪون بنايا اڪيان ڪثرت پائي،
اڪيان نانڪ يوسف اڪيان رمز رلائي.

*

الکون الک بنائي الفي مورت سير نظارا،
پريان گل ڦل چوڪڙيان واهہ ويکين رنگ نيارا،
نفي اثبات ثبوتون هادي الاالله نقارا،
انا احمد بلا ميم ڪهندا دوست پيارا،
نانڪ يوسف يار او تاري آتا بن بن اپارا.

*

عاشق عشقئون معشوقان غمزي نال گذارن،
ساس اداس پياس پيتم ڪي رو رو هنجون هارن،
در در دل ديواني ڦردي سهري عشق اوسارن،
نانڪ يوسف يار بنا بيا خيال خناس اتارن.

❊

نال دليلين ساٿ لڏيندي سمجهڻ مشڪل بازي،
وحدت ڪثرت هڪو نقط دم مريندي غازي،
ٻاجهوڻ درد نہ وحدت واصل بنا سوز گدازي،
نانڪ يوسف يار سڄڻ دي عشق هونديان دل راضي.

❊

دلبر درد عشاقان نون گهت گهت ڏيندا گهٽڪي،
غرق ٿيندي وچ دريا محبت ٽبڪي مارن گهٽڪي،
فوج حسن دي سر عشقؤن چوهؤن آوي چٽڪي،
ٽپ ٽپ غوطا کاڪر آئن ماڻڪ موتي مٽڪي،
معشوقان دي چال عجائب ويک ڪي لٽڪي لٽڪي،
يوسف نال ديدار سهڻي دا دم دم جهٽڪي جهٽڪي.

❊

منهن ڪعبہ محبوب عشاقان جت نماز گذارن سي،
هردم حج انهان نون حاصل وچ مور نہ آپ شمارن سي،
مر جيندي وچ محبت مولا عينئون عين اجارن سي،
يوسف نال مهر محبوبان ترندي اوران تارن سي.

❊

مار ڪلا سر منڪراندي ڪيهي تاتا ماتا،
جو هي منڪر ذات فقر ڪا سو هي لونيا لاتا،
ڪون منافق ديوچ ڏينوس ڪاٽي باتا باتا،
بي ايمان ڪون مار سگهيرا هاتا وچلا ۔ هاتا،
نيزي تي تلوارين ٻرڇان سر مردودان تاتا،
وحدت والي وات نہ لهسن من ڪو گهت گهت گهاتا،
چارئي يار پنجتن حاضر ڪم ڪريندي جهٽ پاتا،
دوزخ دي وچ دئي وايان دي پٽ ڏاڙهي ڪر پاتا.

❋

رمزن راهه مريندي دنيا ڏوتي مڪر مڪاري،
جهيڙا خلل خرابي خرخش دو رنگ دام دويري،
عاشق ويک حيرت وچ هوندي بازي طلسم ساري،
رمز اها ڳل گجهڙي ڳوڙهي ڪنهن جيتي ڪنهن هاري،
نانڪ يوسف يار سچو دي چاهي مهر ستاري.

❋

عاشق روز اداس گذارن محبوبان دي ناز ڪنون،
دني درعون خون جگرون رم جهم رمزين راز ڪنون،
سخن سچا دل ياد هميشه عاشق عشق اياز ڪنون،
رب رسول گواهي ڏوهان حق حقيقي مجاز ڪنون،
نانڪ يوسف يار وڪايا حق حقوق دراز ڪنون.

❋

شهر درازين وسي رحمت دائم عشق آبادي هي،
پنج چهار تي بارهن چوڏنهن يار دمان دم يادي هي،
قادر قطب جمال جلالون فقر جهين گهر شادي هي،
يوسف دم خيال نه چوڙين هادي دي ارشادي هي.

❋

درد فراق ميراث عشاقان بهيا روز ميثاقي،
متوالي تي شور پرايا جام شرابون باقي،
عشق الله دا جنهن نون نه حاصل هوسين وچ هلاڪي،
مستي تي مدهوشي پيالا صاف پلايا ساقي،
نانڪ يوسف يار مليوسي ٿيا وصال فراقي.

❋

اي دلبر دل لوٹ نيتائي ڏر عاشق دي آهه ڪنون،
رات ڏينهان ميري من توهين دم نه دور نگاهه ڪنون،
توهين عين نون ايوين پانوين مٺا سر ارواح ڪنون،
نانڪ يوسف يار مهر هي مرشد شاهنشاهه ڪنون.

*

رانجھن بيلي مست پڪاري ونجھلي سوز تنواران،
بن ڪي هير ڪريندا حملا تار وجي تر تاران،
ڪيلي ڪانھن چري جھنگ بيلي بادل پون ڦھاران،
نانڪ يوسف يار ماهي دي لايان برھ بھاران.

*

عشق الله دا ڪيوين پيدا جون ڪر ٻال اياڻا،
ماھ دهي وھ پستت گذاري ڪؤن رزق رساڻا،
دم اوتاري آوي جاوي گربن انڏ ڪاڻا،
گنگا ڪر ڦري دوجڳ ۾ سمجهي سرت سڃاڻا،
دين ڪفر اسلام مذاهب نهين ڪوئي ڏاج ڏاڏاڻا،
دل ميري منظور نہ ڪيتا اصلؤن ڪوڙ ڪهاڻا،
درد والي ڪا ڳالھ الائين اي جڳ جوٺ جڳاڻا،
ڪسني ڦالين ڪسني ڳالھين مئن سر عشق سيباڻا،
ڪودڪ ٻال ٻي ڄاڻين هاسي ڪيتي عشق وڻاڻا،
پلپل آندا گر اوتاري عينؤن عين سڃاڻا،
نانڪ يوسف غيرؤن توبہ هادي قسم مياڻا.

*

تانگھ سچي تن توڙؤن تيڏي طلب تمام تمامي،
تار تنوار پڪار پپيهان شوق شڪار پيامي،
دم دم غم اتم تمهين تون سندر برحق سامي،
نانڪ يوسف يار تساڏي طرف تمام تمامي.

*

اکيان عشق پيالا پيتا اکيان دي ڳل ڏوري،
اکيان دا آکڻ اکين منينديان سڻ ميري دل پوري،
دل سمجهي تي نين نہ سمجهڻ مارن ڍول ڪي هوري،
دل سمجهڻ نال ڪنهان دي عين اشارا گهوري،

برهه برهه دم جسي نه سمجها سا ڏر مت ڏوري،
يوسف بات اکيان سمجهي جنهن دل هوسين لوري.

❊

فوجان فوج حسن دي زوري سهڻي چاڙهه گهليندي،
عاشق دي سر ڪرن اماري واڳان مهر وليندي،
مارن مار جوائن شهديان سهڻي چال چليندي،
اپنا ڪر احسان پلايان رمزان رمز رليندي،
يوسف يار نيڻ نيڻان نون رو رو راهه پليندي.

❊

يارو ياد هميشه دل تي هادي هردم نالا،
حڪم جهين دا هر جا جاري فيض الله الوالا،
پر تقصير اسان تان بنده عشق سچو رکوالا،
شادي گهر فقر شڪراني قادر قطب ڪمالا،
شهه درازين ديرا جنهن دا ظاهر اسم اجالا،
نانڪ يوسف عشق الله دا اعلي نور اعلي.

❊

جي تون عاشق عشق الله دا چوڙين ڪم شيطاني،
ايڪو رنگ ايڪو مل رهڻا رنگ بيرنگ مياني،
انفسڪم فرقانون ويکين سارا سير شهاني،
ڪٿ وت شاهه گدا سپاهي ڪري گدا سلطاني،
ڪل يوم هو في شان فرمايا حق سبحاني،
يوسف يار ديان رمزان اچيان صافي در اخواني.

❊

نيڻ نيڻان تي قلزم ڪالي دريا دور روراني،
پروان پونر پونگ دو ابرو خاني ڪل ڪل خاني،
مژگان باڻ خدنگ چٽاون چارئي چيتڪ چاني،

ابرو بادل برسن لاگيا سورهن اٺ اناني.
نانڪ يوسف يار صبوري درد الهه دل جاني.

❊

معشوقان دي مست خيالي ڪيفي ڪجلي ڪالي.
شهبازان دي ڪرن ستوني سهڻي جهالي چالي.
ڳجهڙي نيڻ نيڻان نون ويکن پيون پيالي عالي.
نيڻ نيڻان نون ويجهي وسدي نالي دور ڪشالي.
يوسف يار اندر وچ اکيان پالي آپ سنڀالي.

❊

جس طالب ڪون طلب سچي محبوب منا اس نالي.
آپن آءِ هسيندا روندا گهر عشاقان گهالي.
اوجان موجان نوجان لاسو مالڪ ملڪ محالي.
سڀ صورت ۾ اسرار الاهي رنگو رنگ رسالي.
رحم ڪرم دي طلب اسان ڪون درها دي برحالي.
يوسف شاهه درازي اڳون دائم درد ڏمالي.

❊

عاشق شوقعؤن شهه سهڻي دي ڪردي نالان نالان.
پيچ زلف دا ول اڙانگا ول ول والان والان.
ويک جو عاشق آڻ قسائڻ خوني خالان خالان.
ابرو سر ڪمان ڪڇيندي تير پڪڙ هالان هالان.
چتڪن مرچي مژگان ماري عاشق ڍالان ڍالان.
جهلدي سينا سهڻي حاضر جهڳمڳ جهالان جهالان.
نانڪ يوسف يار ديان راندين سئو سئو چالان چالان.

❊

دلبر بي پرواهه ڏنوسي ڏاڍا ستم سهاءِ ڳيا.
ستي پئي نون آڻ جڳايس دل دي دود دکاءِ ڳيا.
مارڪي ذوالفقار پلڪ دي چشمين چوٽ چلاءِ ڳيا.
ڇپ ڳيا دل نپ ڳيا وٽ دل تي ڇپ ڇپاءِ ڳيا.

هس ڳيا دل گس ڳيا مڙ دل دي چاڪ چڪاءِ ڳيا،
ناز نينان دا ڪرڪي چوري باشا برهه بچاءِ ڳيا،
يوسف يار وقت آهين وچ قيد زلف دي آءِ ڳيا.

※

سڪ سهڻي دي سانوڻ لايا هنجون چلو چليان،
رو رو اکيان حال وڃائيا رهن نه جهلو جهليان،
برهه جلاد ميري تن وڙيا ڪرڪي هلو هليان،
موجان فوجان برهه ديان زوريءَ آون کلو کليان،
يوسف يار وصال ڇهيندا رمزان رلو رليان.

※

سڪ سهڻي دي ساوڻ لايا هنجون نالي نالي،
نت فراق چڪن هميشه دردون نالي نالي،
جيوين بلبل گل بن حيران دم نالي نالي،
يوسف يارا ياران قدمين هو سڄون نالي نالي.

※

واسطي رب دي آ مل رانجهن نديان نين وهائن،
خون عاشق دا ڳل انهان دي گهت زلف ڦاسن،
ڪد ڪيهي ڪد ڪيهي ڪيهي دليان درد بچائن،
يوسف يار دي مهر سدائي آون پيچ پرچائن.

※

سڻ سهڻا فرياد نيڻان دي تين تون معلوم ساري،
بيڪس مسڪينان نون تيري در تي دم دم زاري،
هردم تون لجپال انهان دا ڳل جنهان دي ڳاري،
غم ديوچ گذارن عاشق تانگهه تساڏي تاري،
يوسف يار پڪار عرض دل يارو ڏي دم ياري.

※

اکيان سڪديان ويکڻ ڪيتي واهه جمال پيارا،
مشتاقان نون طلب ملڻ دي ويکڻ قوت نظارا.

بار برهہ غم سر عشاقان پلپل بي اختيارا،
واسطي رب دي سر يوسف ڪر راحم رحم اپارا.

❊

اسم الله دي رانجهن سائين آوس ساڏي ويڙهي،
ماهي مهر الاهي تينون هو هردم دل نيڙي،
سدا لٽيجي ظاهر باطن مهہ عشاقان دي ميڙي،
اگڻ يوسف دي يار ڇهيندا توهين ديري ديري

❊

لڄ پڄ پڇديان پار پريم دا اکيان. تانگهہ ايڏاهين،
پوئن هار هنجون ڳل پائن سڏڪي سنجهي صباحين،
رب ڪهين دي پيش نہ آئي برهي پڙڪن باهين،
يار يوسف دا لطف سدا سڻ سچيان باتان تاهين.

❊

سچي سڪ جنهان اکيان نون عشق چڙائين سي چڙيان،
ابتي سبتي بحر بيرنگ وچ لهرين ويک تہ لڙيان،
همت نال سجڻ سچي دل محڪم قدمين ڪڙيان،
يوسف يار برهہ دل شاديان مل ڏيون مبارڪ ٻڙيان.

❊

عرض قبول محمد ڪيتا سڻ عرض متوالي،
فضل ڪرم دي نظر ڪيتوني. تلئي ڪاف ڪشالي،
مشتاقان تي مهر ڪريندا ڏيندا منصب عالي،
اپني دستئون دوست پليندا پيالي محبت والي،
بخشيندا بدڪاران نون چا مهر نظر ڪر پالي،
يوسف يار دي ڳڻ* ڳالهين نت رو رو دل سنڀالي.

❊

بار ياران دي نهين ڦوليندي مولا عيب مدايان،
ڊليان نون وٽ سوين. ڊلايان پليان نون پلايان،
لائق پريا نهين ليڪيندا بريان ديان برايان،
يوسف يار ديان مهر نگاهان ڪجهہ آپ بہ سمجهن سايان.

❊

دلبر ديس اسان ڏي آيا ڏيندا لوڪ واڌايان،
رانجهو رانجهو ڪرن سيالين ويکڻ ديان سڌرايان،
مئن مسڪين تي نالي ڪيتيان ماهي مهر پلايان،
يوسف يار رحم رب هويا شاديان شڪر سوايان.

❊

سهڻا تو بن ڪؤن منيدا دردمندان دي زاري،
ٻوهي تيڏي راتيان ڏينهان ڳل جنهان دي ڳاري،
ڏي ديدار عشاقان نون واسطي اسم غفاري،
يوسف يارا يار ڇهيندا ياور تيڏي ياري،

❊

دردمندا دي آهه ڪنون ڏونگر ڏک وچ تپدي،
ديو پري ڪجهه تاب نه آٹن پري پريرن ڇپدي،
برهه دا ڏنگيا ڪوئي نه بچيا ڏنگي بچدي سپ دي،
عشق الله بن لوڪ سيوئي جاندي مردي ڪپدي،
يوسف يار دا عشق حياتي دوجڳ روح نه ڏپدي

❊

جنهان روحان وچ حياتي عشق خريد نه ڪيتا،
مئخاني ساقي دي دستؤن شوق شراب نه پيتا،
هادي والا حسن عجائب سيني ديوچ سيتا،
يوسف مرد اهي مرداني نينهن جناهان نيتا.

❊

رانجهن رحم ڪرم چا ڪيتا مئن هيري ڪت آهي،
اوڳڻ هاري نال جو ڪيتي سيان سڀ ڳڻ ماهي،
ڪيڙيان پاس نه مئن دل آهي روز ازل تئون ناهي،
يوسف يار دي دامن پڪڙي شاهد الله الاهي.

ماهي مليا نال سبب دي پلڪ خير پيوسي،
عشق پيالا وحدت والا ڀرا نور ڊيوسي،
يوسف يار نظر وچ هردم ويکڻ قوت ٿيوسي.

❊

يار سپو سر يار ماهي دا جو اصلوءِن تخت هزاري،
لاءِ ڪڙا تنهن آپ نباهي نال يتيمان ياري،
يوسف صاحب فضل ڪرم دا رانجهن هير ويچاوي.

❊

رانجهن تخت هزاري دا والي هير جٽي مئن جهنگ دي،
سيان نون سيال سيالڻ لج اس اپني ننگ دي،
ڪاهہ ڪران نت ماهي ٻيلي ويکان شير نہ سنگ دي،
يوسف يار سهٽي تون مئن مهر محبت منگ دي.

❊

دردمندان دي آهہ ڪنون آسمان جل جل ڪنبدي،
وچ ميدان منصوري تابون عشق دي ڪوري تپدي،
يوسف يار برهہ بن جيوين ڊور جهنگل دي رنپدي.

❊

عاشق راتيان ڏينهان تڪديان معشوقان ديان راهان،
سهٽي بيپرواهہ چليندي عاشق ڪرن الاهان،
لاتقنطو من رحمت الله پڙهن پڪارن شاهان،
يار پون آسمان ڪنون لنگهہ دردمنديان تان آهان،
يوسف يار دي مهر ڇهيندي نوري نور نگاهان.

❊

آءَ سهٽا لڳڙيان سڪان دم دم دل تڙ ڦاندي
تي غم کاندي،
ڪانگ اڏايان پنڌ پڇايان طرف تساڏي آندي
ڦالان پاندي،

تن من تانگھ اچانگ ايڏاهين ماندي مٺن ڳڻ ڪاندي
لوڪ سڻاندي
گھمر گھير الیل عشق دي واري سر وساندي
مڙ نهين جاندي
ملسين مهر ڪري مٺن نال يوسف يارا چاندي
عرض سڻاندي

❊

سڪ سهڻي دي تار بتاران دل وچ تمان لايان،
برها بي اختيار الاهي محبت مينهن وسايا،
چڪري ڦت فراق هجر دي ڏيندا عشق واڏايان،
وهلي ملسن چاڪ ٻاپاڻا ٻڙچان جس ني بچايان،
يوسف يار ديدار هميش هوسن سهڻيان سايان.

❊

رانجهن تخت هزارڙن سيان ويک جو ماسين آءِ ڪر،
آنڙ وچ سهيليان مل ڪر ڏيسن واڏايان آءِ ڪر،
ملڪين مبارڪ فلڪين عيدان ٿيسن آءِ ڪر،
يوسف عشق الله دم خوشيان ويک هميش آءِ ڪر.

❊

چاڪر چاڪر اين فرمايا معشوقان لک ٿوري،
ڳڻ ڳالهين لک محبوبان دي دم دم دلڙي اوري،
سهڻي ساز ڪريندي ڪمڙي جوڙ پلڪ وچ پوري،
ڪرندي معاف مدايان دم وچ صاحب رحم سگوري،
يوسف يار محبت مولا هور نه رهسن هوري

❊

سڪ دي ڳالھ عجائب جيهي وچ بيان نه آوي،
موجان فوجان بار غماندي آدم سر سهاوي،
ان مع العسر يسرا برها باءِ وڪاوي،

ویک دل شکست عاشقان نون پاڻ پرین پرچاوي.
یوسف منديان معاف هويان محبوب سچا فرماوي.

❊

ڏنگيان ٽوران محبوبان ديان چال عجائب جيهي.
هر کنهن دا سمجهڻ ناهين سمجهڻ کي کي نيهي.
واحد راز الله محمد ڳالهه کران مٺن کيهي.
چارئي يار پنجتن حاضر سمجهڻ وحدت ايهي.
مالک کل مختيار ملک دي رمز جنهان دل ريهي.
شهه منصور بلاول جيهي طالب سچي نيهي.
دردمندان مسکينان نون خبر اها پچ ويهي.
هيکر آوين دوست پيارا پکي يوسف دي پيهي.

❊

# سرائكي كافيون

هم گروجي هم گيان، نانڪ لڇمڻ ميرا نام،

سبد سنوري ساڏو پائي، گرو نانڪ ڪي اها اوگاهي،
گنگا جمنا وچ اشنان.
بندگي ڪرڪي برهمڻ ٻٽيا، سير متاڪي پايس جٽيا،
هم سخي جي هم سبحان.
بندرابن بينڪ ميري، رمز سچل دي الٽ اوېڙي،
وچ مديني هون فرقان.

❊

ٿا ٿا عشق نچايا ڪرڪي ٿيان ٿيان.

الٿيان سلٽيان بازيان ڏيندا،
مشڪل سمجهڻ پيان.
هادي ٻاجهون ڪوئي نہ محرم،
ننگ اسي ڳل پيان.
گهڻ گهڻ گهنگهرو ڇم ڇم ڇيريان،
ڇيري ڇمڪا ليان.
نانڪ يوسف شهر درازين،
سرڙا نت نت نيان.

*

مک مصحف سجن دي صورت،
صورت الله بسم الله حمدالله قل هوالله.

ميم مزمل طه يس الم حم آمين،
عين دو ابرو وجه الله وجه الله وجه الله.
قلم تي ڪاغذ وڃ چولي اکيان جي کولي يار نهين اولي،
عليٰ ڪل شيءٍ هو الله هو الله هو الله.
پيش پوشاڪان زيريان زيران پهن ڪي آيا سڻ عشق ديان خبران،
اچا پڙهه ڪي ويکين حق تجلا حق تمخلا هر تجلا.
معنيٰ محبت نال سيپارا جوڙ صحيح ڪر هرهڪ يارا،
هيئي ذات الله و الله با الله ثم تا الله ثم تا الله،
نانڪ يوسف چشمان چولي رمز رڪوع ڪل وچ وچولي،
نهين هور هادي هي الله هي الله هي الله.

*

وهه ديکا هي اسرار برهه بازار تماشا پل پل ڪا وهه وا
مئن جاونگي بلهار هماري يار حسن ڪي جهل جهل ڪاوهوا.

جب لاگي عشق تڪورا ناحد گهور درد ڪا شور دل اندر،
مجهي چاتي ۾ چمڪار برهه پڙڪار اگن درجل جل ڪا وهوا.

يہ هي عشق ڪا احوال خدائي خيال سو بر حال بيانايون،
جون شهه منصور سوار اوپر سردار چوگان ۾ چل چل ڪا وهوا.

سچا درازي شاهه

✻

واهه گروجي واهه
سچا درازي شاهه

سچا هي مرشد سچي هي باڻي بني هي ساڌو برهه ڪهاڻي
عاشق عاشق گرو ڪي برحق
گرو گيان ڪي پربي پرچو بازي سيان بوجهو تمهين نه لرجو
مارو چامنڪا چنانڪ مينڊر ديکي طلسم بحر بر
هتا نه اس پرجلا جهگانا عاشق يگانا

برهہ عمل مون اگن اجهل مون
حلاج ماريا برهہ نغارا انهون ني يارا ديدار پارا
ڪيا نظارا اسي نہ سارا پايا سچا سچ سچارا
پيا اس ڪا قُرب ڪرارا سنياهي عالم دوجگ ۾ سارا
بولي اناحق حقا هو حق
سولي نظارا معراج سارا نبي سونهارا گورو همارا
مثاني مرشد جسي نہ ارشد ڪيا سچي سچ
سچاهي صادق نبي ڪي نينون عمر هي عادل دو عين عينون
علي ڪا عاشق ڪمال ڪامل هميشہ شامل
امير عثمان، علي ڪي دل جان همن هون قربان
علي ولي ڪا سخي رضا ڪا
و الله باالله علي ڪي عينون ديڪا هي هي نينون
هڪو تجلا همارا گرديو الله الا والله باالله
نهين ڪو اس ڪا دو جڳ ۾ ثاني اگرچ خواني بدل زماني
يقين داني بحق مرشد خدا خواني
امام پنجتن چهار باني اگر تو مردي بہ اسم راني
چو ڪامراني نهين ڪو ديڪا نهين ڪو ليڪا
نهين ڪو پايا نهين سمايا نهين ڪو ڪايا
ايڪنت ايڪو گرو مهين ڪا بسي جوهر ۾ سرسائين ڪا
جيون جو تارا راهہ نيارا پيڪو جسي ۾ وسي نيارا
ديڪا ثا يوسف سچا جو پايا سچا سمايا
معشوق ميمون پايا هي هردي فرق جيمون
عجب تماشا برهہ غرق ۾ گرو ڪي ڪرپا دنيا ترڪ ۾
بدن ترڪ ۾ ترڪ ترڪ ۾
سنوري سنتو نفي ڪي باتان صحيح اثباتان
ثبوت ثابت نفي ڪي ناهون الله آهون
ڪل هي مڪڙي چلي هي جڪڙي

ڪول ڪنول ۾ بهار هوئي ڪلون ڦلون ۾ هبڪار هوئي
معشوق عاشق جيا جي تم سين پيا ڪي تم سين
برهہ بشارت فتح مبارڪ آئي هي تم پر نظر پيغمبر سر علي سر
علي بحر بر علي عين در
بدم دم علي لحم هم دمي وهم غم بهار همدم
شڪر وهہ فياض بر تر
حضور والي نگاهہ عالي
هميشہ نيبهہ شڪر هي الله
توري هون گمراهہ هادي هي همراهہ
يقين يوسف ڪهو بنانڪ چنانڪ نينڪ
ڪجامت نڪتہ اگر تو داني رموز عشقش اگر بخواني
بدل زباني قسم شهاني شاهہ جيلاني
چهار پنجتت دوام همت ما راز تهمت جنجال خجلت
ڪشال قلت نهاس ناست خناس خاصت ڪذاب قاضت
امان نموده پناهہ داد هہ
شڪر هي الله هدا هي هادي ميرا او مهدي
وهاب وحدي شهاد شهدي
مجهي هي زاري اسي ڪي در پر
همن هون مسڪين مار است ڌسڪين مڪن تون تمڪين
اوپر نغارا ز حق تلقين برهہ بقارا اگرچ فهمي تو عشق هارا
قسم خدارا غريب رهنا ڪسي نہ ڪهنا
چر است چون چون بيرنگ بيچون چنان نہ چون چون
ازين ڪہ قصہ دلم پر خون نمي تويبني نهين هومسڪين
سخن زور آور غريب پرور يتيم ياور علي است سرور
گرو پيغمبر عليٰ اڪبر زعرش برتر رحيم رهبر
عجب تماشا ديکان معشوقان
ڪہ ناز عالي چہ لاأُبالي

ڪڏان هي مستي ڪڏان مولالي ديکاهي هر جگهہ چون رنگ لعلي
سنوري سنتو نفي تو نانڪ شريڪ لاشڪ
وحيد وا-ند احد احد
رحيم رحمان ڪريم ڪرمان
نهين ڪو اس ڪا دوجگ ۾ ثاني
جس ني ديکا اسي ني پايا، دلمر ڪي اندر اسي ڪا رايا
گرمجهي منہ روحي بلايا سنوري ساڌو نانڪ پائي
ڪهي نماڻا عرض نوائي ڳل وچ بلڙا رمز خدائي
خاڪ فقر گرچرن سدائي وچن ڪي اوپر قرار جائي
صفا رهڻ وهہ من ڪي صفائي گروسچا گر سچي ڪمائي
صنمر ڪي درڪي هم هون گدائي برهہ ڪي نوبت برهہ بجائي
ڪهان هي بچين مني منائي

ووهي چولي ووهي ٻولي ووهي لولي ووهي ڏولي
ووهي ناچو ووهي ڊولي ووهي جوڳي ووهي جهولي
ووهي بلبل گل اور خارا ووهي گل گل اوپر بهارا
ووهي ململ خمر خمارا ووهي گل گل همئہ هزارا
ووهي غل غل گردغبارا ووهي فلڪ بر فلڪ ستارا
ووهي ڪرسي ملڪ متارا ووهي فرشي عرش منارا
ووهي پٿر ٿر جبل جوهار ووهي آبي آگن بخارا
ووهي پون ۾ پون پسارا پسي جوهر ۾ رهت نيارا
نهين ڪو دو جهان مني يون ٻوجها سچي جي گرديو صحِح دکايا
جمال روشن نظر ۾ آيا شڪر خدايا اگهم نگهم ستّ سمجهہ ڪي لايا
سچا هي گرديو گرو پيارا جسي ڪي اوپر همئہ همارا
مدار هي هي قسم خُدارا آپن ووجانت پائي بتارا
عجب نظارا دکاهي نينون کهون ري ڪينون سوري نينون
وڏار مبنون رموز رينون پڪڙلي عينون کهون ڪي تينون
سنوري سنتو گرو پياري گنگا جمنا ناڪر دواري

بيد گرنت پرانا سيپاري طلسم ڪوڙ بدوڙ پڌاري
نانڪ هرگز چرني چاري نانڪ هرگز واري واري
يوسف يارا سولي ڏارني گر عاصي هون سڌر سڌاري
هزار واري
سئو پياري

❊

واهه گروجي واهه
سچا درازي شاهه

انحد باڻي عشق تڪوران، موج بحر ڪي زور به زوران
برسن بادل گهن گهن گهوران، پريم پيتم ڪي ڪل نه ڪوران
نهين ميدان محبت آون، حرص هوائي خيال اُناون
پريم دي اندر پير نه پاون، نفس ڪي پيڇي خوار لڳاون
تابي تڏي هردم ڪاون، اپني دل نون خوب رنجاون
رشوت روڳ رنجيندا ڪاون، اپني ايمان آپ مساون

❊

واهه گروجي واهه
سچا درازي شاهه

ڪرن اهنڪار نه سمجهن آپا، ڪوڙ ڪذب نت ڪردي ڪاپا
غير خيالون سنگ سياپا، نيه سچي بن پيا سپ تاپا
جي تون عشق ڪهاڻي جاڻي، من منه پوجهي گيان اڳياني
نرت رکين گر سرت سياڻي، خبر نه جاندي عمر وهاڻي
جسي ني هر گر اوئي پڇانا، اپني پيءُ ڪا مقصد پاتا
صحيح سڄاتا دل پر داتا، جسي ني جاتا اسي ڪا ناتا
بيتا نا ماتا، سنو ري سنتا
عينان ڪي انگ مون، جهمر ڪي جهنگ مون
درد ڪي دنگ مون، مژگان ڪي منگ مون

نيني سين نالون ڪڪي سين پالون، ممين سين مانون ممان مياني
ممان گياني، ممان ڏياني
ممين ڪا جامان، ممين ڪا نامان، ممين ڪا رامان
ممان هي ضامن گرو ٻهرڪا، ممان مغان هم اڏرنڊ ڪا
سو روپ سر ڪا، روز محشر ڪا
سنوري سنتو حڪم حضوري، گروڪا شبد سمرمن صوري
گر آرادهي آشاپوري، گرآرادهي هت صبوري
گرآرادهي امرت صوري، خودي نہ بيخود فرق نہ دوري
چال فقر ايڪ دم دستوري، دم ڪي اوپر هشيار رهنا
نانڪ يوسف يار يگانا نهين جو ٻوجهي لوڪ آگيانا
درد بنا ڦهون ڦري ديوانا ڪهي نماڻا نانڪ بانا
هادي هر دم من منه، مانا، همرا جانا هزار تانا
واهہ گروجي واهہ
صچا درازي شاهہ

٭

حضور حاضر، نظر ہہ ناظر
ادب انديشا صبر گذارا، عمر هزارا هٹہ پلڪارا
جون چمڪارا ابر بخارا، گرد غبارا سمجهہ ہِر يارا
گرو اشارا سنو پيارا نانڪداس لگا گرچرني
ذات فقر هرسنگ سرني، ڪال اجل ڏرسان نہ ڏرني
جي مرڻي مرجي مرني ڪال، اڪال سين ورڪي ڪرني
نانڪ داس ڪهياسن جانو گرو ڪا وچن گرومن مانو
سانچا سانچ ويساهہ پڇاني، سن تو ميرا سجن سجاني
جهار دليل نہ دل پر آني، تان تون ويکين رمز رباني
چوچڪ ايڪ گيان گياني، خيال سجن بن هوا گياني
دو جڳ سپنا خواب نيشاني، ڪسي نہ رهنا فنا فاني
گرفرمودا حق سبحاني، ستگر سائين حق حقاني

قطب رباني غوث صمداني، قريش قادر حضور حاضر
ايڪوئي جائي ايڪوئي جاني، ايڪوئي ماني ايڪو شهاني
يڪ است جبل يڪ است قبلہ يڪ است ڪعبہ يڪ است گنگا
يڪ است ديست، يڪ است دمنہ يڪي است چمنہ
يڪ است خورم يڪا ست غمنہ يڪ است رمنہ يڪ است امنہ
تياڳ طمنہ هماري سجنہ سچا گرو سچ گرو ڪمائي
هماري ڀائي دنيا، دورنگي، واهہ وڏائي
ڪوڙ ڏڪالا، ڏوڙ سيائي

واهہ گروجي شاهہ دراز
سچا عاشق عشق آواز

❊

نانڪ ڪلجڳ آيا هٿ جوڳ روڳ
رام رحيم رمائڪي باندو سانچي جوڳ
نانڪ ناما الک هي الکو بينا انيک
سا سرت چتا رتن بنا ٻهت نہ بيک
الک ناما ايڪ هي صورت مورت ڀوگ
نانڪ دوجها جو ڪهي يوسف تس نر روڳ
ساڌو پنٿ نہ پير نان نان گهتنا گهت جوڳ
نانڪ نينهن پراوٽا يوسف يار بروڳ
نانڪ نيهڻون چاوٽا جورا جور بيراڳ
فقر چتا پٽ چولڙا مت بيک لاڳي راڳ
يوسف ستگر سنگ هي ڀاڳي هون بڏ ڀاڳ

واهہ گروجي شاهہ دراز
سچا صاحب عشق آواز

❊

نانڪ داسن داسڙا هرگز چرني کيهہ
ڀات پات منهہ مائيو جون گاجر ڪي ريهہ

نانڪ نام ڏياوڻا گرو چرنا رک نيهه
سرت قدم دم لاوڻا آيا پريم سنيهه
نانڪ نام ڏياوڻا جون ڪر نينان تار
ديکن ۾ دو رنگ هي چاڪن ۾ يڪتار
نانڪ نام ڏياوڻا ڪس بت سو بيچار
مرڪر جيوڻ پاوهين ايڪو ايڪ اڌار
نانڪ هرگر سو مليا جو ايڪ انيڪ اوتار
ايڪؤن ايڪ انا پئي الف الک اسرار
واهه گروجي شاهه دراز
سچا صاحب عشق آواز

❊

نانڪ نيهه پرائيا يوسف ياري رک
رک ڌارو تس مک ۾ جس نيهي ناري رک
رک ديجي سک نام ڪي واهه گروڪي رک،
هرگز مرشد دونهہ پياگر گيان ڪي رک
هادي مهدي ايڪ هي جون پيهي جن جين رک
رک پيکو رخ روح ۾ ڪؤن پڪاري بک
ايڪو نام ڏياوڻا ايڪو چتر پرک
ايڪو ايڪ انيڪ هي مڪا گنگا مک
سيوڪ سيون سوهرا بوجهه بنا بهه جک
واهه گروجي شاهه دراز
سچا صاحب عشق آواز

❊

ايڪ انيڪؤن دو پيادو جها توڙ گمان
جونڪر نظار نورڪي بيرنگ ايڪ بيان
پاتالئون پاتال انيڪا آڪاسئون آسمان
سو نر موهيا مات ۾ جس بهتا هي ايمان

آپ سمجھاوي اپنا صاحب ڪا فرمان
سيس ديا سک پايا هردم جان جوان
عشق بنا تن مات هي ستگر نينهن نيشان
هون بلهاري پياري دي پياري داس ديوان
سانچ ڪهوري سکيا سانچي ڪا فرمان
نانڪ داس غريب هي داسون ڪا دربان
نانڪ چونڪي نينهن ڪي پرگهٽيو پروان
تس نر سمر جڳ موهيو پنجتن توڪ طولان
پنجتن بنيو پوتلو دک بهه چپ چوگان
واهه گروجي شاهه دراز
سچا عاشق انالحق ساز

*

يوسف يار پراوٽا داسن ڪا رهه داس
وهه بولي بک مک سين تم شيرين بولو راس
دم پرواسا وهه گرو سرت چرن ڪي ساس
ستگر سرني هون پڙي سرني ڪا پرواس
ست پرواسا نر هر دي توڪل ڪي تروار
دوجڳ سپنا خواب چون عاشق هي پرار
نانڪ نينهن اپار هي ڳهتا سبد سچار
جس گر پوزا آؤڪا آدون انت اپار
بن آدون گر سيوتا جيون مجنور بجار
ڪري مجوري موهه ڪي ڪي ڪرتا قوت گذار
آءِ بنا گر نا منون درد بيا بچڪار
نانڪ نينهان اُد ڪا گر سورم سردار
نينڪ نيها آدڪا گر چرني آذار
نينهن لڳا تن بسريا آپون آپ بيزار
واهه گروجي سچا ستگر
اِڌر اُڌر هويا رهبر

❊

نهين لڳا سک پائيا ستگر ڪي پرساد
ستگر مليا سڀ دک ٽليا برها هردي ياد
ياد لڳي تن سندر سرجن سني فقر فرياد
فقر چرني جو پڙا ڪالئون پيا آزاد
واهه گروجي سچا ستگر
اِڌر اُڌر هويا رهبر

❊

ڪال اجل ايڪ نام هي ايڪو پوڳ پونگ
صورت مانک مور پڇانو نينان اچرج رنگ
هندو مسلم ايڪ هي ديکن نين دو رنگ
جو نڪر لعلي پان ۾ وهه رنگريزان رنگ
نام چپا هر روپ ۾ جون نشادا رون پينگ
عشق بنا هر ديهه ۾ جون پسون ٻولي منگ
لڳي ٻاهتر فرقي آڪر ديک آپس ۾ جنگ
فتح گرو ڪي واهه گرو وهه قادر مست ملنگ
واهه گروجي سچا ستگر
اِڌر اُڌر هويا رهبر

❊

واهه گرو همراهه گرو وهه سانچا سچ ويساهه گرو
گر امرت هي تين لوڪ ۾ عين عشق ارواح گرو
. واهه گروجي سچا ستگر
اِڌر اُڌر هويا رهبر

❊

نانڪ ٻولي ستگرو قدرغيب حڪيم
جي تم ٻوجها ايڪ هي ايڪو رام رحيم

صاحب ايڪو سڀ ۾ ايڪو رام رحيم
ووهي رام رحيم هي ووهي قرب ڪريم
ووهي صاف زلال هي ووهي سرت سليم
ووهي جبر جلال هي ووهي حال حليم
ووهي ستگر هي سمنون مندر مانه
ستگر همرو سبد هي سمر سمر سڪ تانه
ستگر بيد پران هي من منه تريو ٿانه
واهه گروجي سچا ستگر
اِڏر اُڏر هويا رهبر

❊

ستگر الکون الک هي انت نہ پايو جائي
روم روم ۾ وهه رچا گهٽ گهٽ رهيو سماءُ
ايڪو. ايڪ وڪاٽي دوجها نهين بتائي
دوجها جس نر جانيا تس نر ٻڏا نياڳ
جو نر موهيا موهه ۾ سو نر ڪرت قزاق
نانڪ پريم اداس هي چاون برهه بيراڳ
سنگت سيوا تهل ۾ ستگرو سهاڳ
سانچي ساک سچا گرو تن من ڏيجي تياڳ
تڏهن سڏر سڏار هي جڏهن اڪ سهاڳ
نانڪ ڪؤن سهاگني ستگر ڪي دربار
پٽر روتي خوف ۾ صاحب ڪي سرڪار
وزج جهل جهلڪ هي دم دم درد ڏڪار
واهه گرو سري سر هي سر بولي گفتار
هر گن ڪهتا غيب مون گرو جبار ستار
بن گر سڌريا ڪوئي نہ ديکا ڪي جو پير فقير
بن گر سانچي سانچ نہ پائي عقل نهين تدبير
گرسانچا سروهہ ڪهو جو هوي سانچي سير

سانچا سوداگر ديو دا پيو پريمين ڪير
نانڪ رک دونين ۾ نريو ويک نظير
دونينان يڪ عين هي عينؤن عين امير
دونينان يڪ نور هي دوني دوني چار
چار لگي ايڪ رنگ پيا ايڪو سبد سرير
نانڪ پنجتن پوتو نينڪ عين علي
هر چارو ۾ غيب کلي غيبئون غيب کلي
آتا جاتا غيب ۾ ديکي ڪؤن کلي
نانڪ پيالا پريم ڪا برابر ني ڪوئي
رس چکي جس پريم ڪي تس نرهوري هوئي
واهه گروجي سچا ستگر
اِڏر اُڏر هويا رهبر

❊

نانڪ پيالا پريم ڪا سيئا ميٺ
بيان بيان مئن ڪيا هوں ڏٺا نينئؤں ڏيٺ
يوسف ياري يار ڪي بيرنگ تارؤں تار
جس لاگي سو جانتا اوران ڪي هي پچار
نانڪ لوگ اگياتيا بهر ڦرتا اندر گام
مانه ڪروڌ هوا نفساني رمتا تس مشام
جس نر پريم نه پئي ڪا سو نر ٠لوپي دام
ڪام ڪروڌ تياڳ تن هي پريو ڪا پيام
پريو ملهين پيٺ ۾ دمدم بولو رام
نانڪ چرن ڏيا وٽي يوسف گر سترام
واهه گروجي سچا ستگر
اِڏر اُڏر هويا رهبر

❊

پنڊت گرنٿ ڪتيب بيان گنگا جمنا مڙهيون مڪان
پوٿيون گنگا ويد پران ڪاشي دوارا ٺاڪر ٿان
پوڄڻ آتش ۽ بتخان پاڻي سورج ۽ چنڊ يان
عشق الله ريءَ عقل ڏيان ڪوڙا ڪوڙن ڪوڙ گيان
نانڪ يوسف يار يگان هيئن فرمايو مرشد شان
درد بنا ٻيو ڪوڙ پسارو
واهه گروجي پرت پيارو

❊

ڳالهه برهه جي مجي نه ڪوئي، هئه هئه هينئڙي حيرت هوئي
عشق بنا جڳ وچي پلوئي، ڪنهن ڪي حال ڄوان هي روئي
نانڪ يوسف يار يگان، هيئن فرمايو مرشد شان
درد بنا ٻيو ڪوڙ پسارو
واهه گروجي سچو سوپارو

❊

ڪاڻ دنيا جي وتن ديوانا ٻانيڻ قاضي ۽ ملوانا
سيوڪ سامي شيخ شهانا عالم عاقل علم خوانا
درد بنا ٻيا ڪوڙا ٻهانا دنيا ڏوتي مڪر مڪانا
نانڪ يوسف يار يگانا هيئن فرمايو مرشد شان
درد بنا ٻيو ڪوڙ پسارو
ستگر سچو سچ اشارو

❊

جوڳي يوڳي ڪي ڪن چير، پرک مهابير دنيائي مير
دانشمند فقير امير، راجا پرجا شاهه وزير
هن ڪلجڳ جا بزرگ پير، محض دنيا لئي حال حقير

دانهه دل جا پر تدبير، علم عقل جا ڪن نظير
نانڪ يوسف يار يگان، هينئن فرمايو مرشد شان
درد بنا پيو ڪوڙ پسارو
واهه گروجي سچو سونهارو

❊

دم دي نال رکين ڀهون ياري، هردم دي رک خبرداري
مطلب دي ڳالهه سڻ تون ساري، عشق الله بن رين انڌاري
اي دم سر ارواح الله دا، اي دم نور نگاهه الله دا
اي دم خالي مول نه ڇوڙين، آپ اهين دريا وچ ٻوڙين
ٻڏڪي ٻچي عين اگهوڙين، سدا عيش الاهي لوڙين
يوسف لڳڙا عشق ربانه، جنهن دا زور دريا يگانا

❊

اهين دم دي هن زور پساري، جيڪو پڪڙي تنهن ڪون تاري
ماري اناالحق دي نعري، توڙ دنيا دي تڳي ساري
يوسف لڳڙا عشق ربانا
جنهن دا زور دريا يگانا

❊

ٻاجهون دم سچاڻ پائي، مرشد ڳالهه اها فرمائي
پڙهيا علم تي پرجهه نه آئي، اس دي ڳئي سڀ عمر اجائي
پڙهه فرقان ڇا ختم ڪريندي، مويان جينديان ڪون بخشيندي
رمز رباني نهين سمجهيندي، راهه برهه ۾ قدم نه ڌريندي
جٽ ڦٽ تنهن دي جيوڻ تي، لعنت ڪاوڙ پيوڻ تي
زال زن ٻچي ٻال اتي، ٻيا وت اهندي حال اتي
يوسف لڳڙا عشق ربانا
جنهن دا زور دريا يگانا.

❊

سڙا بزرگ پير سڏاوڻ، فتنايان دي بار اناوڻ
عشقي ٻاجهون ڪوڙ ڪماون، اي سڀ چائي منهن وچ پاوڻ
بزرگ پير ٿيوڻ جڙ آپي، ڪوڙا ان دي نت، ڪرندي ڪاپي
ايوين نہ حق دا راهہ سڃاپي، ڪٿ آون گهر تڏهان ڄاپي
هادي ڏتا اي تسلا، ڪاذب دا اصلوئن منهن ڪالا
يوسف لڳڙا عشق ربانا
جنهن دا زور دريا يگانا

❊

# ضميما

ضميمو - ا

ڊاڪٽر مخمور بخاري

# نانڪ يوسف جو ڪلام ۽ واڌارو

حضرت سچل سرمست جي ڪلام جي سهيڙ جو ڪم 1883ع ۾ شروع ٿيو اول ۾ سيد فاضل علي شاهه پنهنجي ترتيب ڏنل ڪافين جي ڪتاب ۾ سائين جون ڇائيتاليهه سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون گڏ ڪيون جنهن کان پوءِ سچل سائين جي ڪلام جو هڪ وڏو ذخيرو 1902ع ۾ مرزا علي قلي بيگ جي وڏي جاکوڙ ۽ محنت سان پڌرو ٿيو. اهڙي ريت اهو سلسلو جُڙيو ۽ آغا صوفي، ماستر هيمراج، نماڻي فقير، عثمان علي انصاري ۽ مولانا صادق راڻيپوري سائين جو ڪلام سهيڙي شايع ڪيو آهي. ساڳي وقت درازي شاهه جي حلقي ۾ رهندڙ سنڌس طالب توڙي بالڪا پڻ شاعر هئا، جن جي ڪلام جي سهيڙ ۽ سوڌ سنوار جو به ڪم ٿيندو رهيو آهي ان حوالي سان ڊاڪٽر نواز علي شوق ڀهريون ڀيرو قلم کنيو ۽ 'سچل سرمست جا طالب' نالي سان ڪتاب پڌرو ٿيو جنهن ۾ گهرام فقير، سيد خير شاهه ۽ ٻين جي زندگين جي احوال سان گڏوگڏ سندن اڻڇپيل ڪلام پڻ هٿ ڪري ان ۾ شامل ڪيو ته ان ئي سلسلي کي قائم رکندي سنڌي ٻولي جي نامياري شاعر، محقق ۽ اديب ڊاڪٽر تنوير عباسي، سچل سائين جي پياري طالب نانڪ يوسف جو سنڌي، سرائڪي، ريختہ ۽ هندي ڪلام سوڌي سنواري 1983ع ۾ شايع ڪرايو .جنهن ۾ فقير صاحب جي سوانح عمري به لکي وئي. درحقيقت نانڪ فقير متعلق سڀ کان پهريون احوال ميان محمد موسي وله

محمد عثمان سومري جمع ڪيو جيڪو هن فقير جي خليفي عبدالله بروهي ڪان حاصل ڪيو. ان ئي مواد کي بنياد بڻائي اڳتي مختلف اديبن نانڪ يوسف جي زندگي بابت لکيو آهي، ائين ڪٿي ڇڄجي ته پوءِ جا لکندڙ ان احوال کان ٻاهر نه نڪري سگهيا آهن. جڏهن ته ان ۾ اجا به تشنگي جو احساس ٿئي ٿو خاص طور سندس خانداني پس منظر کان وٺندي هندستان جي مختلف علائقن جي سير، سفر ۽ سندس طالبن ۽ مريدن بابت لکڻ جي گنجائش موجود آهي.

نانڪ يوسف جو ڪلام پهريون ڀيرو ڊاڪٽر تنوير عباسي پيش ڪيو هي ذخيرو جهجهو آهي. ان کان پهرئين مختلف ڪتابن ۾ جزوي احوال يا ڪجهه مضمون يقيناً شايع ٿيا. ڊاڪٽر تنوير عباسي جو ڪم مان لهڻي، هن صاحب هڪ ته فقير صاحب جو ڪلام گڏ ڪيو ۽ پوءِ ان کي درست ترتيب ڏيڻ سان گڏ مختلف بيانن مان پيٽي درست پڙهڻيون به مقرر ڪيون. ان ڪم کان پوءِ نانڪ يوسف بابت وڏيڪ جيٺمل پرسرام گلراجاڻي جو ڪتاب 'نانڪ يوسف' سندس وفات کان گهڻو پوءِ سنه 1990ع ۾ هندستان ۾ پڌرو ٿيو. جيٺمل پنهنجي هن ڪتاب ۾ فقير صاحب جي زندگي جو احوال آڻڻ کان پوءِ ان جي شعر کي جدا جدا عنوانن ۾ ورڇي پيش ڪيو آهي جيڪو فقير جي فڪر کي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ڪري ٿو.

سندن ڪتابن کان سواءِ ڪو خاص ڪم ڇاپي هيٺ نه آيو آهي، جڏهن ته فقير صاحب جو ڪلام سندس ئي حياتي ۾ ڏاڍو مقبول هو ۽ سهيڙ هيٺ به آيو. اسان کي شير محمد فاروقي جو ترتيب ڏنل هڪ قديم بياض ڏسڻ ۾ آيو. جنهن ۾ سچل سائين ۽ ان جي طالب نانڪ يوسف جو ئي ڪلام موجود آهي. هي بياض سرمست سائين جي رحلت 1242هه/1827ع کان ٽي سال پوءِ يعني 1245هه/1830ع ڌاري نانڪ يوسف جي حياتي ۾ لکيو ويو. پر افسوس جو گهڻو ضعيف هئڻ سبب اج تائين ان مان ڪنهن به عالم

۽ اديب استفادو نہ ڪيو آهي، خود ڊاڪٽر تنوير بہ پنهنجي ڪم جي ترتيب ۽ تحقيق ۾ ان بابت اڻچاڻ نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر تنوير عباسي وڏي عرق ريزي سان نانڪ يوسف جو ڪلام ترتيب ڏنو پر جيئن تحقيق ۾ ڪابہ شيءِ آخري ثابت نہ ٿيندي آهي، اهڙي طرح سنڌ جي هڪ ٻئي ڏاهي ۽ محقق محمد پنهل ڏهر پنهنجي تحقيق پيش ڪندي رسالي ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويل پنج سنڌي ۽ يارهن سرائڪي ڪافيون مختلف بياضن مان هٿ ڪري مضمون جي صورت ۾ شايع ڪرايون. ان کان سواءِ شايع ٿيل ڪلام ۾ ترتيب جي بہ اوڻاين ڏانهن اشارو ڪيو.

## ترتيب جون اوڻايون:

ڊاڪٽر تنوير عباسي، فقير جي ڪلام کي وڏي ڌيان سان ترتيب هيٺ آندو آهي، پر باوجود ان جي ڇاپي ڪلام ۾ ڪي اوڻايون ترتيب جون ٿيون ڏسجن تہ ڪي پروفن جون. مثال طور اڳين ڇاپي جي سرائڪي ڪافين واري حصي ۾ اناويهہ ريختہ يعني هندي ڪافيون آيل آهن. جڏهن تہ هڪ ريختہ ڪافي ”گهنڊ کول مک درسن وکا.....“ سرائڪي ڪافين ۾ بہ شامل آهي تہ ريختي ڪلام ۾ بہ آيل آهي. ان کان سواءِ نانڪ يوسف جي هٿ آيل هڪ بلوچي ڪافي، ريختي ڪلام جي ڇيڙ ۾ ڏني وئي آهي. جنهن کي بلوچي ڪافي، جو عنوان سان جدا اچڻ گهربو هو. هن ٻئي ڇاپي ۾ فقط ايترو ڪيو ويو آهي انهن ريختي ڪافين جي هيٺان نشاندهي لاءِ حاشيو ڏنو ويو آهي، بہ دفعا آيل ڪافي هڪ جاءِ تان هٽائي وئي آهي ۽ جڏهن تہ بلوچي ڪافي کي جدا عنوان هيٺ ريختي ڪلام کان پوءِ رکيو ويو آهي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي جڏهن نانڪ يوسف جو ڪلام ترتيب ڏنو تہ سندس سامهون فقير جي ڪلام جا اٺ قلمي نسخا رهيا، پر موجوده تحقيق دوران اسان کي ان کان سواءِ ڪجهہ ٻيا بہ قلمي نسخا هٿ آيا، جن ۾ فقير

صاحب جو اهڙو ڪلام بہ موجود آهي، جيڪو نہ تہ ڪو اڳ رسالي ۾ شامل آهي ۽ نہ ئي ڪٿي شايع ٿيو آهي. اهڙي قلمي ذخيري جو تعارف هت يقيناً اجائي ڊيگهہ نہ ٿيندي.

## نانڪ يوسف جي ڪلام جو قلمي نسخو:

ڊاڪٽر نواز علي شوق وٽان مليل هن نسخي ۾ فقط نانڪ يوسف جو ئي ڪلام گڏ ٿيل آهي، جنهن ۾ سنڌي، سرائڪي بيت، ڏوهيڙا، ڪافيون، ريختي ۽ هندي ڪلام ۽ سنڌي ۾ مداح ۽ منقبت بہ موجود آهي. هن نسخي ۾ فقير صاحب جو جهجهو ڪلام ڏسجي ٿو. هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل ضميمي طور نانڪ يوسف جو ڪلام گهڻي ڀاڱي هن ئي نسخي تان ورتو ويو آهي. نسخي ۾ شامل مدح "محي الدين ميران تون هين دستگيران" اڳ ئي نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ سنڌي ڪافين ۾ آيل آهي.

هن نسخي ۾ ڪن جاين تي خادم حسين عباسي جو نالو يا 1960ع جو سنہ لکيل آهي، جنهن مان ڪا ثابتي نٿي ملي تہ هي اتارو محترم خادم عباسي جو سنہ 1960ع جو ڪيل آهي. جيڪڏهن هي نسخو 1960ع ۾ ڪنهن ٻئي نسخي تان اتاريل آهي تہ پوءِ ڇو نہ ڊاڪٽر تنوير هن مان استفادو ڪيو ۽ هن ۾ موجود ڪلام ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ کان ڇو رهجي ويو؟ گمان غالب آهي تہ هي نسخو ڊاڪٽر صاحب جي نگاهن تائين نہ پهتو تنهنڪري ئي ڪجهہ ڪلام شايع ٿيڻ کان رهجي ويو. هي نسخو شايد فقير نانڪ جي مريد ۽ شاعر فقير غلام حيدر گودڙي يا ان جي خاندان مان ڪنهن فرد جي گڏ ڪيل نانڪ يوسف جي ڪلام جي نسخي تان اُتاريل آهي.

## سيد عطا حسين شاهہ موسوي جو گڏ ڪيل نانڪ يوسف جي ڪافين جو ذخيرو:

سنڌ جي نامور تعليمدان، اديب ۽ محقق سيد عطا حسين شاهہ موسوي، نانڪ يوسف جي ڪلام کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ورتي. سندن

لائق پوٽي محقق ۽ اديب انجنيئر سيد عبدالحسين شاهہ موسوي وٽان سائين جي گڏ ڪيل ڪافين جا رهجي ويل انهن صفحا مليا جن جي هرهڪ صفحي تي هڪ ڪافي اُتاريل آهي. جيڪي پنجونجاهہ صفحي نمبر کان شروع ٿي هڪ سؤ ڇويهہ (126) تائين پهچن ٿا. شروعات ۾ پڇاڙ وارا باقي صفحا غائب آهن. هن ذخيري مان هڪ ريختي ڪلام اهڙو مليو جيڪو اڳ ڪتاب ۾ شامل ناهي.

## محمد پنهل ڏهر جي تحقيق:

هن تحقيق ۾ ٽن قلمي بياضن ۽ هڪ ڇاپي ڪتاب مان استفادو ڪندي پنهل ڏهر ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويل پنج سنڌي ۽ يارنهن سرائڪي ڪافيون منظر تي آنديون. ڏهر صاحب جن نسخن تان استفادو ڪيو آهي اهي هي آهن:

(1) قلمي بياض، مرتب: قمرالدين ڪلوڙ شهيد (مريد درگاهہ پيرچونڊي شريف لڳ ڏهرڪي)

(2) درگاهہ پير چونڊي شريف تي رکيل ڪافين جو قديم بياض

(3) قلمي بياض، مرتب: عالم سيده خاتون (مريدياڻي درگاهہ راشديہ پيير ڳوٺ).

(4) ڪافيون (جلد پهريون)، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، 1982ع

هن سموري ذخيري ۾ موجود ڪافين ۽ بيتن توڙي ڏوهيڙن کي ڇاپي ڪلام سان ڀيٽيو ويو. ڪٿي ڪٿي پڙهيون بہ مختلف هيون. پر فاضل محقق جي تحقيق کي مان ڏيندي انهن پڙهڻين کي ساڳي ريت رهڻ ڏنو ويو آهي. البتہ جيڪو نئون ڪلام هٿ آيو ۽ فقير صاحب جو ئي لڳو ان کي محفوظ ڪرڻ خاطر ۽ گهٽي کان گهٽو ڪلام شايع ٿيڻ جي خيال کان ان کي هن نئين ڇاپي ۾ ضميمي طور محفوظ ڪيو ويو آهي، جنهن سان هڪ

تہ فقير جو ڪجھ وڌيڪ ڪلام شايع ٿيندو تہ ساڳي وقت فاضل محقق ڊاڪٽر تنوير عباسي جي ترتيب جيئن جو تيئن قائم رهندي.

**ضميمي ۾ آيل ڪلام:**

نانڪ يوسف جي ڪلام جي هن نئين ڇاپي ۾ شامل مواد ۾ سنڌي بيت، سرائڪي ڏوهيڙا، سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون، ريختي ۽ هندي ڪلام ۽ هڪ سنڌي ۾ منقبت شامل ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ ضميمي تئين ۾ فقير محمد موسيٰ سومري جي لکيل نانڪ يوسف جي سوانح عمري (جيڪا محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ترتيب ڏئي ان ۾ جدا جدا عنوان قائم ڪري، سنڌالاجي طرفان شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل 'علمي آئينو۔ 1973ع' ۾ شايع ڪئي) کي نانڪ يوسف جي متعلق هڪ تاريخي دستاويز سمجهي شامل ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ فقير صاحب جي زندگي بابت هي ئي پهريون دستاويز آهي جنهن تان سين لکندڙ استفادو ڪيو آهي.

نانڪ يوسف، سچل سائين جي خاص طالبن مان هو هن جي طبيعت ۾ فقرائي رنگ اڳ بہ موجود هو، پر سرمست سائين جي حضور ۾ رهندي سندس طبيعت ۾ وڏو نکار آيو منجهس بي باڪي جهڙا جذبا اُڀريا. هن پنهنجي ڪلام ۾ درازي شاھہ سان بي پناھہ محبت جو اظهار ڪيو آهي، نانڪ جو ڪلام ائين تہ رندي رنگ ۾ پوري طرح سان رنگيل آهي پر جيڪا رواني، سلاست ۽ ترنم سندس ڪلام مان جهلڪا ڏئي رهي آهي ان مان اهو ڇنو ٿي بيهي ٿو تہ فقير صاحب موسيقي جو وڏو ڄاڻو هو. هو پاڻ ڳائيندو بہ هو، سندس ڪلام ۾ بي معنيٰ لفظ بہ ترنم پيدا ڪندي اهڙو تہ رس پريو ٿا ڇڏين جو هڪدم سان انهن کي جهونگارجي ٿو:

ٿاٿا عشق نچايا ڪرڪي ٿيان ٿيان
الٿيان سلٿيان بازيان ڏيندا

مشڪل سمجھڻ پيان.

- ڏِنڪت ڏِنڪت سناوي، پريم موري بابو
ڏِنڪت سناوي، گيت گاوي، هينئڙو ياوي
- برست برست لرجت گرجت گھن گھاري
جھنڪت جھنڪت ڏنڪت ڦنڪت ڦن ڦنڪاري

نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ ان کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي خوبيون موجود آهن جن تي تفصيل سان لکڻ جي گنجائش موجود آهي، ته ساڳي وقت سندس ڪلام جي قلمي نسخن جي ڳولا ۽ سوانح جي رهيل پهلوئن بابت لکڻ جي به بيحد ضرورت آهي، ته جيئن درازي شاهه جي سلسلي جي هن معتبر شاعر بابت اجان به وڌيڪ معلومات ۽ سندس ڪلام پڙهندڙن تائين پهچي سگهي.

ميان مسڪينن ڏي، مهرون وري واجهاءِ،
اڳڻ آسروند جي، قدم مبارڪ پاءِ،
سندا محبت مينهڙا، وري تون وساءِ،
دلبر ساڻ دل لاءِ، يوسف يار غريب تون.

# ضميمو_2

# نانڪ يوسف جو نئون ڪلام

## سنڌي بيت

1. صاحب ستاريءَ جو تو ريءَ ڪير پيو
ڏڏن ڏوهارن تي، ڏانهه دست ڏيو
يوسف عرض اهو هجي هميشہ عشق اوهان جو.

2. پرين پاڄاڻي ڏيہ وات وري نهار
قول ڪيا جي ڪالهہ تو سي سڄڻ ساءِ پاڙ
نافع ساڻ نگاهہ جي، اکيون دل اجار
هادي سات سنيار يوسف عرض نماڻي.

3. سورما ساڌ سيئي سچا، جن مڃيو محمدؐ مير.
اهي مرد لوڪ ۾، ڪليو پيئن ڪير.
عشق سنڌي اسرار ۾، تون رکج ساهہ سڌير.
ڪوڙا ڪهندا ڪي ويا، نيڻن وهائي نير.
هِت نہ هُت ڪا هلي، ڪنهن جو شاهہ وزير.
رکندو پت فقير، يوسف هن سڪ سنڌي

---

بيت نمبر 1 کان 10 تائين ورتل "نانڪ يوسف جي ڪلام جو قلمي نسخو".

4. سڏائڻ ڏيهي ڪي، ايءَ وڙ ارغون،
گرمڪ اپن اپاريو ہي چوڻ آئين بيچون،
ماري جيارن جيءَ ڪي، سڻ معشوقن قانون،
ڪوري ڪڍ قلوب مان، ڪفر سندو ڪتيون،
سي مرد هوندا ممون جي، يوسف يڪدم يارسين.

5. سندي ساڌ سنگت مؤن، سڻ چيلا هيءَ بات،
دم اورج عجيب سان، سنجھ صبح پرڀات،
پسڻ ۾ جيڪي پيِن، غير نہ تي رب ذات،
سٽج حق حبيب تون، لات منجھؤن لک لات،
برهو غيب الله جو هيءَ نہ وائي وات،
پوَ ۾ پيڙ نہ پسندڙا، جن سسيون ڪيون سوغات،
معافي ڪيائون مهر مؤن، مهمؤن مشڪلات،
پلن پلايون ڪري، نور ڏنائون ڏات،
جهات پرينءَ جي جهات، يوسف دل حضور ۾.

6. اصل عشق الله جو، عاشق آءِ اکت،
امل الپ وکڙيون، بنا سُر اُشت،
ڪڏهين رهين ڪونہ ڪو، چاڻ بنا ڪو چت،
جنهن کي سرت نہ ساهہ جي، سر آءِ لعنتي لٺ،
وسر وري ويندين وير ۾، ناٿ ڪرين جو نٿ،
اگهين اُسهنج سير سان، ڳالهہ ڳجهي ڳٺ ڳٺ،
خلق الاشياءَ وَهُو عنيها، چوچڪ چنڪو چٽ،
غير چڏيائون ڪونہ ڪو، چڙيون شاهہ ڪٽ،
خارجي خراب ٿيا رافض شوم چپٽ،
منڪر دين حقيقي جو ڪونہ رهيو ڪٽ ڪٽ.

وٽ تون عشق الله جو جهوڙ ڦنو ڪر جهٽ،
ور ور ڳالهه انهيءَ جو ويڙهي ٿل ۾ وٽ،
زمين آسمان غيب ۾ چاجي ڳولين ڏٽ،
ليڪن ليڪو ناهه ڪو ڪاهيون جل ٿل پٽ،
پنهنجو پرجهڻ پاڻ ۾ چائو ڙين ڪنهن تي ٿُٽ،
اتي گهير اٽانگو گهٽ، نانڪ يوسف يار جو.

7. پاڻ چڏي آيو پاڻ ڪوُن، رک پيير پراهون پاڻ،
ناچج آڻ اٽين ۾ پرکو جا آئي آڻ،
پائي پيرم پلي وجي، ايءَ نہ وڃ تون تاڻ،
گهائي گهوٽ چلي جلي، تئي وس وتاڻ،
ڪاسٽي پنهنجي پاڻ ڪي، ٿو ڪين وجهين دل واڻ،
ماڻ چڏي هيءَ ماڻ، ٿيا يوسف گم يار ۾.

8. وير ورائي شهه سير ۾ پيو هيڏانهن جهولن جهڳ،
شاهه وچين شهه سير ۾ هي لعل لِڪوئي لڪ،
نانڪ يوسف ننگ، نندبون نيڻن ائين پرين.

9. تنهن کي سلڻ چا ڪري، وچاڻ وهه جو دور،
ماريون من موهه ڳيون، مادر ناهي مور،
گهوران عشق اوير جون، دل جنين سي گهور،
هتئي پورن پور، نانڪ يوسف يار ريءَ.

10. عشق اوڪاڙ جي ٿئي، تا آءَ مڙيئي اجهه،
ڪنهن منهن مائي ڪنهن کي، آب انهيءَ جو رجهه،
لڙ جهڙ لهريون ڪيتريون، وجهون مانگر منجهه،
ڦڦڙ ڦڙڪن توڏهين، ڳجهه گهٽين تان ڳجهه،

برِيم ننگر جي پاڳ نہ سمجهن، جهين ٿيو نجهہ،
ناهي سڏارو عشق الله ريءَ، هادي هي تان بجهہ
نانڪ يوسف سچ، لوڙهي غير فنا ڪيو

## سنڌي ڪافيون

### ڪافي1*

ڏوراپن ڪئون ڏکي ٿيو ڏيل منهنجو، سانگيئڙن سان سر ٽيون نيبه نبهڙو نيان

ڪو دم قسمت جو آنءَ هتڙي گهاريان، ارتون ان لئہ عينن مؤن ٿي آب هاريان
پنهوارن سان اصلؤن منهنجو حال هنيان عمر مون دل ناهي ڪوئي اختيار پنهنجو

اباڻن سان اديون منهنجي رهجي اچي، جو پل پتلي پريتئون هي ناچ نچي
ننگ نباهيو مٺي مرشد ميان، ريءَ هاديءَ ناهي ٻيلي ڪو منهنجو

عشق انهيءَ جي اندر ۾ اڏيڙ ڪيا، فوجان حسن محبت ميڙ ڪيا
پٽ پيرون چونديان سندن سام جيان، ڪنهن کي ڪنهنجو تڪيو مون کي توڙون تنهنجو

دعا ڪريو ويڙهيچن جي ويڙهہ وهون، پکڙا پکن سان ٻيلن ٻاس ٻهون
نانڪ يوسف ياري شرب پيان، سچو سر اسرار آن پاڻ پنهنجو.

### ڪافي 2

منجهہ عشق دل الله آيو جل جلا جلاَ، آدم نبي محمدؐ ۾ الولا وَلا

ڪيڏي تو برهہ بازي، لڪ چپ ۾ عجب غازي
دم وٺ وسار نامي، سڻ سمجهہ پلا پلا

---

ڪافي 1 ـ ڪان 8 ورتل (نانڪ يوسف جي ڪلام قلمي نسخي) تان

هينئڙي هميشه زاري، پرين جي پيش ساري
گم هي بندي بيڪاري، الا الله آلا آلا

مون منديءَ جون تارون، پيارن ڪشي پيارون
جن ڪربلا پوڪاريون، جڳ، جر جلاَ جلاَ

پهري تو پوش اهڙا، منصور شمس جهڙا
کهڙا ڪريان مون ڪهڙا، حق نور حلا حلا

وڄ پاند اسين ناهيون، يوسف يتيم چاهيون
دل برهه پيڙ باهيون، دم جل پلا ڪلا پلا

## ڪافي 3

سچو يار تون سچار، سندو سچ نگاهون
پاجائي سوپاٽئون، سندو سچ نگاهون

گولن جي آهيان گولي، رچڙي باندر پرلي
ساري سندين آهي جهولي، قسم ڪماهون

عيبن سندي سا ڳولا، نامي خداءِ مولا
پرين پهوڙ ڪج نه قولا پنهنجي مهر مناهون

ڪنبي ٿي هيءَ مون ڪايا، جڳ جو ڏنوسي مايا
هاديءَ ڏهرن هلايا، سڻ درد جون آهون

نانڪ نگاهه ساري، دراز دل بهاري
يوسف سچار ياري، مرشد ڏيو پناهون.

## ڪافي 4

هتي ڪين هوندو، هميشہ ڪرڻ تو جڳائي هنيارو پڪارو

ڪاڏي ڏيان ڏوتيءَ پلائيہ پرم ۾، هي سمجهڻ عاشقن اشارو هيڪارو
ٿبي درد ۾ هٽي سير ڪر تون، مني ماهہ مرشد نظارو پيارو
پرين پاڻ ٿيندا همت حال هيٺن، سچو ساڏو ويسهہ خدارو سڏارو
موتو قبل انت موتو هزاري، جيئڻ هيءَ حياتيءَ جنجارو، مونجهارو
سچي يار يوسف سٽج صادقن کي، سدا درد دلبر ديدارو بتارو.

## ڪافي 5

بيلي الله تنهنجو تنهنجو الله، سڻ عشاق پِنا پاڪ توسين ماڙ مولا

پانڌي پرينءَ جا عرض الله لڳ هي، درد پور دل ۾ گهور اندر جوش جرجلا
آءَ نماٽي ناڪس نڌري ميان، احوال هي انهن ڪاڻ واءِ ويلا
ڪاهل دل نہ ڪر تون عاشق ميان، توسير شاهہ حق نگاهہ پلي پال پلا
توسين سجڻ سچا واعدا ميان، اقرار اندر تار عشق هل هلا
نيٽن يوسف وي زاريون وي زاريون، چٽج يار لک هزار مون ڄاٽان نہ الولا.

## ڪافي 6

جوڳن جي اچي مدد ٿيندين، اڙين جي آڌار قلندر مست علي شهباز

شاهہ حسن جي درسن ڪارڻ، حورون ٿيون حيران
مَلڪ فلڪ سڀ حيرت، ۾ تنهنجي قلنگيءَ تار قلندر.

چمڪن چيريون، وجن پيڙيون، عرش فرش آواز
ڳل ۾ ڳانا دست نفيلان، نانگا ٿيا نروار قلندر

نيٽن اتي نور پلتيو جواهر جو جنسار
قبو تہ تنهنجو قيمت پريو لُڏي هندوري لعل قلندر

پير پيغمبر نبي سونهارا سين سيدن سردار
مچ تون آهون يوسف جون تون مالڪ آن مختيار قلندر

## ڪافي 7

چاهي غلام ويچاري مون ڪي اوڏنهن جي آهي تاري
مون ڪي اوڏنهن جي اتاري

سسئي ننڍي سور پرايا، ٻاروتن ۾ ٻاري
لوڙهي چڏيائون درياءَ ۾، رئندي زارو زاري

هوت بلوچ مهمان سسئي دي، ڪوڙڪيچين جي ماري
سهٽي ويندي هئي نت ميهر ڏي، جنهن روز رکي هئي ياري

سڪ منجهان سرڪي پيتائين، پُرُ ڪري پاري
ڊني ڪين درياءَ ڪان، سڪ ميهر جي ماري

صيفل عاشق بديع ڪارڻ، بحرن ۾ تيو ٻاري
تيو ويراڳي پريءَ خاطر، چڏيائين تخت هزاري

اڄُم اميد الله ۾، ميلو ڪندو هڪواري
سارڻ يوسف جي سهٽا سائين، لائين رنگ الاهي

ذات بذات چوڙ ڪراهڻ عبدون عبدو ڪايئي
وچ مصر دي آءَ زليخان جنهن باهہ برهہ دي ٻاري

## ڪافي 8

مرشد ميان توکي الله آڻيندو، محبوب منا توکي مولا ميڙيندو.

ناءِ خدا جي سپرين سڻ فرياد نماڻن جي
لعلڻ آهي لڄ تو گهٽي، اصل ڪئون اڻ ڄاڻن جي.

رهبر تنهنجي راهه تي ڪوڙين ڪانگ اڏايان ٿي
جوتشي ٻانيڻ ورنيا، تو لئه پير پڇايان ٿي

بيڪس جي ڪانڌ ڪا، تو ريءَ واهر واهه پرين
تن من ايڏانهين تانگهه مون، سچي سڪ ارواح پرين

پرين تون قولَ نه ڦورا، عيب ثواب يتيمن جا
ڪچا ڪرت نه ڪو حساب گنهگار غريبن جا

اصل ڪئون آن سرپوش تون، صاحب مهر ستاريءَ جو
بخشيندو بدڪارين، سندو اسم غفاريءَ جو.

## سنڌي ڪافيون

(9)*

شاهه تان ڪنهن شوق پئي آيو آهي انسان ۾،
سوءَ سوءَ تماشا ٿو ڪري، عينن سندي عنوان ۾.

عاشق هيو معشوق ٿيو خمار ۾،
آهي ڪيو هوجاءِ ڏسي پائي ليو مست آهي ميخان ۾

ڪافي 9-10-11 قمرالدين ڪلوڙ شهيد جو بياض

سور سهڙيون سوز جون گنگا جمنا چو پچن،
ڪڏهن مڙهن ۾ مست. هو ڪڏهن ڪتاب قرآن ۾.

ڪڏهن گداگر شاهه ٿيو. ڪاتي صُلح صلاح ٿيو
ڪاتي سورهه سپاهه ٿيو.....................................

هي سدا ٿئي سردار جو جو يوسف يگانہ يار جو
هڻ طبل اسرار جو محبت سندي ميدان ۾.

( 10 )

آگ عاشقن جو مرگ، سي مرجان جولان ۾.

شمع ٻاري شوقئون هليا، هڪ ترِ نہ پاسي پوءِ پون،
هڪ دم ۾ اچي حاضر ٿين، توڙي هجن آسمان ۾.
عاشق ٻڪرا ٿيا وتن، هردم انهيءَ جاءِ تي اچن،
توڙئون طمع اُهي نہ رکن، توڙي هجن تہ جهان ۾.

دک درد سڀ دور ٿيو، رنگ ريب جو رايو ٿيو،
يوسف يقينئون آئيو سائين برهہ جي بوستان ۾.

( 11 )

جيها آيا ويا تيها، رهن مسافر رو جڳ ۾ جوڳيئڙا.

مال متاع ووميان، خرچ خزانا ووڪاپڙن سندا ڪيها.
وينا اورن عام ڪون اولي وو اهي سامن سندا سيها.
نانڪ يوسف وو يار جي، پارؤن وو آيا ڪي سوز سنيها.

( 12 )*

ماڙين ۾ ماندي، ڪڍ باندي، عمر ملان شال مارن سان.

منهنجا مِٽ ملير ۾، ساريان سي سانگي،
ڪڍ بنديانٽي بند مؤن، ايرادي هي آندي،

* ڪافي 12 ـ 13 درگاهہ راشديہ پير ڳوٺ وارو قلمي بياض.

منهنجو مڙهه ملير ۾، مارو تيندم ٿل ڪانڊي
جيڏين لئي يوسف چئي، روز پچان ٿي پانڊي

( 13 )

آءُ غلام هادي جي در جو اصلئون آهيان.

جان جُسو جند آهي انهن جي، آءُ ليکي ناهيان.
هي سر هڪڙو صدقي ڪيڙم، هُون سَوَ سنباهيان.
پچر آءُ وو پير مغان جي، حرف نہ هڪڙو ناهيان.
هادي مون سان هڪ وجي ٿو نہ بي ڪنهن ڪاهيان.
يوسف کي سڪ سچي تنهنجي، توڙي سِر وهن سر واهيان.

# منقبت بحضور مرشد هادي*

1 ـ الله لڳ فرياد سڻ يار دوست دَرِ دراز جا،
آهيو واقف اوهين اسرار ربي راز جا
يا منا محبوب مرشد مدد ڪر واهر وري
تون مشڪل ڪشا عرض سڻ اياز جا
چٽ تون سر چئن يارن پنجتن پاڪ خدا،
بيڪس بهرا ڏيو ڏنهن ڪرم نور نواز جا،
جهڙا تهڙا سندو صادق سچا ڪاذب ڪڏن
پير پنهنجا نہ ڇڏين سگ جي درواز جا
ڪير ڪو بيو ريءَ اوهان جي بخش تقصيران ڪري،
آهيو مختار ڪل فلڪ ملڪ چؤباز جا
ميم هو يس، مزمل، گل محمد، يا قبول،
تون سخي صاحب شجاع حق فيض يڪ فياض جا
ساڳي تون صورت غوث جي هادي حقيقت ۾ احد
ساجد سيئي سندو پسون پر پکيڙا پرواز جا
جن انسان ديوَ پريون سڀ ڪرن تعريف تو
طبل تنهنجا تا وڄن سڀ ديس عنق آواز جا
ورهہ هي غمگين جي في الفور ٽٽي ڀهر خدا،
تا مجو پنهنجي قرئون نقطا نمائن نياز جا

---

* نسخي يوسف جي قلمي نسخي تان ورتل.

2_ لاتقنطو وارا دلاسا سچا ياور يار جا
بخش بدڪاريون سندم اقرار تو سردار جا
معشوق آنءِ الله جو مولا علي مقبول حق
معاف مدايون ڪيو ڏک ڏوهہ گنهگار جا
عمر ساري مون گذاري هاءِ هئي در بي خبر
تار مان تاريو رحم سان عيب ڪج بيڪار جا
نالي خدا نيبهہ نيو ننگ پنهنجي قربتون پرين
ڪرم ڪر والي وسيلا سوال سڻ بدڪار جا
سندم دل کي دلربا شرمندگي بيحد بي بسي
عيب ٻسي هينئڙو ڳري لک عيب پنهنجي پار جا
ايڏنهن ڪمي آهي ڪانڪا سهسين خطائون منجهہ بندي
راحم رحم سندو بنا برحال هن بيچار جا
هاءِ هاري مون ڪٽي تو راند پنهنجي رنگ جي
ڪم عجائب جهڙا سڀ سر تو اسرار جا
وئي عمر افرود وئي ڪر ڪامياب مسڪين جي
گهنگارن تي تحقيق لطف تو غفار جا
دارون آهيو ذرماندگان محبوب يا مرشد ميان
واعدا سچا سندو سيني دل ياد ۾ تڪرار جا
فيض و فاروق فائق يار صادق سرورا
ياعلي عثمان وجد جان جنگ جبر جبار جا
شمس شريعت طريقت معرفت جا مرد حق
يار چارئي يڪ جسم هادي حقيق جنهن وار جا
دامن سچي دل سان جنين ٻوڙي ورتي دوستن سنڌي
مرد سي مردان روشن دل تي ديدار جا

بد اگر بدڪار بچڙا لڙهہ لڳا تو لعل جي
نظر سان نهال ڪيڙو سي صدق پيزار جا.

3ـ جن چمين چائٺ يقينئون سچ تو سبحان جي
حل مشڪل ٿئي تهين دم پر انهيءَ انسان جي.
درد جو آهين واپاري خاص خريدار تون
پيرِ مغان پاڄاٽيءَ کي تون ڪر حق نظر احسان جي.
تو ڪري آهون الاهون روز شب هينئڙو هزار
رحم راحم آءِ اوهان وٽ امن جاءِ امان جي.
مون ۾ مداين ڪانجهہ تان ڪوڙين ڪچايون ڪيتريون
دور ٿين درماندگيون ساڻ مهر تو منان جي.
آسرو الله تنهنجو آءِ سچا مرشد ميان
دست دامن ۾ اصل ڪئون درّ تو ديان جي
آهيو حامي دو جڳ ڏاتر ڏوهارين جا اوهين
ڪل سيا قادر اوهان کي زمين ۽ آسمان جي.
جيئن رکيو مينهن ۾ ٻڪريون ٻڪرار جون
سال جن ٿي پلڪ حضرت نوح جي طوفان جي.
توهہ تنهنجي ريءَ نہ ايان سوال سڻ محبوب مون
ماڙ ڪر فرياد پس ديوانہ دل حيران جي.

4ـ دانهن دل جي درد جي دم دم توهم ڪلّ لعل کي
ڪير ورنائي اوهان ريءَ دل وٺي احوال کي.
هاءِ هئي هئي واويلا رات ڏينهان روح ۾
عمر ساري آءِ مون پنهنجي پسي اعمال کي.
صاحبا سرپوش اڌهين تو وهلايو مون ولهن

مون بندي ڪر تئون ڪچي صد حيف منهنجي حال کي
هئي پروڙم ڪينڪي ساري عمر برباد وئي
منجهه پيريءَ جي پريشاني تا خاطر خيال کي

5۔ اي پرين پورن سپورن پروسو پرواس تون
آسرو سندو سچو ڪل عيبدارن آس تون
دوست دلگيرن اوهان ريءَ ڪير ڪنهنجو ڪر ٻيو
بي سيائي ناس ڪثرت اي سجڻ ابناس تون
حق بقا باقي هميشه هردم عالم ۾ حشر
عاشقن سان هجين سدائين سهڻا رنگ واس تون
ڪير غمخواري ڪري ياور يتيمن جي اڇي
آهين ولهن جو واهرو خاوند خدائي خاص تون
محبوب پنهنجي جي مهابي مدد ڪر مولا علي
تو ڪرين بخشيش ٻچڙن بي ستن کي ساس تون
آءِ پُرگهت پون پاٽي اگن ۾ ڏرتي ڏبا
پگت نر نوري سندءِ تا پگت ڪن انفاس تون
هيءَ پاجاٽي تي پڪاري ور اوهان دل درد مون
عرض هن احوال سهڻا سڻ سچا ارداس تون
آهين تون حامي حمايت هردو جڳ هيڻن سندو
غم انهن کي آءِ کهڙو پرين جن جي پاس تون
شان شافي پنهنجو پس اي پرين مرشد ميان
دور ڪر دلگير کئون تا حرص ٻيا هيراس تون
دائما مخمور رک پنهنجي محبت ۾ محضُ
اصل عاصيئڙن سندو آهين پرين آساس تون

6_ نحن اقرب اوڏڙو انسان ۾ الله تون
وَهو الله ڪل شيءِ لا اِله اِلا الله تون
آءِ قدرت قادر هر ڪنهن طرف زبر و زبر
لا تحرڪ نہ رة الاّ باذن الله تون
قل هو الله احد الله الصمد لم يلد
وحده لاشريڪ له تا شاهنشاه تون
هادي حقيقت جو ڏٺي مالڪ آهين مختيار ڪل
گمراهن کي راه لائين نوري ڪرين نگاه تون
عاجزن جا عجز زاريون ڪير پيو ڪو ڏکن ڪري
حلّ هر مشڪل سندو ڪلّ فتح جو فتاح تون
يا سخي سردار سرور روشنائي نور جي
منگتي هيءَ تي منگي ڪر بخش مرسل هئا تون
ءِ نڌري ناتوان ناڪس تنگي ۾ نا سونهين
راوَ رهبر راه ۾ بدڪار سان بادشاه تون
شاه تون همراه آهين شهرن شڪستن سان اصل
ماڙ سندم مرشدا مالڪ ڏڌن جو ڏاه تون

7_ عمر بيدينيءَ ۾ مون ڪل گذاري هوءِ هوءِ
تي مليان هاٿي تي هتڙا واءِ ويلا ووءِ ووءِ
منجھ بدڪاري فجورن فسق سان ويڙي عمر
منهن مگس جيئن مليون هاٿي ڪيان تي ڏکوءِ ڪوءِ
پير پريشان مون دل هئي گهٽو حيرانگي
ارمان اندوهئون پيرڻ دم دم شوڪارا شوءِ شوءِ
ڏوه ڏونگر ڪان وڏا گهاتا گهٽا رَوَ ربت ڪئون
تون ڪندين محبوب معافي بار بدين بوءِ بوءِ

ٿو ڪنبي ڪلبوت سارو رات ڏيهان روح ۾
خجالت خيال جيئڙو آءِ پشيمان موءِ موءِ
هن هٺڙ ۾ جي نہ سمجها حال تي ہر ہر تنين
منهن مٺاهون ڪيئن ڪنداسي منهن مارن روءِ روءِ
يا شفا شافع شفاعت جو ڏني تون آهين
عيبدارن آسرو سندو پرين هر سوءِ سوءِ

8۔ سڻ سچا مرشد خدا لڳ سگ سندي فرياد تون
ڳن ڪيو ڪنڙي جون ڪوڪان داد ٿيڻ ڪردار تون
پلُ پلائي پاڻ ٿني تو ترس آرياٽي اتي
رمز رخشان نور نرمل ڪر پرين امداد تون
ڪکڙي گهنگارڻ چڀيرڻ ڏڏ ڏوهارڻ آهيان
ٿورو نئين تڪيو توڪل عاشقن اعتماد تون
قربدارن کي قرب ڏي پاڻ ۾ توکي پسن
واحد وڏائي تو وڏي منجهہ شوق ڪر دلشاد تون
هيٺن اتي هٺڙا ڏرڻ وارث وڏائي وڙ سندو
دردمندن جون دليون رک عشق سان آباد تون
پيدا ڪيئہ آدم حوا مون ڪُل خلق نرمل نبي
جوڙ جوڙي سوهڻا صالح ڏهين اولاد تون
تو عجائب پڻ پسين طرحون طرح پنهنجا پرين
سؤ ساز شڪرانا وڃن تريون نفيلان ناد تون
وات وائي تار هرڪنهن تن اندر توهين توهين
شوق وارن کي هميشه يار ياور يار تون

9۔ پير مغان مرشد مبان دم سرب جو سرتاج تون
ڪفر ڪل اسلام جو مالڪ الک مهراج تون

گور سچو ستنام تون هر پال هر هر نام تون
بيوسيلن جو وصي صاحب سنوارين ڪاج تون
ريءَ اوهان جي مهرباني مهر ٻاجهن آءِ نہ ڪا
تو سينگارين سڄڻ سڀ هيٺن سندي ڪل هاج تون
سڀ رواداريون پرين تو نظر شفقت آ شِفا
رحم راحم راحما ڪل علتن علاج تون
هئي هئڻ هتي ڇڏايو تنگدل گذران هي
اي پارک آهين دم وجهہ نہ ڪلهہ اڄ آج تون
هيءَ حياتي مون نہ گهرجي جيئڻ هٿ جنجال ۾
موتوقبل انت موتو مئن جو معراج تون
اختياري عاشقن کي آءِ نہ ڪا پنهنجي پرين
دوست جي دامن لڳا تن جي رکين پت لاج تون
تو نباهين نيهڙو ميرن مندن سان رهہ رسي
پردهہ پوشي مرڪ توتان جن ڏيئن ڏک ڏاج تون
يوسف سوالي سگ سندو درگاهہ جو آهي اصل
آخر عمر پيري رسي مرشد نہ ڪج محتاج تون
فقر ساري تانهنجي آهيان اصل آءٌ خاڪپاءِ
فيض جو دريا دو عالم موج اوج افواج تون
لا اِلٰه تهليل الاّ دل زبان توحيد ۾
يا محمّدﷺ يارسول الله بر سرتاج تون

## سرائڪي ڏوهيڙا•

1. ايڪ دن مئن نون دلبر، آکي اي جڳ جيوڻ جني،
جيڏي وجہ وصال الله دا، تيڏي پرڪان پني،
تن ڳهليان ڳالهہ اجائي، ڪاغذ لکن پني،
کاوڻ رشوا روڳ رنجيندا، محض دنيا تي مني،
کهندي آندي عاشق، غازي ڳالهہ اها اپني،
آيا عشق جنهان سر، جنهن دي ڪاتي محبت ڪني،
انهان سيتي شور نہ ڪريئي، ماڻ ڪريندي مني،
عاشق وحدت واصل هوئي، جي جڳ وچون رني،
دمدم ليل نهار انهان سر، مينهہ محبت ائي،
جي آئي سر آ پُر ناٹين، ڳالهہ ڳجهي مُک مني،
نانڪ يوسف يار برهہ دي، هن اصلؤن ٻرا پني.

2. بشيهر چتي عرش منارؤن، مارن لمڪ لمار ڏوهين،
زلفان ڳل وچ لٽڪن پيچي، پيچ زنجير چوڏار ڏوهين،
ڏنگرڻ ڪارڻ شتاب اُقلي، چارئي صاحب سوار ڏوهين،
رمز اها تون سمجهہ سياٹا، پنجتن اسرار ڏوهين،
احدؤن احمد مرشد مولا، واحد دل ديدار ڏوهين،
سمجهڻ معني محبت سيتي، رمز هڪا سردار ڏوهين،
جاچ اها من بات خفي تون، بيٺ ڪرو آچار ڏوهين،

• نانڪ يوسف جي قلمي نسخي تان ورتل.

اونچا نيچا ڪس ڪون ڪهنا، سانچ بولو تڪرار ڏوهين،
وهاڱڻي زهر جنهان تون، عاشق سي مختار ڏوهين،
سبحان الله لک تعريفان، وڏي سو منصبدار ڏوهين،
حاظر ناظر نورمحمد، هر گفتي گفتار ڏوهين،
عاشق تي معشوق هڪ هڪ کيڏن، کيل هشيار ڏوهين،
يوسف ذات صفات تماشا، هرجا هر رنگ يار ڏوهين.

# سرائڪي ڪافيون•

## ڪافي 1 روپ

لگيان ميريان ها يلا جي، لگيان نئين ميريان، يار وے ماهي تون موهي جاندان

عرشئون لٿيان ئي مرغايان، درشن پاون نون مئن چليان
سن گفتاران، بلبل زاران، چمن چمن مئن رليان
ڏور مت جاوين ميري بالمان، بلبل گل گل ٻگل ٻگليان
ديدان لگيان ني ياري ياري، نانڪ يوسف ٻلوليان.

## ڪافي 2

ڪِڙي تو ريۂ زلفون ڪي جا ڏوڙي من موهہ لينون
آلول ٻشيهر پيچن ڪاري ليڪر قيد ڪيون.

جڙيان زلفان جون ڪنڍي من ماهي، تڙقت تڙقت چوئن ناهين
زاري زاري توبهہ زاري دل ميري اور سوز سنيون.

ڪج ڪماڻون تير دو رسمان، حلق چلاون ناز ڪرشمان
يون ڪريون ڪريون ڪرماريۂ، برهہ ساز دنيون

نانڪ يوسف يار همارو تان بناوت هم تم تارو
هم شڪار سندر تم ماري، ايسو ڏانۂ ڏنيون.

---

• ڪافي 1 ـ ڪان 13 ورتل "نانڪ يوسف جي قلمي نسخي" تان.

## ڪافي 3

الله دم ياد ڏرنا هي، آپ گم اس ۾ ڪرنا.هي اسي رهه ۾ عشاقان نون
فنا ڪر آپ مين عاشق، برج ڪي درد ۾ دمدم
ڪهان ڪو بزرگي تقوي، درد ۾ دل نو ڏرنا هي

گذر دنيا حياتي هي، اول آخر تمهين جانو
نہ ڪس رهنا اسي جڳ ۾، پيهي آدم اسڪون مرنا هي

اُسي ڪون لاج هي يارو دردمندان ڪي روجڳ ۾
تحقيق لاتقنطو ڪابہ، فرمان حق نهرنا هي

ڪون مسڪين هي يوسف، اگر نانڪ بجا يارو
ووهي رنگريز منجهہ عيبان، اسي دم چرن سرنا هي

## ڪافي 4

ماروئڙا منهنجا سانگيئڙا، وري ديس آيا آيا.

اڪنڊ اکن کي هوئي مون اوڏاهين، راتيا ڏينهان خيال تيڏاهين والي واريا
پهون پکڙين مٺ مارن ناهيان، اوٺ اباڻن نہ تہ مان چا هيان ڪنبي تي ڪايا
هيڙس اڳ آءُ ڏاهہ ڏوتياڻي، اڱڻ مون آيا پنهنجو قرب سجاڻي تورا لک لايا
جيءُ جهانگن سان ڏُٺ مون ڏاڏاڻو نير مون عمر اباڻو جفل جيءَ جڙايا.
نانڪ يوسف يارن ياري، سانگيئڙن سان دم دم زاري عشق پيچ پايا.

## ڪافي 5

اڱڻ اساڏي آوين تون لٽيندا. تان مٺن واري واري جانونديان ڍولٽا

1 ـ راهہ پلينديان ڪانگ اڏينديان، پيرين تنهان پونديان عرض ڪرينديان
گهولي گهولي دم ساهہ مهيندا

2 ـ نيٽڻ رت رونديان هنجون هار پونديان، درد ۾ هونديان دوست مني ديان
شال رسي نہ يار ڪهيندا.

3 ـ هوندي ئي فراقي عاشق ميثاقي، شهدي شلاڪي ڏاڍي دردناڪي
ذڪ ڏاج تنهان نون ڏيندا ڏينديان

4 ـ جسڪون چاهين آپ نباهين، اسين ڪون آهين بندي پرگناهين
بريان بديان ڪي بار اٿينديان

5 ـ يوسف ياري يارڪي تاري، عشق بهاري مهر ستاري
پريم پريت واليان سر رحم ڪرينديان.

## ڪافي 6

بنرا تاهووي هووي، لڪ مبارڪ، عشق مبارڪ فتح بشارت

مٺن تودُني دانو نوبنرا. توهين راضي رب تووي تووي
سرتين شالا وي ناچر ٿيوي، رام رحم سر جهووي جهووي
نانڪ يوسف نون نيہ تساڏا، اها ميڏي دل سووي سووي

## ڪافي 7

لايان ميري من لايان، ميري من لايان ملوتا

چوري چوري زلفان رم جهم، لايان ميري من لايان رمزان موتا رانجهوتا
ڪل اداسي تون ڳل اهين دي، جنهن دل آندا جاندا عشق جهوتا رانجهو
حسن واليان‌دا نوڪر رهيان، نئو نئو نيهہ نيٽا لايا، عشق دا بوتا رانجهوتا

ڪل سيالين توتئون صدقي صدقي، واري بلهر جانوان، چاڪ چڪوتا رانجهوتا
نانڪ يوسف يار رو نينون، انت نہ پايا پايا، برهہ باغ ڦوتا رانجهوتا.

## ڪافي 8

سر موري سجن هماروري دور نهين جانا

پاجهہ تساڏي بهول لٽيندي ڪملي دا ڪجانا
مئن دا قطر ڪوئي چڏيا، پريو، توري بچانا
عشق چهيندا اينوين اينوين، جيوين، مست مجانا
نيڻ نيٽان ڏنهن ول ول پالن، نهين ڪوئي رچانا
نانڪ يوسف يار اساڏا، لڄ پال لڄانا.

## ڪافي 9

پيتم ديوانڙا حال، يار نندؤن آڻ جڳايو

شهر شرابي مک مهتابي، ميرا سو من سڀ رين
نينهڙا سولگايا هي نال نال نال
بادر بانوري ڪاجر سانوري، ميري دل سو رين رين
سرخي لبان لعل لعل لعل
نانڪ يوسف موهن من جي، موهي ميري دل چين
لتڪي نين خاصي ڇال چال چال.

## ڪافي 10

سچي تساڏي ڳالهہ، بهون اسان منيدي دل ٺيندي

جتان ڪتان سهٽا سائين، هوسون قدمان نال
مرڻ جيوڻ دا عرض نہ دل ڪون، خاص تساڏا خيال

سچ تسان سچ عشق تساڏا. سؤ سؤ چلدا چال
نانڪ يوسف يار تساڏا. در دا سگ سنپال.

## ڪافي 11

سدا ميري من ۾ تگا تنهنجي تاري
الله پاڪ پرور صاحب رب ستاري
ٻٽيا بت بندي خاڪي ۽ عاري
ڏکهي ڏور ڏٽن کي ڪڏي عشق اڏاري
جڙيا جوين جڳ ۾ جنسار سارا
تون ڪرين وٽج هت جو ولڙ نهين واري
ڀهرين ڳالهہ پرينءَ جي آهي يارون ڪي ياري
تتا ڪوت ڪفر ڪا کليا باغ بهاري
تلڪا تمهارا راهي بلبل بهارا
جي نانڪ نام همارا تہ يوسف رب هي ستاري

## ڪافي 12

دم ياد ياد الله. لا اِلــہ اِلا الله. اِلا الله

اپني رنگون رنگ بنايا محمّد رسول الله
گهر عبدالله دي پئي هئي شاد. صل الله بسم الله
مرسل صورت بن تن آيا. صفت الله صفت الله
فلڪ ملڪ ۾ هوئي مبأرڪ. کليا نور تجلا
هر مظهر ۾ ديکو تمسي. وجه ثم وجه الله
يوسف يار مئي صدقي صدقي، هرجا هويا هو الله.

## ڪافي 13

سجن تيري پال پليري ميرا حال نہ ڪوئي، ڪوئي ڪوئي ري يارا

مون ڪچڻ ناهين، ناهين ناهين ديري تم دل ديري
صورت ساڳي تون سوئي، سوئي سوئي ري يارا.

هوون هستي مستي تيدڙي، پيري دم دم پيري
پيري جوئي جوئي، جوئي جوئي ري يارا.

عشق آوازون راز درازون سيئي سئوڻ چگيري
لاج انهان ڳل هوئي، هوئي هوئي ري يارا.

بيڪس بردي تيڏي مئين در دي، ڳڻ ڳاوان عشق سحري
سحري سوزان دي روئي، روئي روئي ري يارا.

لهر قطاران برهہ بهاران، جل جل جند جان جيري
جيري تيڏي نال لوئي، لوئي لوئي ري يارا.

نانڪ يوسف ياري توٽا، نخئون سمجهڻ نيڙي
نيڙي نينئون اوئي، اوئي اوئي ري يارا.

## (14)*

مين قربان جاوان، جي قربان ٿيوان، سجن تون واري واري،

اکيان چل چل وي آب اٽيندبان وي، جهنگ سيالين دي ساري،
موتو قبل وي انت موتو وي، ماري سو تير جياري جياري،
نانڪ يوسف وي، يار سچي راوي، نينهن مريندا نعري نعري،

* ڪافي 14_15 قلمي بياض درگاهہ پر چونديءَ شريف وارو.

( 15 )

ڪهڙي تار سجڻ لائيہ

اندر آتش عشق جي، ٻاري جيءَ ۾ جانب يار مچ مچائيہ
ابرو ڪمان تي چڪي چاڙهيئہ تکي تيز انداز چوٽ چلائيہ
جنهن ڏينهن لاڪون اگن اگم وسن، مينگهہ ملهار چول چلائيہ
يار يوسف جي سڪ سرواهي، تکي ڏارون ڏار موتي ملائيہ

( 16 )

چلو چلو سيان رانجهن يار ويکو آيا راوي ڪنون ڪر وت حال ڪيها

تخت هزارا چوڙڪي، رانجهن ڪيتا ڏک ڪشالا ڪيها،
آ پيارا رانجهي نون سير دارايا، نا تان ڪم آها سيال ڪيها
عشق لڳا گهرو وسريا، مايا محبت موڙي مال ڪيها،
سهڻي نال ويسان جهنگ چوڙڪي، من کوهي کيڙيان دا خام خيال ڪيها
ڪيڏي ويچان وچوڙي دي ماري مين، ڏولي ٻاجهون اِتان احوال ڪيها،
قدمان ڪول هوسان سدا نال سهڻي، رب سچي اڳون ٻيا سوال ڪيها
ٻين وڄدي ڳلي ڳلي، سي سي چلدا ويکو چال ڪيها،
مُند هوئي اسان مرڇڪيان نون، ڦِر مويان اُتي ٻيا وصال ڪيها
صدقي صدقي سِر يار اُتون، مايہ ملڪ تي موڙي مال ڪيها،
يوسف يار لوٽيندا هڪو مينون، جنهن دي ڪيتا سو نينهن نهال ڪيها

---

° قلمي بياض درگاهہ پرچونڊي شريف ۽ درگاهہ راشديہ

(17)[♫]

پانڌي ڏيج سلام ميڏي سانول نون.

پڏڪر بانهان نال ادب دي، سوءَ سوءَ آکين سلام.
ساهہ اساڏا سوگها ڪِتوئي، ديدان دي گهت دام.
راتيان ڏينهان تانگهہ تساڏي نيٽين ننڊ حرام.
يار يوسف سائين ول سگهڙا. آوڻ دي گهِن انجام.

(18)[♥]

عشق ٽيندئين ڪون وي يار، ڪيسا ڪريندائين ڪام يي.

هات ڪر شمشير آندوئي، عاشقاندي سر وهائيندائين،
شودي عاشق لک هزار، تون ڪرين قتلام يي.

آکي ناگهہ جلوا ڏيندو، مست ڪرڪي هوش نيندو
x

......................................................................................................

موج مستي دي جِنهان تي، قتل دم دم هي تِنهان تي،
ڪيا انهين دا حال وو يار، روز شب ماتام يي.

سر جنهين دي موج آوي، ڳالهہ تيڏي سوئي ڳاوي،
زهد تقوي ست وويار، ڪٽ ڪفر اسلام يي.

يار جادوگر جادو ڪِتوئي، خيال يوسف دا نِتوئي،
پُرڪر دستون ڏي وويار، بيخودي دا جام يي.

---

♫ قلمي بياض درگاهہ پرچونڊ شريف.

♥ ڪافي 18 کان 20 قلمي بياض قمرالدين ڪلوڙ.

x نسخي ۾ ست پڙهڻ ۾ نہ ٿي اچي.

( 19 )

اها آکو تہ ڪنهن دي ذات، هر ڪنهن جنهن ڪون سجدا ڪيتا،
ملڪن مين ہانهپ تات.

1 خاڪي آدم بُت بنايس، تنهن وچ سارا سُر چُپايس،
هرڪوئي آکي آهہ صفات.

2 لکين لبيان ڀهري آيو، رنگا رنگي رنگ بنايو
صورت بني ياتو يات.

3. مائي باب نہ تنهن دا ڪوئي، حوا ڪنهن دي جائي هوئي،
سُڻ حقيقت اها بات.

4. يوسف سمجهہ هي سُر سارا، اندر ٻاهر نور نظارا،
آدم الاهي • وائي وات.

( 20 )

ڍولڻ ڪهڙي سانگہ ولئيا ويندئين ڪيچ تون.

هوءِ هوءِ نال هوتان دي، سهٽا ڪر نہ تون وڃڻ دي وائي،
ڏاڍي آتش عشق تيڏي دي، برهہ تيڏي پڙڪائي،
ماري سولان والي سانگہ
حيلي هزارين ڪر ڪر رهيان، نهين تون مِنت منيندا،
ڪيهي گناهون مين نماڻي نون، تون سائين نال نہ نيندا،
ڏي ڏکان والي ڪانگہ
يوسف يار سجڻ ديان ڳالهين، مين ڪنهن نون آک سٽايان،
جنهن ڏهاڙي دي سٽين ڪنون پئي، مين ويٺي ورهہ وسايا،
ڏي برهہ والي بانگہ

( 21 )

ڪيهي ڪيهي ڳالهون رانجهي يار نون، آکي خيال پيا سيلان دا.

تخت چوڙ چايا جهنگ پُڄا ڪي، ديس ساڏي آيا بسمي لاڪي،
چوڙيس تخت شاهي شان دا.
رايا رانجهي ڪون ها ايندي آوڙدا. اصلون آها ساڏي نينهن لاوڻ دا،
آيا پوش پهر انسان دا.
يوسف يڪدل سڃاتم يار ڪون، اِهين جوڳي والي جنسار ڪون،
شبه شڪ ڳيا گمان دا.

( 22 )

هر هر طرف بهار وهه وهه عجب تماشار يار.

ڪڏان تہ هوندي خلعت شاهي، ڪڏان تہ هوندي طور سپاهي،
آپ جمال اُتي نورالاهي، ڪڏان تہ گهنڊ اُتار وهه وهه

زلف ڪنڊيل وچ گهتدا قاهي، اڪثر مرغ ڦبيندي ماهي،
مرغ ڦساڪر ٿيندا راهي، اها تہ شڪار وهه وهه

اپڻي روپ ڪون آپ بڻيندئين، آپ ڪهون شيشا آپ وکيندئين،
اپڻي روپ ڪون آپ وچيندئين، ڪون آکي گفتار وهه وهه

ويس متاڪر يوسف آيا، گهر يعقوب دي پيدا هويا،
شهر مصر وچ ظاهر هويا، وِڪدا مُلهہ بازار وهه وهه

(23) ☆

ڏِسدا پيارا ڪنهن نون، لامڪان ڏسدا.

ڪڏان مُلان هون، ڪڏان قاضي هون، ڪڏان حاجي پاڪ نمازي هون،
ڪڏان منبر چڙهہ تي، نمازي هون، ڪڏان مرد..... تي هسدا •
ڪڏان رومي هون، ڪڏان زنگي هون، ڪڏان توپي پوش فرنگي هون،
سِر چهرا ڳل وچ انگي هون، ڪڏان گنهگهرو پاڪي نچدا.
شاهہ سڪندر طرف نوشابان آيا، رسول الله تي مصري دي وچ،
يوسف خوابان، دل زليخان................................................
......................... شاهہ عنايت عالي، عارف بُلي شاهہ دا والي.......
پارس نال لوهہ دي گسدا.

(24) ✣

ڪوئي نوان سوداگر آيا، ماهي والي ديس ڪنون.

ڪن وچ ڪُنديل، مک وچ مرڪي، موهن سو منڊ چلايا.
ڏينديان بَکيان، ليندا ناهين، صورت دا پر مايا.
پڳوين ڪپڙي باندا ناهين، آيا سو ويس منايا.
نانڪ يوسف بانهي سچل دي، عالم سو ويلڙ آيا.

☆ قلمي بياض درگاهہ راشديہ پير ڳوٺ.

• ...... وارا لفظ نسخي ۾ پڙهڻ ۾ نٿا اچن.

✣ ڪافيون (جلد پهريون) مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## ريختوءِ هندي ڪلام

(1)

ڏنڪت ڏِنڪت سناوي پريم موري بابو
ڏنڪت سناوي گيت گاوي هينڙو ياوي

نارو بولي من ۾ واسي، روپ نارائڻ شاميئڙو اداسي،
بيک مثاوي بسمي لاوي بن ڪي آوي

گور ڪر پابن ڪسي نہ پايو عشق سچي ڪو سبد سجايو
آپ لٽاوي بازي چاوي رام.....• •

سن گن ونتا گيان گرو نر، انحد بائي پانچ پنچي سر،
ڏن مچاوي پريم آوي جيءُ جڳاوي

هون تو ٿوري ذات اڏيني، پاوي يارت من مسڪيني،
عرض بلادي پاند ياوي ساهہ سيباوي

نانڪ يوسف يارڪي سرني، ساز سنگت سرهرگور چرني.
چرن ڏياوي هستي سماوي آپ اناوي

(2)

يي تيري مک پر خال خال دڪاري يون،
دوني دونون زلف بشيهر وال وال ڪاري يون.

---

• ڪلام 2 ـ 1 نانڪ يوسف جي ڪلام جي قلمي نسخي تان ورتل.

•• لفظ پڙهڻ ۾ نہ ٿا اچن.

هاٿ ۾ ڪٽاري ڪاري، اپر سمندر سواري،
چلتي هو موڙ سيتي چال چال ڪاري يون.

چيرا لعل سر پر پيچا پيچي رنگ رنگ،
دامني دمڪ جيسي جهال جهال ڪاري يون.

عاشق بچاري تاري مست هين درد ۾،
تج درشن بن انڪو نال نال ڪاري يون.

ٻنڪي ٻنڪي بلڪا تيغ تجهه ڪمر پر،
عاشقون نون ڪرتي هو قتال قال ڪاري يون.

عرض هي حضور مين يوسف يتيم مين،
نينهڙا نيايو ننگ پال پال ڪاري يون.

(3)

ڪون وي ڪمن ديس بن تن تم آئي ري
بي رنگي رنگ رنگ ۾ کيل کلاري

وفي انفسکم آپ سي پڇانو محمّد ڪا مظهر اور نہ جانو
جو تحقيق مولي سرسري انسان، صورت ڪماري

سچي بات مجڪو جو برهين سناؤ وطن ديس اپنا مهر ڪر بتاؤ
جو پيومن بيراڳي تو نجاري، جو نئون نئون بهاري

هنيا چل دلي سي ٺٽي ۾ گذاري، جو رهتي عياشي خدائي جو ساري
ڪرو سير صورت نظاري، جيوين گلشن گلزاري

سچي آس پر ورس تم پيارو ڪهي عرض مسڪين يوسف بچارو
جو ڪرو نت نت زاري، ڳل پريم ڳاري

(4)[*]

من صاحب ڪاڏيان ڏرنا ڏيان ڏرنا هو ڏيان ڏرنا،
اسڪي گلي ڪي ريڻ هو رهڻا دم مجرا پڙنا هو پڙنا.

گيان بتايا داس پريم ڪا گور موهن مک پايا،
عطر عنبر گلابي شور شراب پلايا،
جاپڙو تس نرکي پُرکي نا جبنا نا مرنان.

نس دن قال ڪڙا سر تر هين نوبت ڪوچ بجاويگا،
سرت لگي دِرش موهه مين تُمري ڪون هووي مت لاويگا،
پريم پيتم بن ڪجهه نه ڪب مين عشق پرکي هون سرنان سرنان.

ساڏ سچي گورگيان ڪي ٻاٹي همري هردي کولي هي،
ٻوٻ اولي همنان چولي بيرنگ رم رم لولي هي،
رنگڻ رام ڪي رمز درازين چرنان گورڪي چرنان هو چرنان.

هون ته نهين ناهون مان بولي آپن آپ نيارا هي،
کول ويکو فرقان پيتم ڪا دو جڳ آپ نظارا هي،
موتو مَرمل پانوين پاوين مرني تؤن کي ڏرنا هو ڏرنا.

نانڪ يوسف يار بلينڊا ڪوئي بات نه مائي هي،
دائي ٻائي تا عشق ڊهيو سي ساڏ سنگت سر پائي هي،
دين دنيا دي دام رهائي تس موئي دل نون کي ڊکرنان هو ڪرنان.

---

[*] 4 نانڪ يوسف جي ڪلام جو قلمي نسخو ۽ محترم عطا حسين شاهه موسوي جي گڏ ڪيل نانڪ يوسف جي ڪافين جي ذخيري مان ورتل

ضميمو_3

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# فقير صاحب نانک يوسف

هي احوال ميان محمد موسيٰ ولد محمد عثمان سومري اصل ۾ جمع ڪيو جنهن کي سندس فرزند ميان محمد بخش نئين سر مرتب ڪيو. ميان محمد موسيٰ 95 سالن جي عمر ۾، سنہ 1939ع ۾ وفات ڪئي. 1919ع ۾ ماستري (سنڌي) ڇڏيائين. خيرپور ۾ پينشن جو رواج ڪونہ هو.

ميان محمد موسيٰ، فقير محمد يوسف جي درگاهہ جو معتقد ۽ ڀاريدار هو. ميان محمد موسيٰ هي احوال خاص طرح فقير عبدالله بروهي کان ورتو، جيڪو فقير محمد يوسف جو وڏو ۽ مک ٻالڪو هو ۽ فقير محمد يوسف وٽ هر سال، ڇڱو عرصو اچي رهندو هو، ۽ سفر ۾ بہ هميشه فقير صاحب سان گڏ هوندو هو.

----

فقير صاحب جو ڪلام جيڪو مليو، سو سندس ڏوهٽاڻ مان، مرحوم فقير خدا بخش جمع ڪيو، خاص طرح فقير هادي بخش شڪارپوري وٽان هٿ ڪيائين. فقير هادي بخش، سچل سائين جي اولاد مان سخي قبول محمد ثاني جو خليفو هو.

فقير صاحب سان سندس ڏوهٽاڻ هميشہ ڪان گڏ رهندو آيو آهي، اهي عباسي خاندان جا آهن. فقير صاحب جي ڏوهٽاڻ مان ميان خدا بخش فقير هڪ وڏو ڪامل درويش ٿي گذريو آهي. ميان خدا بخش فقير جي والد بزرگوار ڪان سندس شجرو هن ريت آهي:




مرحوم الاهي بخش فقير پٽ ميان نعمت الله. ميان نعمت الله حسين هو راڳ ڪندو هو. فقير صاحب جو ساٿس انس هو. ڪيس مائٽ ونڻ آيا تہ فقير صاحب چيس: ادا، تون منهنجو مٽ ۽ مان تنهنجو مٽ. ائين چئي پنهنجي پيڻ پرڻايائينس ۽ سندس پٽ الهہ آندي ڪي پنهنجي نياڻي مائي ياڳ پري پرڻايائين.

* ڏسو ساڳي ڪتاب جو ص 29.

# فقير محمد يوسف نانڪ جا حالات زندگي

## مسڪن ۽ واقفيت

فقير صاحب نانڪ يوسف جن جو والد بزرگوار اصل سري جو رهاڪو هو. پر ڪن سببن ڪري اتان لڏي اچي جهل شهر مگسي ۾ رهيو. سندن نالو مولوي محمد هاشم هو. نسلي طرح ذات جا کوکر هئا ۽ سندن مادري زبان سرائڪي هئي. علمي لحاظ کان عربي، فارسي، سنسڪرت، اردو، بلوچي، هندي ۽ ٻين عام ٻولين کان پڻ بخوبي واقف هئا. سندن ذريعہ معاش مفتي تي رهڻ هو. پنهنجي ملڪي نظام جا فيصلا شرعي فرمودن موجب حل ڪندا هئا. جهل شريف ۾ سندن هڪ وڏو مدرسو پڻ هوندو هو جنهن ۾ فقه ۽ فرقان سان گڏ رواجي تعليم جو درس تدريس پڻ ڏيندا هئا. انهيءَ درس ۽ تدريس ۽ شرعي فيصلن نبيرڻ جي عيوض کين، وقت جي حاڪم کان مقرر پگهار ملندو هو جنهن مان گذر سفر ڪندا هئا. اعليٰ علميت ۽ رياضت جي لحاظ کان سندن گهراڻو، ان وقت جي چڱن گهراڻن مان هڪ ليکيو ويندو هو.

ڪيترائي ماڻهو مولوي محمد هاشم جن جا معتقد پڻ ٿيندا ويا. سندن اعليٰ علميت ۽ درس ۽ تدريس جو ايترو تہ نمايان اثر هو. جو ڪيترائي طالب علم، پري پري کان اچي سندن مدرسي ۾ داخل ٿيندا هئا ۽ هن بزرگ جي اعليٰ علميت مان فيض حاصل ڪندا هئا. مولوي صاحب جن کي حضور ﷺ جن سان بي انتها عقيدت هوندي هئي، ان ڪري اڪثر عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. سندن سادگي، عبادت، خلوص و اخلاص، خلق و اخلاق سبب سندن شهرت پري پري تائين پکڙجي وئي. ان هوندي بہ جيئن تہ کين ڪافي عمر گذرڻ بعد بہ ڪو نرينہ اولاد نہ هو. انڪري سدائين غمگين رهندو هو ۽ وت ۽ وس آهر حيلا ڪندو رهندو هو ۽ بارگاهہ الاهي ۾ سربسجود رهندو هو.

## ولادت باسعادت

فقير نانڪ يوسف جي ولادت جي تاريخ، مهينو توڙي سال نہ ملي سگهيو آهي. بهرحال راوي ماستر محمد موسيٰ ولد محمد عثمان سومرو، جنهن جي لکيل سوانح حيات تي هي احوال مرتب ڪيو ويو آهي، ان لکيو آهي تہ: سنہ 1898ع ۾ فقير صاحب جو هڪ خاص مريد فقير حاجي عبدالله بروهي، جيڪو پڻ جهل شهر جو باشندو هو، سو فقير صاحب نانڪ يوسف جي بارگاهہ تي زيارتي آيو. جنهن سان منهنجي ملاقات ٿي. ان وقت فقير حاجي عبدالله جي عمر اٽڪل 80 ورهيہ ڪن هئي. ان ٻڌايو تہ مولوي محمد هاشم کي ڪوبہ پٽ ڪونہ هو پر کيس پٽ جي بيحد گهڻي تمنا هئي. ان لاءِ هي بزرگ الله کي ٻاڏائڻ کان علاوه بہ ڪافي حيلا هلائيندو رهندو هو. آخرڪار هڪ پيري هڪ بزرگ "عبدالله شاهہ گودڙي" تي وڃي جاڳيو اتان کيس اشارو مليو تہ: توکي پٽ ڄمندو پر منصوري دم هڻندو.

آخرڪار رب وريو ۽ مولوي صاحب کي هڪ سهڻو پٽ تولد ٿيو جنهن جو نالو محمد يوسف رکيائين. فقير محمد يوسف جي تولد ٿيڻ وقت سندس ڇهري تي هڪ اهڙو خوشبودار قدرتي پڙدو آيل هو جنهن جي خوشبوءِ کي فقط سندس والد بزرگوار ئي ڄاتو ٿي.

فقير صاحب جي زندگي جي روايتن موجب ۽ عمر جي لحاظ کان، اندازي طور چئي سگهجي ٿو تہ فقير صاحب جن اٽڪل 1192هہ جي لڳ ڀڳ تولد ٿيا هئا. (والله اعلم باالصواب)

جنم: 1192هہ اندازاً

وفات: 1269هہ ص ص

## حالاتِ صغيري

فقير نانڪ يوسف اڪيلو طفلانہ مشغولي کان جڏهن فارغ ٿيو تہ کيس ٻين ننڍين ٻارن سان کيڏڻ جي خواهش ٿي. عام طرح اُستاد جو ادب بي پايان آهي، تعليم يافتہ استاد جي ادب سان گڏ پنهنجي عزيزن، رشتيدارن جو پڻ ادب ۽ احترام ڪندا آهن. ميان محمد يوسف جي پڻ انهن صفتن سبب شاگردن توڙي ٻين ننڍين ٻارن ۾ ڪافي عزت هوندي هئي، ان ڪري

شهر جا سڀ ٻار اڪثر ڪيس اڳواڻ ڪري تسليم ڪندا هئا ۽ جنهن به راند جو پاڻ رايو ڏيندو هو اهائي راند ڪيڏي ويندي هئي.

**(الف) طفلي زندگي - منزل پهرين**

فقير صاحب محمد يوسف کي ننڍي هوندي کان ئي، نه عام راندين سان ڪا دلچسپي هئي ۽ نه ئي ڪڏهن به ڪنهن ڪيس عام ٻاراڻي راند ڪيڏندي ڏٺو. فقير صاحب سڀ کان پهرين جيڪا راند ڪيڏي، سا هئي: عشق به منزل ماتام- پاڻ شهر جا ننڍا ڇوڪرا گڏ ڪري، پن جا تابوت ۽ سيجون ٺهرائي ٻارن کي ڪٺائيندو هو ۽ پوءِ پاڻ ٽين يا سر جو ٽڪرو ڪٽي ڏڏ وڄائيندو هو. ڏڏ وڄائيندي روئندو رهندو هو. جو سٽس مدهوشي ڇانئجي ويندي هئي ۽ بيهوش ٿي ڪِري پوندو هو. ننڍا ٻار سندس اها وجداني حالت ڏسي، ڪيس اهڙي حالت ۾ ڇڏي پنهنجن گهرن ڏانهن ڀڄي ويندا هئا ۽ فقير صاحب ڪيتروئي وقت اُتي بيهوش پيو هوندو هو. جڏهن هوش ۾ ايندو هو ته پوءِ اُتي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيندو هو.

جيئن ته فقير صاحب جو والد بزرگوار شريعت جو پورو پورو پابند هو انڪري جڏهن ڪيس پٽ جي اِن راند جي پڪي ثابتي سان خبر ملي ته هو برداشت نه ڪري سگهيو ۽ پٽ کي ٿڌي سيني سان هدايت ڪيائين ته: اها راند ڪيتري به چڱي صحيحي، پر تنهنجي عمر اجا ان راند جي لائق نه آهي. ماتام يا گريه کي مولوي محمد هاشم چڱيءَ ريت ڄاڻو ٿي، ان هوندي به شرعي اصولن موجب اها راند ناجائز هجڻ ڪري، پٽ کي ان راند ڪرڻ کان منع ڪيائون. پنهنجي والد جي هدايت تي فقير صاحب ان راند ڪيڏڻ کان بس ڪري ڇڏي.

**(ب) طفلي زندگي - ٻي منزل**

راوي جي ڇوڙ موجب جڏهن فقير صاحب کان پهرين "ماتام" واري راند ڇڏائي وئي، ته هن وري ٻي راند "ڪنايو عاشقان" شروع ڪئي. يعني اهلِ الله جن جي سرقدم پوئلڳ ٿيڻ. جتان ئي ٻهار جي بوءِ اچي. يعني صحيح ڏيکاريائون ته منصور جو ڪنايو عارفانه هو. عاشقن جي عارضي درگاهه تي ڏمال هڻڻ فيض کان خالي نه آهي. ان راند ۾ فقير صاحب شهر جا ڇوڪرا گڏ ڪري، گهران ڪو ڪپڙو ڪٽي، ان کي ٽاڙي چيري، ان جا سيني

چوڪرن کي لُنگ ٻڌائيندو هو. پوءِ هو ڪُلهن تي ڏنڊن جهڙيون ڪانيون رکائيندو هون. پوءِ پاڻ ٻهرين راند وانگر ڏمال جو دهل وڄائيندو هو. دهل وڄائيندي وڄائيندي، مٿس اها ئي وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي ۽ بيهوش ٿي ويندو هو.

آخرڪار جڏهن سندس والد، مولوي محمد هاشم کي وري هن راند جي خبر پئي ته هن وري به کيس ٿڌي سيني سان سمجهايو ته: مان اوهان جي هرهڪ عمل ۽ راند روند کي ڄاڻان ٿو. رب انشاالله تعاليٰ توکي نوازيندو پر هن وقت تنهنجي عمر انهن راندين جي نه، پر علم پرائڻ جي آهي. علم کان سواءِ ڪوبه عمل صحيح نه آهي. ان ڪري اوهان علم پرايو ۽ انهن راندين کي هينئر ڇڏي ڏيو. اهڙي نيڪ نصيحت ۽ هدايت فقير صاحب جي دل تي اثر ڪيو ۽ هو رانديون رونديون ڇڏي پوري توجه سان علم پرائڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

جڏهن فقير صاحب سڀ رانديون رونديون وساري پنهنجي والد وٽ تعليم پرائڻ ۾ لڳي ويو ته سندس ٻيا ساٿي، جيڪي ساڻس گڏ علم پرائيندا هئا، سي پڻ سڀ ڪجهه وساري علم پرائڻ ۾ محو ٿي ويا. انڪري پڙهڻ جو چاهه اهڙو ته موجزن ٿيو جو فقير صاحب به 15_16 سالن جي قليل عرصي ۾، فارسي پڙهي، مولويت جي درجي تي پهچي ويو. سندس والد مولوي محمد هاشم سندس دستار بندي ڪرائي ۽ فقير صاحب عالم ٿي ويو. فقير محمد يوسف ڪامل عالم ٿيڻ بعد به مطالعو بند نه ڪيو. ڇو ته سندس ڪيترائي اهڙا اشارا موجود آهن، جن مان سندس ڏارين ملڪن جي علم ۽ ادب سان واقفيت ۽ علمي لياقت جو وجود ملي ٿو.

## مولوي محمد هاشم جي وفات

فقير صاحب نانڪ يوسف جن جڏهن پڙهڻ کان فارغ ٿيا ۽ سندن دستاربندي به ٿي، ان بعد سندن والد مولوي محمد هاشم وفات ڪئي. مرحوم محمد هاشم جي وفات جو هنڌ شهپور (غالباً تعلقو شهدادڪوٽ) ضلعو لاڙڪاڻو* چيو وڃي ٿو.

* هن وقت ضلعو قنبر_شهدادڪوٽ.

## معاش زندگي ـ شروعاتي وقت

مولوي محمد هاشم جي وفات بعد سيني ملڪي اميرن خواهہ عالمن، سندن پٽ نانڪ يوسف عرف فقير صاحب کي سندس مسند تي ويهاريو ۽ کين اهوئي ڪم سپرد ڪيو ويو جيڪو سندن والد بزرگوار ڪندا هئا. يعني شرعي فيصلا نبيرڻ ۽ مدرسي ۾ درس ۽ تدريس جو ڪم. ان جي عيوض هن کي بہ اهوئي پگهار ملندو هو جيڪو سندن والد کي ملندو هو. فقير صاحب جو گذر سفر ان پگهار مان ئي ٿيندو هو. فقير صاحب جا شرعي فيصلا ۽ تدريس ايتري تہ مقبول عام ٿي، جو وقت جي حاڪم، کيس مفتي اعظم جو لقب ڏنو. پر جيئن تہ فقير صاحب کي دنيوي عظمت سان ڪوبہ لڳاءُ ڪونہ هو ان ڪري، هن اهو لقب نہ قبوليو. فقير صاحب هوند آهر خير خيرات بہ ڪندو رهندو هو. ايتريقدر جو ڪڏهن ڪڏهن کين کائڻ لاءِ بہ تمام ٿوري ماني نصيب ٿيندي هئي، پر اهڙي ڏينهن پاڻ بي انتها خوش ٿيندو هو.

## فيض جي ڳولا

فقير صاحب جن ايتري تہ عبادت ڪندا هئا، جو کين عالم، زاهد، پرهيزگار چيو ويجي تہ بہ گهٽ تعريف ٿيندي، جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو تيئن تيئن سندس علمي مهارت وسيع ٿيندي ٿي ويئي، ۽ سندن علم ۽ فضيلت جي هاڪ پري پري تائين پکڙجندي رهي. پر ايتري رتبي تي پهچڻ بعد بہ جڏهن کيس اهو خيال ايندو هو تہ هيڏو وڏو عالم، زاهد سڏجڻ جي باوجود بہ اجا "الله" کي هٿ ڪري سگهيو نہ آهي سندس اکين ۾ آب پرجي ايندو هو.

## پهريون چلو ۽ پهريون سفر

فقير صاحب جن کي جڏهن الله سان واصل ٿيڻ جا خيال بار بار ستائڻ لڳا، تہ پنهنجن خيالن کي منزل مقصود تائين پهچائڻ خاطر هن سڀ دنيوي تعلقات توڙي، مان مرتبا ڦٽا ڪري ڇڏا ڪڍي، هوت، سان هيڪاندو ٿيڻ جو پڪو پهہ ڪيو. سڀ کان پهرين هن جهل شهر جي ٻاهران هڪ واديءَ ۾

پنهنجي هٿن سان هڪ مڪان ناهيو ۽ حڪومت جا عطيه درس ۽ تدريس ۾ مٽ مائٽ چڙدڻ ۽ اُتي ويهي چاليهو ڪڍڻ لڳو. چِلي جي مدت دوران فقير صاحب نه ڪجهه کائيندو هو نه پيئندو هو. بس هر وقت سندس زبان تي صرف خالق مالڪ جو نالو هوندو هو. آخر چاليهين ڏينهن کيس امر عنايت ٿيو ته: توکي فيض ملندو پر اُتان، جتي منصوري دم هوندو.

اهڙو اشارو ته خود فقير صاحب جي والد کي به شاهه گودڙئي تي جاڳندي مليو هو. سو فقير کي هاڻ اهائي تمنا رهي ته ڪيئن به ڪري ڪهڙي به طرح منصوري دم جو مقام حاصل ڪريان.

منزل ماڻڻ جي يقيني ارادي سان فقير صاحب جهل شهر ڇڏي، شهر جي اُتر طرف روانو ٿيو. سنياسي ۽ آديسي حال ۾ واٽون وٺي ووڙيندو، ويچاريندو، واجهائيندو، وندر واٽي ورائيندو، سهل بستي لنگهي، جبل، ڏونگر ڏاريندو هلندو رهيو. سفر ۾ کيس زنده خواهه مماتيءَ وارن جون خانقاهون، درگاهون، بيراڳي بستيون، سگهڙن جا سم، هنرمندن جا اڏا، وينجهارن جا واڙا، مسجدون، سندر خيال جي اوڙ ۽ آڙ اينجهه ۽ اُمنگ سان سلجهائيندو رهيو پر هيترن ڏکن ڏاکڙن ۽ هيترين سارين منزلن ۾ ڪٿي به کيس پنهنجي منزل مقصود نظر نه آئي. آخرڪار فقير صاحب مايوس ٿي، پنهنجي وطن جهل شهر ۾ موٽي آيو. ان سفر ۾ فقير صاحب کي پورا ٻارهن مهينا لڳا.

## ٻيو چِلو ۽ ٻيو سفر

جيتوڻيڪ پهرئين طويل سفر جي ڏاکڙن فقير صاحب کي ڪافي ڏهرو ڪري ڇڏيو هو پر هن پنهنجي مقصد کان منهن نه موڙيو هو. انڪري وري ٻيو چِلو ڪاڻڻ جو ارادو ڪيائين. ساڳي واديءَ ۾ ساڳئي مڪان ۾ وري اچي چِلو ڪاڻڻ ويٺو پر هن ڀيري به کين ساڳيو امر عنايت ٿيو ته: توکي فيض ملندو پر اُتان، جتي منصوري دم هوندو. اهڙي جواب وري فقير صاحب ۾ نئين سفر جو عزم جاڳايو ۽ فقير صاحب هن ڀيري جهل شهر جي اُتر بدران، منزل جي تلاش ۾ اولهه طرف روانو ٿيو. هن ڀيري به منصوري دم جي تلاش ۾ ٿڙ ترايون، ڍنڍون ڍورا، جبل پهاڙ جهاڳي جهاڳي بيهي رهيو پر ڪٿي به کيس منزل جا نشان نظر نه آيا. نيٺ ساڳي طرح اُجون بکون ڪاٽيندو وري پنهنجي ڳوٺ جهل پهتو.

## ٽيو چلو- ٽيون سفر

جيتوڻيڪ ٻئي سفر، فقير صاحب کي ويتر ضعيف ڪري ڇڏيو هو، تڏهن به يار جي ديدار جي اُڻ تڻ کيس ويهڻ نه ڏنو ۽ جڏهن تات ۽ طلب جا اُڌما اندر ۾ آند ماند ڪرڻ لڳس، ته فقير صاحب وري ٽيون پيرو چِلو ڪاٽڻ جو ارادو ڪيو. هن پيري به ساڳيو مڪان منتخب ڪري، ضعيفي حال سان، پر محڪم ارادي سان چِلو ڪاٽي پورو ڪيائين ته وري به اهوئي اشارو مليس ته: توکي فيض ملندو پر اتان، جتي منصوري دم هوندو!

اهڙي امر تي فقير صاحب کي ڏاڍي ملولائي ٿي، پر هن صبر جو دامن هٿان نه ڇڏيو ۽ سِڪ جو سندرو ٻڌي، هڪ نئين عزم سان، هڪ نئين سفر جو ارادو ڪيو. هن پيري دل ۾ ارادو ڪيائون ته پنهنجي مرشد کان اجازت وٺي پوءِ سفر جو سانباهو ڪجي. هو ارادو ڪري، هڪ گڏهڙي تي چڙهي، راڻيپور ۾ پنهنجي مرشد حضرت پير سائين ابوصالح شاهه سان ملڻ لاءِ جهل شهر جي ايرندي طرف روانو ٿيو. سڀ کان پهرين منزل بيگاريءَ ۾ اچي ڪيائين، جتي اڄ به سندن ڪافي معتقد موجود آهن. اِتان رواني ٿيڻ بعد ان هنڌ اچي منزل ڪيائين، جتي سندس زندگيءَ جو پويون عرصو گذريو يعني جتي هينئر ڳوٺ "فقير محمد يوسف" يا "فقير جو ڳوٺ" آهي. سندن درگاهه پڻ اُتي آهي.

فقير صاحب جي پهچڻ وقت اُتي ميرن جي شڪار جون لانديون لڳل هيون. فقير صاحب به پهرين ميرن جي لشڪر سان گڏ اچي رهيو هو. جڏهن لشڪر وارا هن کي هڪ عام فقير سمجهي توڪڻ لڳا ته فقير صاحب اُتان نڪري، لاکن جي ڳوٺ جي پرسان، هڪ لئي جي وڻ هيٺان اچي ساهه پٽيو. (ڪن جو چوڻ آهي ته فقير صاحب لاکن ۾ نه، پر گنديري ۾ اچي سهيڙيو هو). پوءِ ڪيترو ئي عرصو بڪ، اُچ ۾ اُتي ئي پيو رهيو. ڪڏهن ڪنهن کان ان پاڻي نه گهريائين. آخر ڪجهه ڏينهن بعد اُتان پنهنجي مرشد ڏانهن رواني ٿيڻ جو ارادو ڪيائين. جيتوڻيڪ ان عرصي ۾ سندس گڏهه به خبر ناهي ڪيڏانهن وئي هلي هئي ۽ پاڻ بيحد ڪمزور ۽ ضعيف ٿي چڪو هو پر ان هوندي به، پيرين پنڌ مرشد تائين پهچڻ جو پهه ڪري اڳتي هلڻ لڳو.

اڃا ٻه چار قدم ئي اڳتي مس هليو تہ اوچتو هڪ اهڙو عشق جو طوفان شروع ٿيو جو چؤطرف انڌ انڌوڪار لڳي ويو. طوفان ۾ ايتري تہ شدت هئي، جو رستي واٽ جو ڪو پتو ڪونہ ٿي پيو. فقير صاحب بہ طوفان جي تيزيءَ ۾ راڻيپور جو رستو ڀُلجي، درازن شهر جي اُلهندي طرف پير صرفو کان اَبل واهہ تي اچي چڙهيو.* اتي طوفان بہ بيهي ويو. صبح ٿيندي ئي، ڏينهن جي روشنيءَ ۾ سماع جي آواز تي هلندو اچي درازن جي درگاهہ ۾ داخل ٿيو. فقير صاحب تہ اڳ ۾ ئي منصوري دم جو ڳولائو هو. درگاهہ جي مسجد ۾ ٿيندڙ سماع جي منظر ۾ کيس پنهنجي منزل نظر اچڻ لڳي ۽ دل کي اطمينان ٿيڻ لڳس. کيس پڪ ٿي اهو سماع، منصوري دم جي خانقاهہ آهي ۽ منصوري دم هڻڻ وارو اهو شخص آهي، جيڪو سيني ڏانهن منهن ڪريو مراقبي ۾ ويٺو آهي.

فقير صاحب، سماع ۾ ويٺل فقيرن سان شامل ٿيڻ ٿي چاهيو پر فقيرن هن کي اتي ويهڻ نہ ڏنو ۽ بار بار جي آزين نيزارين جي باوجود بہ هن کي ٽنگو ٽالي ڪري ڪناري تي هڪ ڪنڊي سان ٽيڪ ڏياري ويهاري ڇڏيو. هلڻ کان هلاڪ، ڪمزور، ضعيف ۽ ناتوان فقير صاحب اتي ئي ويٺو رهيو پر سندس رُخ درگاهہ شريف ڏانهن هو. اتي ويٺي، انهيءَ ئي حالت ۾ کيس ٻارهن مهينا گذري ويا.

حقيقت ۾ اهو مراقبي ۾ ويٺل درويش سچل سائين هو. ٻارهن مهينن کان پوءِ هڪ ڏينهن، جڏهن سچل سائين جن ان ڪنڊي وٽان اچي لانگهائو ٿيا تہ فقير صاحب کي ان ڪنڊي هيٺان سر تسليم خم ويٺل ڏٺائون. سيني حاضر فقيرن چيو تہ هي فقير شايد مري چڪو آهي، پر سچل سائين چيو تہ نہ هي جيئرو آهي۔ پوءِ فقير صاحب کي يڪدم پاڻ وٽ گهرايائون. ٻارهن مهينن کان اُڃ ۽ بک ۾ ٻيل فقير صاحب، سچل سائين جي سڏ تي يڪدم اٿين اُٿي اُيو ٿي بيهي رهيو. ڄڻ منجهس ڪو نئون روح پئجي ويو هجي. فقير صاحب کي پنهنجي منزل پنهنجي آڏو نظر اچڻ لڳي، ۽ هو وڏي سِڪ ۽ حب مان هلندو اچي هادي حضرت سچل سائين جي دربار ۾ حاضر ٿيو.

---

* پير صرفو جي قبر مرحوم عبدالقادر فاروقي جي باغ ۾ اڄ بہ موجود آهي. ن.ب

## فقير صاحب جي رياضت

فقير صاحب سڀ کان پهريون جيڪو رياضت جو ڪم ڪيو سو هو درگاهہ جي بنيءَ لاءِ ڪاٺيون ڪرڻ. ٻارهن مهينا گذرڻ بعد بہ هو نهايت سِڪ ۽ محبت مان پنهنجي رياضت کي هلائيندو آيو. اُڃ بُک جي ڪڏهن بہ ڪابہ پرواهہ نہ ڪيائين. آخرڪار سندس پهرين رياضت رنگ لاتو ۽ سچل سائين جن فقير صاحب کي ڪاٺين ڪرڻ بدران درگاهہ شريف جي مَٽي پرڻ لاءِ امر ڪيو. فقير صاحب ان حڪم جي پوري پابندي ۽ مستعدي سان پوئواري ڪئي. دراصل مچ مچائڻ لاءِ ڪاٺيون آڻڻ، آگ اُجهائڻ لاءِ پاڻي پرڻ، اهي سڀ ڪجهہ عارفانہ اشارا هئا، رندي رمزون هيون. هڪ قسم جي آزمائش هئي، جنهن ۾ فقير صاحب ثابت قدم رهي پار پيو.

## فقير صاحب کي الستي فيض ملڻ

فقير صاحب جڏهن ڪٺن آزمائشن مان، صدق دلي ۽ يقيني ارادو رکي پار پيو. تہ منزل سندس پير چمڻ لاءِ آتي نظر اچڻ لڳي. آخرڪار اها رات آئي، جنهن ۾ فقير صاحب کي پنهنجي مرشد اڪمل کان فيض ملڻو هو. ان رات بہ دستور مطابق فقير صاحب رياضت مڪمل ڪري، مسجد شريف ۾ تجر جي دريءَ کان وينو هو. فقير صاحب دنيا و مافيها کان بي خبر، پنهنجي ئي پور ۾ وينو هو تہ اوچتو سندس ڪنن تي سچل سرمست جو آواز پيو. سچل سائين تجر مان، مراقبي ۾ ئي هڪل ڏکري يعقوب فقير کي سڏ ڪيو (يعقوب فقير سچل سائين جو خاص خدمتگار هو). اتفاق سان ان رات يعقوب فقير اُتي حاضر نہ هو ان ڪري فقير صاحب نهايت عجز سان گذارش ڪئي، سائين، يعقوب فقير تہ حاضر ڪونهي، باقي سندس پٽ يوسف حاضر آهي! (فقير صاحب، سچل سائين جي خاص خدمتگار هئڻ ڪري، پاڻ کي يعقوب فقير جو پٽ سڏڻ ۾ بہ خوشي ٿي سمجهي). فقير صاحب جي جواب کان پوءِ ڪجھ وقت ماٺ ٿي وئي. اڌ رات جو سچل سائين وري يعقوب فقير کي سڏ ڪيو. فقير صاحب وري بہ گذارش ڪئي: سائين، يعقوب فقير تہ حاضر ڪونهي، باقي سندس پٽ يوسف حاضر آهي. هن پيري بہ وري ماٺ ٿي وئي. رات جي پوئين پهر، سچل سرمست وري بہ يعقوب

فقير ڪي سڏ ڪيو هن پيري بہ فقير صاحب ساڳي گذارش ڪئي: هادي سائين، يعقوب فقير تہ ڪونهي، باقي سندس پٽ يوسف حاضر آهي.

ان پوئين هڪل ۾ سڏ تي، وري بہ يوسف فقير جو عجز وارو جواب ٻڌي سچل سائين فرمايو: اي يوسف. تنجر اندر هليو اچ.... ذات باري تعاليٰ توکي نوازي رهي آهي، منو محمد ڪارٽي بہ توکي نوازي رهيو آهي ۽ پيران پير بہ توکي نوازي رهيو آهي، تہ پوءِ سچل کي ڪهڙي طاقت آهي جو توکي نہ نوازي. فقير صاحب، حڪم ٿيڻ سان، با ادب و احترام ۽ تعظيم سان تنجر ۾ گهڙي ويو ۽ عجز و نياز مطابق، پنهنجي حال زار جون شڪر ادايون پيش ڪيائين. اهڙيءَ ريت فقير صاحب جي سچي سڪ، اڻٿڪ جدوجهد هٿي وچي هنڌ ڪيو ۽ ڪيس اها منزل ملي، جنهن جي ڳولا لاءِ هو ڏک ڏاڪڙا سهي. تڪليفون برداشت ڪري، ڪشالا ڪڍي، پنهنجي وجود کي وڃائي، هٿ پير هٽي رهيو هو. فقير صاحب پنهنجي مرشد سچل سرمست وٽان فيضياب ٿيڻ بعد، مرشد جي ئي قدمن ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو، تيئن تيئن فقير صاحب جو بحر وڏيڪ وجد ۾ ايندو ٿي ويو. ڪجهہ ڏينهن بعد سچل سائين فقير صاحب کي حڪم ڪيو تہ: اوهان پنهنجي وستيءَ ۾ وڃو! فقير صاحب عرض ڪيو: قبلہ سائين، هي ٻانهو تہ حضور جن جي قدمن ۾ رهڻ جو پياسي آهي، جهل مان مون کي هتي گهرايو آتو تہ مون کي پاڙ کان پاسي نہ ڪريو. بهرحال پنهنجي مرشد جي زور ڀرڻ تي فقير صاحب وري بہ موٽي اچي پنهنجي وستي ۾ رهيو.

فقير صاحب جي اچڻ سان اُتي هڪ وڏو شهر ٻڌجي ويو. ان جو نالو ابتدا ۾ ”رنگپور“ رکيو ويو، پر موجوده وقت ۾ اُن جو نالو ”فقير محمد يوسف جو ڳوٺ يا فقير صاحب جو ڳوٺ“ سڏيو وڃي ٿو. وستيءَ ۾ اچڻ بعد بہ فقير صاحب گهڻو وقت پنهنجي مرشد کان پري نہ رهندو هو. بار بار کيس پنهنجي مرشد جي اُڪير ٿيندي هئي ۽ هو مرشد جي قدمن ۾ وڃي حاضر ٿيندو هو.

## فقير صاحب ۽ خيرپور جا مير

درگاهہ درازا شريف خيرپور رياست ۾ آهي. ان وقت رياست جو والي مير علي مراد خان هو . جيتوڻيڪ ساڳي رياست جو روحاني بادشاهہ سچل سائين هو پر ظاهري حڪومت ميرن جي هئي. مير علي مراد خان بہ سچل سائين جو نهايت ئي ادب ۽ احترام ڪندو هو ۽ مشڪل ايام ۾ سچل سائين جي رهبري مان مستفيض ٿيندو رهندو هو.

هڪ واقعو آهي تہ هڪ ڀيري مير علي مراد خان کي ڪن ۾ ڏاڍو سور اچي پيو. گھڻئي دوائون درمل ڪيائين، پر ڪوبہ فرق نہ پيس. آخرڪار سچل سرمست ڏانهن ماڻهو موڪلي درمل جي درخواست ڪيائين. سچل سائين سيني حاضر فقيرن کي چيو تہ: اوهان مان ڪوبہ وڃي مير صاحب جي ڪن جي سور لاهڻ جو حيلو ڪري. ٻيو تہ ڪوبہ فقير ڪونہ تيار ٿيو البت فقير صاحب پنهنجي مرشد کان اجازت وٺي اچي، ڪوٽ ڏيجي ۾ مير صاحب وٽ پهتو. فقير صاحب اچڻ سان نڪا ڪئي هم نڪا تم، مير صاحب کي ڪن کان جهلي اهڙي تہ زوردار چماٽ هنيائين، جو هو مدهوش ٿي ڪِري پيو. فقير صاحب تہ چماٽ هڻي هليو ويو پر مير صاحب جڏهن هوش ۾ آيو تہ پاڻ کي تندرست ڏسي يڪدم فقير صاحب جي پڇا ڪئي. جڏهن خبر پيس تہ فقير صاحب خبر ڪانهي ڪيڏانهن هليو ويو تہ يڪدم هن جي تلاش ۾ ماڻهو موڪليائين. گھڻي جاکوڙ بعد مير صاحب جي ماڻهن ڏٺو تہ فقير صاحب هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي مراقبي ۾ ويٺو آهي. نوڪرن ڪيس مير صاحب ڏانهن هلڻ لاءِ عرض ڪيو پر فقير صاحب ڪين جواب ڏئي ڇڏيو. فقير صاحب جي انڪار تي مير صاحب ڏاڍو غمگين ٿيو. آخرڪار پاڻ، وقت جو حاڪم ٿي ڪري بہ، فقير صاحب وٽ هلي آيو ۽ سر تسليم خم ڪري، فقير صاحب جي قدمن ۾ ويهي اچي پنهنجي غم جو اظهار ڪرڻ لڳو. فقير صاحب سندن غمگساري ڪئي. اهڙيءَ طرح عجز ۽ نيازي جي عيوض فقير صاحب جي دعا سان مير صاحب جا سڀ ڏک دور ٿي

* ان دور ۾ رياست خيرپور جو والي مير علي مراد نہ بلڪ سندس وڏو ڀاءُ مير رستم خان هو. م.ب

ويا. هن فقير صاحب لاءِ ان ٽڪري هيٺان هڪ ڪوهه کوٽايو ۽ رهائش جو پڻ بندوبست ڪيائين.

ڪيترن اميرن وزيرن، مير صاحب طرفان فقير صاحب جي ايتري وڏي اعتراف، عزت افزائي ۽ عجز ۽ نياز بجا آڻڻ تي، مير صاحب کي چيو: ڇا فقير، ڇا اوهان جي بادشاهي!... ڇا اوهان جي عظمت. ڇا وري اوهان هڪ فقير جو ايڏو ادب ۽ احترام ٿا ڪريو! ان تي بروقت تہ مير صاحب خاموش رهيو پر پوءِ هڪ وڏي ڪچهري ڪرائي، انهن تعجب ڪندڙن کي پنهنجي ڪن جي تڪليف ۽ فقير صاحب جي چماٽ هڻڻ جو واقعو ٻڌايو. تہ سڀ حيران ٿي ويا ۽ خود فقير صاحب جي پهچ ۽ بزرگيءَ جا قائل ٿي ويا.

مرشد اڪمل جي فرمودي موجب فقير صاحب مير علي مراد خان جي ڪن جو سور ڇڏائي، ڪيس حضور حاصل ڪرايو. ان ڪري بادشاهي رسم الباب موجب ڪين ڪجهہ وقت اُتي ترسڻو پيو. ان بعد فقير صاحب اُتي پنهنجا فقير ڇڏي، پاڻ اسٽيشن گمبٽ کان هڪ ميل پري واقع حجمن جي ڳوٺ اچي رهيو. مير صاحب فقير صاحب جي رهائش لاءِ اتي بہ هڪ کوهہ کٽايو ۽ رهائش جو بندوبست ڪيو. فقير صاحب جي اچڻ ڪري، حجمن جي ڳوٺ کي جيڪا شهرت ۽ برڪت ملي سا اڄ تائين وڌندي ويجهندي اچي. ڪجهہ ڏينهن بعد فقير صاحب وري اچي سچل سائين جن وٽ حاضر ٿيو.

ان کان پوءِ رياست خيرپور جا سيئي مير صاحب، فقير صاحب جا معتقد ٿي ويا ۽ پڻ سچل سائين جا ڏن پير و مريد ٿيا. مير عليمراد خان، فقير صاحب جو ايترو ادب ۽ احترام رکيو ايندو هو جيئن هڪ ڪامل مرشد جو رکيو ويندو آهي. مير صاحب جي ادب ۽ احترام جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هو جڏهن بہ ٻيلي طرف گشت يا شڪار تي ويندو هو تہ فقير صاحب جي درگاهہ تي ضرور حاضري ڏيندو هو ۽ سو بہ ان طرح جو، فقير محمد يوسف جي ڳوٺ جي حد، يعني منگلن جي شهر کان گيدوڙي ڪڙئي وٽ پهچندو هو تہ پوءِ شاهي سواري ڇڏي، رومال سان پنهنجون ٻانهون ٻڌي، پيرين پيادو اچي فقير صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ۽

نياز بجا آڻيندو هو. مير صاحب وقت جو حاڪم هو. هن فقير صاحب کي ننگر لاءِ ستابہ جي ويجهو ۽ اڳڙن جي ڏکڻ طرف ڪچي ۾ زمين ڏني، جيڪا اڄ بہ فقير صاحب جا پويان سنڀاليندا اچن ٿا. ان کان سواءِ ٻيا ڪَي شاهي پروانا بہ فقير صاحب کي ننگر لاءِ ڏنا ويا. جيڪي پڻ سندس پوين وٽ محفوظ آهن. ڪن جو چوڻ اهي تہ مير صاحب. لاڙڪاڻو بہ فقير صاحب کي جاگير طور ڏنو هو. مگر وري واپس ڪري ورتو. جنهن ڪري فقير صاحب. مير صاحب ڏانهن انجام شڪني جو ڏوراپو لکي موڪليو هو.

## فقير صاحب ۽ حيدرآباد جا مير

رياست خيرپور ۽ حيدرآباد جا مير اصل ۾ هڪ ئي نسل ۽ بنياد سان تعلق رکن ٿا. پر انگريزن جي سياسي چالبازين هنن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري ڇڏيو. ان هوندي بہ هو هڪٻئي جو ادب ۽ احترام ڪندا هئا ۽ پاڻ ۾ متيون مائٽيون پڻ ڳنڍيل هين. مذهب ۾ پڻ ٻئي ڏريون شيعہ فرقي سان تعلق رکندڙ هيون. اهوئي سبب هو جو مير علي مراد خان ظاهر ٿي سچل سائين جي مريدي نٿي اختيار ڪئي. سچل سرمست بہ سڀ حال معلوم هوندي بہ. مير صاحب جي هر قول ۽ فعل کان واقف هوندي بہ. مير صاحب جي عزيزي لاڳاپن ٽٽڻ ۽ فساد پيدا ٿيڻ جي خيال کان، مير صاحب کي ازخود فقيري ۾ آڻڻ نٿي چاهيو: پر جڏهن حالات حد کان ٽپي ويا ۽ مير صاحب خود مشڪل ڪشائي چاهي، تڏهن ڪيس وڏي خوشيءَ سان فقيري آغوش ۾ آندائون.

جڏهن مير صاحب سڀ سانگا لاهي، سچل سائين جو ڏن پيرو مريد ٿي ويو ۽ اها خبر حيدرآباد توڙي خيرپور جي ميرن کي پئي تہ مذهبي خيال کان اها ڳالهہ پسند نہ ڪيائون. خيرپور جا مير تہ پوءِ رندي راز سمجهي خاموش رهيا. پر حيدرآباد جي ميرن مان مير واحد بخش خان، مير علي مراد کي لکي موڪليو تہ: اوهان ڪهڙا مت جا موڙهل آهيو جو شيعہ ٿي ڪري، حضرت عمر رضہ جي اولاد فاروقين جا وڃي ڏن پيرو مريد ٿيا آهيو! ان تي مير علي مراد کين لکي موڪليو تہ سچل سائين وڏو ڪامل اڪمل اهل الله آهي، سائنس رب تعاليٰ جو بہ وڏو قرب آهي، انڪري اهڙي امانت جي صاحب جا ڏن پيرو

مريد ٽيڻ ۾ ڪاب فڪر جي ڳالھ ڪانھي. مير واحد بخش وري لکي موڪليو تہ: جنھن فقير جي اوھان ايڏي تعريف ٿا ڪريو ۽ احترام ٿا بجا آڻيو، ان کي اسان ڏي ڏياري موڪليو تہ اچي اسان سان بحث مباحثو ڪري. پاڻ نہ اچي سگھي تہ پنھنجو ڪو خاص فقير ڏياري موڪلي. مير علي مراد سپ خط کڻي اچي سچل سائين جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. سچل سائين سموري مام پروڙي فقير صاحب کي حيدرآباد وڃڻ جو ارشاد ڪيو.

فقير صاحب مرشد رھبر جي ارشاد تي حيدرآباد جو سفر اختيار ڪيو. ھن سفر ۾ ساٿس مھوال فقير، ڏنڊين فقير ۽ ڪي ٻيا فقير بہ ڪنا ھئا. جيئن تہ ان دؤر ۾ سواريءَ جو ڪو انتظام ڪونہ ھو ان ڪري سيني فقير پيرين پنڌ روانا ٿيا. جڏھن حيدرآباد جي ويجھو پھتا تہ فقير صاحب جن جي طبيعت خراب ٿي پئي. جنھنڪري ھو اتي ئي ترسي پيو ۽ مير صاحبن ڏي ماڻھو موڪليائين تہ اسان سان اچي ملي وڃو. مير صاحبن نياپو آڻيندڙ فقير کي واپس ڪري ڇڏيو. آخرڪار، ڇو تہ مرشد جو حڪم ھو. انڪري فقير صاحب ساٿي فقيرن کي ساڻ ڪري، اچي حيدرآباد پھتو.

حيدرآباد جي ميرن کي جڏھن فقير صاحب جي آمد جي خبر پئي. تہ ھنن ڇا ڪيو جو ڪچھريءَ واري بنگلي جي ٻاھرين دروازي ھيٺان ٽن يارن (حضرت ابابڪر صديق رضہ، حضرت امير عمر رضہ ۽ حضرت عثمان غني رضہ جا اسم مبارڪ لکي، زمين ۾ پوري ڇڏيائون. فقير صاحب جڏھن ان دروازي تي پھتو تہ يڪدم ڇرڪ ڀري بيھي رھيو ۽ نعوذباالله پڙھڻ لڳو. ان بعد ان زمين ۾ پوريل نالا کوٽي ڪڍي چميائين ۽ پوءِ دروازو پار ڪري اندر ويو. فقير صاحب اندر پھتو تہ مير واحد بخش ٻين ميرن سان ڪچھريءَ ۾ مشغول ھو ۽ گپ شپ ڪري، ٺٺاڪون سٺاڪون ھڻي رھيو ھو. ھن فقير صاحب جي ڪاب آجيان نہ ڪئي ۽ فقير کي ڏسي بہ پنھنجي ڏاڙن ۾ لڳو رھيو. فقير صاحب صبر ۽ استقلال سان ڏسندو رھيو. جڏھن مير واحد بخش اھا ٺٺاڪ ھنئي تہ مون جھڙا شينھن اڄ تائين ڪنھن بہ نہ ماريا ھوندا. تہ فقير صاحب کي اھڙو تہ جذبو آيو جو اُتي جو اُتي شينھن بنجي، ميرن جي آڏو بيھي رھيو. فقير صاحب کي شينھن جي روپ ۾ ڏسي ميرن جون وايون بتال ٿي

ويون ۽ ڪو ڪيڏانهن پڇي نڪتو تہ ڪو ڪيڏانهن. مير واحد بخش جون بہ ڏاڙون ڀتاڪون سڀ ڇڏائجي ويون ۽ کيس پنهنجو موت اکين آڏو نچندو نظر اچڻ لڳو. ڪجهہ دير کان پوءِ فقير صاحب جو جذبو ماٺيڻو ٿيو ۽ وري اصل صورت ڏريائين. ڪجهہ وقت تہ ماٺ رهي، پر جڏهن مير واحد بخش ڪجهہ سامت ۾ آيو تہ فقير صاحب کي چيائين تہ: سنڌڙي شهباز جي آهي، هتي ٻئي ڪنهن جي ڪرامت ڪانہ هلندي اتي فقير صاحب کي بہ ڏاڍو جوش آيو سوچيائونس تہ: جيڪڏهن سنڌ شهباز جي آهي، تہ مان بہ ان جي در جو هڪ سگ ۽ غلام آهيان ۽ اهو خود شهنشاهہ جو حڪم آهي تہ غير جي حامين تي مارو مار ڪريو. ائين چئي فقير صاحب بنگلي کان ٻاهر نڪري آيو ۽ واپس درازن پهچي، اچي سچل سائين جي حضور ۾ حاضر ٿي سمورو حال عرض ڪيائين.

## فقير صاحب کي "نانڪ" لقب ملڻ

هڪ ڏينهن سچل سائين جن درگاهہ درازان شريف جي موجودهہ مسجد جي پنيان اولهہ طرف هڪ ٽلهي تي پنهنجن فقيرن ۽ طالبن سان ڪچهري ۾ ويٺي فرمايو تہ: اي فقيرو اسان ڪيترين ئي ٻولين ۾ توحيد جو تذڪرو ڪيو آهي پر هندي زبان ۾ ڪوبہ ذڪر نہ ٿيو آهي. اوهان مان ڪو هندي زبان ۾ توحيد بنسبت ٻڌائي سگهندو؟..... مرشد جو اهو امر ٻڌي، ٻيا تہ خاموش رهيا. البت فقير صاحب ادب سان اُٿي عرض ڪيو: قبلہ سائين، آءٌ ان ٻوليءَ تي ڪابہ دست رس تہ ڪونہ ٿو رکان، پر جيڪڏهن سائين جن جي مهر جي نظر ٿيندي تہ هي ٻندو پري نہ آهي. اهو جواب ٻڌي سچل سائين جن ڪجهہ وقت خاموش ٿي ويا. چند ساعتون ئي مس گذريو تہ فقير صاحب جي بدن ۾ جذبہ حيات جي اهڙي تہ ڪثرت اچي پيدا ٿي، جو سندس بدن جا وار بہ ڪانڊارجي ويا. مرشد جي دعا ۽ ڪمال سان فقير صاحب هندي زبان ۾ ڪيترائي چوپايہ شبد ۽ ٻاٽيون بلڪل صحيح هندي زبان ۾ اهڙيون تہ ٻڌايون، جو سڀ حيران ٿي ويا. فقير صاحب جي اهري جذبي ۽ هندي زبان ۾ ڪمال جو تذڪرو ٻڌائڻ تي، سچل سائين کيس "نانڪ" لقب عنايت ڪيو ۽ چيائونس تہ تون تہ ساڳيو نانڪ ٿي ويو آهين..... هاڻ بهتر آهي تہ تون

امرتسر وچي گرونانڪ جي گادي سنڀال، اُتي توڪي ڪاٻہ آزمائش اھنجي نظر نہ ايندي. فقير صاحب، نانڪ لقب ملڻ بعد مرشد جو امر اکين تي رکيو ۽ امرتسر جو سفر اختيار ڪيائين.

درحقيقت سچل سائين جو فقير صاحب کي امرتسر موڪلڻ جو مقصد ڪجھہ اھوئي ھو تہ جھڙيءَ طرح گرونانڪ ھندن ۾ مسلمانن جي مذھبي اصولن ۾ قانونن ۾ ترميم آڻي مسلمانن کي بدگمان ڪرڻ لاءِ مورچو ٺاھيو ھو اھڙيءَ طرح فقير صاحب جي اتي وڃڻ سان ڪافي غير مسلمانن کي اسلام ۾ آڻڻ جو ڪم آسانيءَ سان ٿي سگھندو.

## امرتسر جو سفر

فقير صاحب پاڻ سان حاجي عبدالله فقير، ڏنڊڻ فقير، بلو فقير ۽ الھداد فقير (جنھن کي "اُٺ فقير" بہ ڪري سڏيندا ھئا، ڇو تہ اڪثر ڪري ھر سفر ۾ اھو فقير صاحب سان گڏ ھوندو ھو ۽ سفر جو سمورو سامان پاڻ سنڀاليندو ھو). ساڻ ڪري امرتسر ڏانھن روانو ٿيو. عبدالله فقير، جنھن راوي مرحوم کي ھن سوانح ڪان آگاھہ ڪيو ان جو چوڻ آھي تہ فقير صاحب اسان سان ڪڏھن بہ ڪونہ ھلندو ھو. جدا ٿي ويندو ھو ۽ پوءِ وري ڏس ڏنل جاءِ تي اسان سان اچي ملندو ھو.

ھڪ ڀيري ھڪ اھڙي شھر ۾ اچي لٿا، جتي جا ماڻھو ھڪ ئي تلاءُ مان پاڻي ڀيئندا ھئا. پر جڏھن فقير اتان پاڻي ڀرڻ ويا تہ کين پاڻي ڀرڻ جي اجازت نہ ملي، اتي فقيرن پريشان ٿي اچي سڄي ماجرا فقير صاحب کي ٻڌائي. فقير صاحب ھڪ سائي شيءِ ھنن کي ڏني تہ وڃي تلاءُ ۾ وجھي ڇڏيو. ان شيءِ جي ڪري سڄي تلاءُ جو پاڻي سائو زھر ٿي ويو. اتي شھر جا ماڻھو نھايت پريشان ٿيا ۽ اھا ڳالھہ شھر جي حاڪم تائين پھتي. ڪاٻہ ڳالھہ سمجھہ ۾ نہ آين. آخرڪار ان نتيجي تي پھتا تہ اھو سڀڪجھہ فقيرن کي پاڻي ڀرڻ ڪان منع ڪرڻ جو نتيجو آھي. پوءِ تہ شھر جو حاڪم فقير صاحب اڳيان اچي پيش پيو معافي ورتائين ۽ فقير صاحب جي ڪرامت ڪان متاثر ٿي سندس مريد ٿي ويو.

عبدالله فقير جي چوڻ موجب هي قافلو اُتان روانو ٿي اچي لاهور شهر جي ٻاهران منزل انداز ٿيو. جيئن تہ سفر جو سيڌو ختم ٿي چڪو هو ان ڪري اُٿ فقير هڪ ٻئي فقير سان گڏجي شهر مان سيڌو وٺڻ ويو. رستي تي اُٿ فقير کي هڪ ريشمي رومال پيل نظر آيو جيڪو هن کڻي مٿي تي ٻڌي ڇڏيو. ٿوري دير بعد هڪ دوڪان تان هن سيڌو خريد ڪري رهيا هئا تہ ايتري ۾ پوليس اچي هن کي قابو ڪيو تہ اوهان وٽ چوريءَ جو رومال موجود آهي، ان ڪري اوهان چوري ڪئي آهي. هنن گهڻئي صفائي پيش ڪئي، پر پوليس کين وٺي وڃي بند ڪري ڇڏيو. فقير صاحب کي جڏهن اها ماجرا معلوم ٿي تہ هو مراقبي ۾ هليو ويو. ٿوري دير ڪان پوءِ آسمان تي بادل پرجي آيا ۽ ايتري تہ برسات پئي جو مسلسل 8_10 پهر وسندي رهي. سڄو شهر پريشان ٿي ويو. آخر سڀ ان نتيجي تي پهتا تہ شهر ۾ ڪو اهڙو قصور ٿيو آهي، جنهنڪري هي الاهي ڏمر نازل ٿيو آهي.

آخرڪار شهر جي واليءَ کي بہ گرفتار ڪيل فقيرن جي معاملي ۾ ڪجهہ شڪ نظر آيو. سو پڇا ڪري اچي فقير صاحب جن اڳيان پيش پيو ۽ معافي ورتائين. تڏهن برسات بند ٿي. شهر جي واليءَ فقير صاحب کي قرآن شريف جي آيتن سان هڪ چوغو بہ تحفي طور ڏنو.

آخرڪار هي قافلو اچي امرتسر پهتو. فقير صاحب بہ امرتسر پهچي نهايت دليري ۽ الاهي جذبہ حيات سان اچي گرو نانڪ جي گاديءَ تي ويٺو. فقير صاحب جي گاديءَ تي ويهڻ سان هندو لوڪن ۾ ٽرٿلو پئجي ويو ۽ هو حيران ۽ پريشان ٿي ويا تہ هي ڪير آهي؟... هن کي ڪجي تہ ڇا ڪجي؟ جيتوڻيڪ هندو لوڪ هزارين هئا ۽ هي فقط پنج ڄڻا. تہ بہ هو هنن جو وار بہ ونگو نہ ڪري سگهيا ۽ فقير صاحب صبر ۽ استقلال سان گادي تي ويٺو رهيو ۽ اصل هندي واڻي /ٻاڻي جو ورد ڪندو رهيو. آخر هندو هڪ ميڙ ڪري فقير صاحب وٽ پهتا ۽ ڪانئس حقيقت حال پڇيائيون. فقير صاحب کين نهايت شجاعت ۽ دليريءَ سان چيو تہ آءٌ اوهان جو گرونانڪ آهيان اچو تہ اوهان کي ارٿ ڪرايان. بلڪل گرونانڪ جيان ارٿ ڪرڻ بعد هندن ۾ وڏيڪ ٽرٿلو پيو. ڇو تہ هڪ طرف کين فقير صاحب واقعي گرونانڪ پئي

## فقير صاحب جي موج ۾ الستي ڏن جا منظر

فقير صاحب کي جذبہ حيات ۾ ڏاڍي موج ايندي هئي. ايتريقدر جو موج ۾ سندن وار بہ اُڀا ٿي ويندا هئا. مٿي تي جيڪا ڪلاه هين سان پڻ تحريڪ ۾ اچي ويندي هئي. سچل سائين جي طالبن مان هي واحد طالب هو جيڪو موج ۽ مستيءَ ۾ بي انتها مستغرق ٿي ويندو هو. ڪيترا ڀيرا تہ ان موج ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جي غيرپائيدار اصليت کي ڦيرائي راهہ راست تي آڻي ڇڏيندو هو. غلام حيدر فقير ان جو وڏو مثال آهي، جنهن جو ڪردار نهايت غلط هو پر فقير صاحب موج ۾ اچي ان کي اهڙو تہ بدلائي ڇڏيو. جو اج فقير غلام حيدر بروچ جي هڪ وڏي خانقاهہ آهي ۽ سندس تڪبير توحيد جي هرهڪ نقطہ کان تسليم شده آهي.

هڪ ڪيمياگر حيدر شاهہ خيرپور رياست جي مير علي مراد خان وٽ آيو ۽ اچي چيائين تہ مان اصل ۾ وڏو ڪيمياگر آهيان. فقير صاحب کيس چيو تہ پهرين تون اسان جي مرشد رهبر کي ڪيمياگري ڏيکاري اچ پوءِ اسان توکي تسليم ڪنداسون. حيدر شاهہ جڏهن فقير صاحب وٽ پهتو تہ فقير صاحب موج ۾ اچي اهڙو تہ ڦيرو ڦيرايس جو حيدر شاهہ جي ڪيمياگري هميشہ لاءِ موڪلائي وئي. اهو حال ڏسي حيدر شاهہ فقير صاحب جن جو اهڙو تہ معتقد ٿي ويو جو پوءِ ساري عمر فقير صاحب جن سان ڪنو رهيو ۽ جو پوءِ آخرڪار وفات بہ فقير صاحب جن وٽ ڪيائين. سندس تربت اڄ بہ فقير صاحب جي مقام ۾ صحيح سالم بيٺل آهي.

هڪ ڀيري فقير صاحب جو تنبي مستي ۾ وڃڻ ٿيو جڏهن بازار مان وڃي رهيو هو تہ اوچتو بازار ۾ وجد ۾ اچي ويو. وجد ۾ ايندي ئي وچ بازار ۾ هي ڪلام چوڻ لڳو:

ٿلهہ: وهہ واهہ ويکا هي اسرار برهہ بازار تماشا پل پل ڪا وهہ وا.
جيءَ مين جاون بلهار هماري يار حسن ڪي جهل جهل ڪا وهہ وا.

1. مين پيتا جام شراب هويا بيتاب نشي ۾ خواب غرق در هون.
جيئن پونرا ۾ گلزار مقيد دار زلف ڪي سل سل ڪا وهہ وا.

2. اي عشقي ڪا احوال، خدائي خيال، سو برحال بياناٿون،
جيئن ڇاتي ۾ چمڪار برھ ٻڙڪار، اگر دل جهل جهل ڪا وھ وا.
3. ايسا هي شهزور، انا احد گور، درد ڪا شور، دل اندر مين،
جيئن شاھ منصور سوار اپر سردار، چوگان ۾ چل چل ڪا وھ وا.
4. گم ڪر هستي ڪا ڪوٽ، جسم ڪي اوٽ، چلا دم چوٽ، صفاتي سين،
پيچي ديکين يوسف يار، سدا ديدار، صفا ۾ ال ال ڪا وھ وا.

وچ بازار ۾ وجد ۾ اچڻ ڪري فقير صاحب جي چوڌاري ماڻهن جا انبوھ گڏ ٿي چڪا هئا. ايتري ۾ شهر جو ڪاردار خان محمد خان گهوڙي تي چڙهي اچي اتان لانگاھو ٿيو. ماڻهن جي انبوھ ڪري کيس لنگهڻ جو رستو نہ مليو تہ بيزار ٿي دل ۾ چوڻ لڳو تہ: مير صاحب بہ ڪهڙو نہ چريو آهي جو ههڙي چرئي جو وچي مريد ٿيو آهي! فقير صاحب آخري مصرع تي ڪاردار جي دل ۾ دهرايل اهي لفظ ٻڌي ڪاردار ڏانهن متوجہ ٿيو. سندن وجد جي حالت ۾ ڪاردار ڏانهن صرف توجہ ايترو اثر ڪيو جو گهوڙي تي چڙهيل ڪاردار يڪدم وچي هيٺ ڦهڪو ڪيو ۽ بيهوش ٿي ويو. جڏهن سجاڳ ٿيو تہ سندس اهڙي حالت هئي. جو سڄي عمر مستي ۽ مجذوبيءَ جي حالت ۾ گذاريائين. سندس چپن تي هر وقت مٿئين ڪلام جي آخري مصرع هوندي هئي.

## فقير صاحب جا هم صحبتي ۽ طالب

فقير صاحب جا هم صحبتي هئا: يعقوب فقير جتوئي، شير علي فقير پنهيرو، فقير قادر بخش عرف بيدل فقير روهڙي وارو، گهرام فقير جتوئي، محمد صالح پيو دونهي وارو، محمد صديق، حاجي عثمان چاڪي، فقير محمد صالح لاڙڪاڻي وارو، چنيه فقير کهڙن وارو، مخدوم عبدالخالق کهڙن وارو، شادي فقير عرف شادي شهيد ۽ ٻيا.

فقير صاحب جي خاص طالبن ۾ بي انداز طالب شامل آهن. خاص ڪري جبلاتي طرف ۾ تہ يوسف فقير يا نانڪ يوسف جو نالو وٺي هزارين ماڻهو پنهنجي طلب جو مجرو ملهائي ڏيکاريندا آهن. ان هوندي بہ خاص

ايترو واقف ٿو ڏسجي جو پنهنجي شعر ۾ بنهي جو وجود هڪ بئي کان الڳ نٿو ڪري. هڪ هنڌ فرمائي ٿو ته:

دلبر درد عشاقان نون گهٽ گهٽ ڏيندي، گهٽڪي
غرق ٿيندي وچ درياهه وحدت ٽبڪي مارن،گهٽڪي
فوج حسن دي يار چڙهائي چوهئون لائي، چٽڪي
ٽپ ٽپ گوته کا ڪر آڻن موتي ماڻڪ. مٽڪي
معشوقان دي چال عجائب ويک نه لٽڪي، لٽڪي
نانڪ يوسف ديدار سهڻل دا دم دم جهٽڪي، جهٽڪي.

بئي هنڌ چيو اٿن:

عشق هي بادشاه دلين دا. حسن جهيندا ماري
فوجان فوج حسن دي دل تي، لڙدي نين شڪاري
زلف دلين تون قيد ڪريندي، ڪيندي ڪيبر ڪاري
نانڪ يوسف در دلبر دي، ڪيئي عاشق هن پلهاري.

ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته فقير صاحب کي حسن لاءِ ڪيتري نه عزت آهي ۽ سندس ذوق ڪيترو نه بلند آهي. عشق جي بادشاهيءَ مٿان حسن جي بادشاهي تسليم ڪري ٿو فقير صاحب، جي اعتقاد موجب حسن ربي ۽ حسن عربي هڪ ئي آهي. ان باري ۾ پاڻ تصديق هن ريت ڪئي آهيس:

جيسي صورت عين ڪي، ويسي صورت غين
نانڪ نڪته دور ڪرو تو وهه عين ڪائي عين

فقير صاحب جي شعر ۾ اعليٰ خيالي ۽ نازڪ خيالي وڏي وجود سان پيش ٿيل آهي. فقير صاحب جي خيالن ۾ نماڻائي، نياز ۽ ادب براءِ ادب جو پورو پورو حوصلو ملي ٿو. جيئن هڪ هنڌ چيو اٿن:

بخشڻ هار تون هين بخشيندين بديان لک بدڪارا نون
لاتقنطو من الرحمة الله توڪل گهنگارا نون
توبن اور نه پڇندا ڪوئي عاجز عيبدارا نون
نانڪ يوسف رحم رب دا هووي جو دامن دا ننگ يارا نون.

فقير صاحب همہ اوست وحدة الوجود جو قائل هو. پاڻ ان حقيقت کي جنهن نرمي ۽ احسن لحاظ سان پيش ڪيو آهيس، ان جو اندازو سندس هن ڪلام مان لڳائي سگهجي ٿو:

ٿلهہ: عاشق پاڻ وسار، تون تان جو آهين سو آهين

1۔ عرش ڪنون ٿي آدم آئين
بيرنگو رنگي پوش بنائين
دستؤن ديؤ اُذار
تون تان جو آهين سو آهين.

2۔ واحد وحد وحيدؤن توهين
آدم حوا نالو ڏونهين
هيءَ تہ بازاري جي بازار
تون تان جو آهين سو آهين

3۔ سچڻ سانگي سانگ ٿي آيو
رنگ جوڙي تان انگ پرمايو
آهي دم اهوئي ناچار
تون تان جو آهين سو آهين

4۔ نانڪ يوسف يار نظارو
اندر پاهر عشق اوتارو
قسم سچي دربار
تون تان جو آهين سو آهين.

فقير صاحب عالم باعمل هو. سندس ڄاڻ تمام وسيع هئي. سرائڪي ٻولي تہ سندس آبا و اجداد جي ٻولي هئي. بلوچي ٻولي پڻ ڪثرت سان ايندي هيس. ازانسواءِ فارسي، عربي، سنسڪرت، هندي ۽ اردو ٻولين ۾ چڱي واقفيت حاصل هيس. فقير صاحب انهن سڀني ٻولين ۾ بخوبي شعر بہ چيا آهن ۽ انهن ۾ انهن ٻولين جا محاورا پڻ نهايت سليقي سان ۽ بخوبي استعمال ڪيا اٿس. فقير صاحب جي شعر مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هو

”علم لدني“ جو پڻ صاحب ڪمال هو ڇو تہ سندس ڪلام ۾ توحيد جي تنوار ۽ عشق جي پُرلطف آواز نظر اچي ٿو اهو پڻ فقير صاحب جو ڪمال آهي جو جنهن جنهن ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي اٿس، تنهن ٻوليءَ ۽ ٻوليءَ جي بزرگن جي تاريخ جا بہ ڪيئي واقعا ۽ حوالا چٽي ڇڏيا اٿس.

فقير صاحب هر شعر ۾ هڪ ماهر نقاش جيان ماحول ۽ وقت جا نهايت عمدگيءَ سان نقش چٽيا آهن. جيڪڏهن سسئي جي وڇوڙي جو ذڪر ڪيو اٿس تہ وڇوڙي جي حالت جي تصوير هڪ طرف پيش ڪئي اٿس تہ وڇوڙي ۾ جيڪا انساني ڪرمش نمودار ٿيندي آهي، اها پڻ پيش ڪئي اٿس. جيڪڏهن ڏونگر ڏورڻ جي تصوير پيش ڪئي آهيس تہ ڏونگرن ڏورڻ جي تڪليفن سان گڏ ان تڪليف موجب انسان جي ذهني حالت بہ پيش ڪئي اٿس. اهڙيءَ طرح سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، ليليٰ مجنون، سورٺ ٻيجل، شيرين فرهاد، عمر مارئي، مومل راڻو نوري ڄام تماچي ۽ هير رانجهي جو مقرر محاڪات نما رخ پيش ڪيو اٿس. اتي دلبر جي هرهڪ نشونما ۽ احسنِ حسن جون تصويرون پڻ سهڻي ارتقا موجب پيش ڪيون اٿس، مثال طور:

ٽلهہ: ڪيس ٿيو گلال لعل، چشم تو جمال لعل، عاشق پيئي پيئي نهال ڪاري هو پچڪاري.

1. لوڻي لب تو لعل خال، آهو عينت غزال، پروان پون لعل چمڪت چمڪاري.
2. ديکن ۾ ٿيو جمال، خال خال لعل لعل، ورن تو خصال لعل چالي چلڪاري.
3. لعلي هٿ نال لعل، تيراهي رخسار لعل، موتي مرجان لعل ڏند مسي نڪاري.
4. نانڪ يوسف دو لعل، عين سين بول لعل، شملا سر سرخ لعل پيچ پيچ ڪاري.

يا وري سندس هي ڪلام بہ نقاشي جو هڪ سهڻو مثال آهي:

ٿلهہ: درد حسن ديوان ڪيوسي، پلا يار۔ مؤج انهيءَ مستان ڪيوسي
1. مرڪ ڏسي محبوب مئي جي، پلا يار۔ جان جسم قربان ڪيوسي
2. مدد علي شاهہ مرشد عادل، پلا يار۔ عشق سندو فرمان ڪيوسي
3. هي سر سوريءَ اتي حاضر، پلا يار۔ نينهن نظر نيشان ڪيوسي
4. نانڪ يوسف يار سدائي، پلا يار۔ سر صحيح سلطان ڪيوسي.

فقير صاحب، طالب۔ مطلوب، مرد۔ عورت، حقاني طلب، دلبر جي ديدار، نفس ۽ شيطان جي قريبن جا موضوع، پڻ جنهن طريقي ۽ سليقي سان پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيا آهن، سي سندس صحيح شخصيت جو مول ٻڌائن ٿا. هڪ ٻيو ڪلام نموني طور پيش آهي:

ٿلهہ: پلي پلي جا ياڻ آئي
سا پي تہ نہ پلي يارا
1۔ آدم حوا اول پولا، پوءِ پولا نئساري
عشق پرولي پرجهڻ هي تامعنيٰ سمجهڻ ساري
هو جا وريتي وٿاڻ آئي
محبت مؤن تہ چلي يارا.
2۔ داٽي ڪيڏو درد اتاريو، ڦٽي ٽيئڙا ڦارون سي
وچڙيا وري واحد ميڙيا، ٽيڙا هڪ هڪارون سي
هو جا ريجهي منجهہ رهاڻ آئي
چاهہ منجهارون چلي يارا.
3۔ تنهن پوءِ پير پيغمبر ٽيڙا، نالا ذاتيون ظاهرني
شاهہ ٿيا بادشاهہ گدائي، قادر هر ۾ قاهرني
هو جا رسي منجهہ رساڻ آئي
ڳالهہ ڳجهي تان کلي يارا.
4۔ ٻارڻ ٻريو عشق منجهارون، ذات فقير نماڻوني
يوسف يار ٻهانو جوڙيو ڪٽڪ سندو تان داٽوني
هو جا سرتيون منجهہ سجاڻ آئي
سا هادي ساڻ هلي يارا.

ٺلهه: اج پرين جا پيغام، خاطن خبرون خير سٺايو

1۔ طلبت نامون پاڻ مڪائون، ڏس ڪرم ڪريم ڪلام
واهه واهه عشق واڏايون آيون.

2۔ ڪرم ڪمينن سان پاڻ ڪيائون، هو جي صاحب حڪم حڪام
ڏس تان ليئڙو ليئڙو پايون.

3۔ آن تان هيڙس ڪينڪي وهه، سهٽي لکي سترام
واچون ورهي مينهن وسايون.

4۔ فوج فراقن واهه وصالون، ڪفر ڪاٽي اسلام
عشق پڪارون نئون نئون لايون.

5۔ ڪيم تياري طرف تنين جي، سرتيون جن جي سام
تن جون مون سان لک پلايون.

6۔ نانڪ يوسف يار ڪتابون، شڪر نبي هر نام
اينوين ديدان دوست پسايون.

فقير صاحب جي ڪلام ۾ تخيل جو عنصر پڻ وڏي حوصلي سان پيش ٿيل آهي. فقير صاحب، سنڌ جي بين بزرگن کان ڪجهه نرالي طرح تخيل پيش ڪيو آهي، هن علم تخيل جي توصيف ڪندي، مرشد رهبر جي تخيل سان پاڻ کي خود نيازمند بنائي، دلبر جي اخلاق محموده وارو تخيل زياده تر پيش ڪيو آهي، جيئن ته:

1۔ اگن لڳي چت نيهن پرم ڪي ويڙهه ليا رم رم سين
بي رنگ بي اختيار اصل هي پريو باهم تم سين
بوجهه اپن ڇهه سوجهه رسن تو بوجهه ويکو رم جهم سين
نانڪ يوسف گر ڪرپا پائي عشق آيا ڏم ڏم سين.

2۔ پر ڏو ڏو ڏام اڏم اڑاهون ماريا نيهن نغارا هي
اگهم نگهم سڏ پائي ريسن تو جو پر گهٽ پرم پسارا هي
اولا پولا پرم چليا اٿ پايا رام ڪي را را هي
راون سرت پڙي سرجن ڪي مت گيا سڪل انڌارا هي.
ساڌ سنگت اقرار ابوجهو زاري پنٿ نيارا هي
من سين چرن ليو گر ديوان جو نانڪ يوسف يار سڏارا هي.

3ـ تين لوڪ ڪي بوجهه پڙي ست سنگت گرديو مارا هي
ڪايا مندر مايا انتر بيک جو منگدا کيل کلارا هي
ٻاوا نانڪ يوسف بن گر ديوان اور نہ ناڪر دوارا هي.

4ـ پر نانڪ دوارا دور ڪرو جو گنگر مندر ڪا گوڙ
گنگا جمنا ڪاشي آءِ واپرم پيا مئين ٻوڙ
ڪهتا ڪها جو پرم بناوا لوڙهہ اگن در چوڙ
نانڪ يوسف دوستي گرواندي دم دم جوڙ ولوڙ.

فقير صاحب جي ڪلام ۾ جمال جو مشاهدو پڻ وڏي مرتبي سان پيش ڪيل آهي، جمال طبعي، جمال جسماني، ۽ جمال اخلاقي و جمال روحاني نهايت خوبصورت ڪناين سان نظر اچن ٿا، جيئن تہ:

ٿلهہ: آهي عشق حسن اسرار يارـ لکين هزارين نيهن نهوڙيا

1ـ هينئڙي حيرت حال انهيءَ جيـ ڏکن دردن جال انهيءَ جي
ڏس رمزن جون رمتار يارـ يار سهڻي سهڻا کهڙا جوڙيا

2ـ نور نبي جو مور مهانديـ ڳڻ جنهين جا ڳالهيون ڳاندي
اٿي وڻ وڻ ۾ ويچار يارـ پر ٻيائي ڏس جو عالم ٻوڙيا

3ـ علم عمل جون عقلي باتانـ باب نہ ڪوئي سوئي ماتان
ري سمجهڻ ڪوڙ ڪفار يارـ هي سڀ هٽڙي هرڪنهن چوڙيا

4ـ آل نبي اولاد علي جوـ آهيان گداگر تنهن ڳليءَ جو
ڪل جنت جو جنسار يارـ جتيءَ سندن توَن ٻئي جڳ گهوريان

5ـ حق سچي تلقين هاديءَ جيـ فتح مبارڪ مون مهديءَ جي
چمان فقر سندس پيزار يارـ دين دنيا جا مون چمڙا توڙيا

6ـ شور عاشقن حال حقيقيـ پير مغان سرخال رفيقي
وه شهہ منصور عطار يارـ ختنگ جنهين سر اگهورن گهوريا

7ـ نانڪ يوسف يار سدائيـ چئني يارن هڪ هيڪڙائي
آهي ستگر سڀ ديدار يارـ هٿ هٿ محبت مالڪ جوڙيا.

فقير صاحب جن جي جمال جي مشاهدي جو حقيقي سبق هن شعر مان بخوبي عيان ٿئي ٿو:

نانڪ نينهن سچي گر پياري ڏمان ڏمر مچائي هي
اناحد نوبت زور وڪيندا خاصون خاص خدائي هي
يوسف يار مريندا نعري جهلنا ڪيا ڪوئي جهلنا هو جهلنا!

فقير صاحب ڪيترن ئي ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي. پر هرهڪ ٻوليءَ جي مدارت تي شعر پڙهيو ويندو تہ هرهڪ حالت ۾ فصاحت جو وجود نهايت سليس ۽ سهڻي ٻوليءَ ۾ نظر ايندو: جيئن تہ:

ٿلهہ: چاڪر اسان هون۔ نوڪر سڄڻان دي ناز دي
دستور ڪيهي ڪيهي۔ رمزان دي راز دي

1۔ ويکو نينان نظاري۔ ڳجهڙي ڏيون اشاري
عاشق عشاق پياري۔ سوليءَ دي ساز دي

2۔ ويکو نينان ديان موجان۔ ڪر آنديان فوج نوجان
اکياندا عشق اوجان۔ غمزي غيماز دي

3۔ ڪر گهور دل ڪسينديءِ۔ نئين عشق ۾ بسينديءِ
سانگا سولي ڏسينديءِ۔ ڏيندي گداز دي

4۔ نانڪ نماڻا مارن۔ نينان نهين گذارن
يوسف يتيم يارن۔ نخري نياز دي.

فقير صاحب جي ڪلام ۾ فصاحت سان گڏوگڏ بلاغت پڻ سمورين حقيقتن ۽ سخنن سان پيش ٿيل آهي. سسئي جا سور هجن يا مارئي جي ملولائي، نوريءَ جو نياز هجي يا مومل جو مجاز. فقير صاحب انهن جو ذڪر ڪندي سندن سڪ، محبت، سچائي، سور، درد. ڏاکڙا، حجتون ۽ حقيقتون نهايت ئي چٽيءَ طرح ۽ وڻندڙ نموني، ڪماليت سان پيش ڪيون آهن. مارئي متعلق هن ڪلام مان فقير صاحب جي بلاغت جو ڪمال پليءَ پٽ بکي ٿو:

ٿلهہ: ماروئڙن سان، مارن سان، ٻڙي جيڏيون منجهہ پهہ پاهت

1۔ ڪنييون ڪائيندس ڪيت مان، مڙين ملڪ ملهير ڙي جيڏيون
پسيون ڏورا ڏيهہ جا ماکيون، منڙو ڪيرڙي جيڏيون۔ پاڻي رو پس پهت.

2۔ ايندا ايندا لوءِ لو پيچي قيد ڪلا ڙي جيڏيون
پاڻ سجاڻي ٻرين منهنجو مون ۾ لک گلا ٻڙي جيڏيون۔ ساهہ گهوري سو اُت

3۔ خوب ڪتي مون ڪنهنجي لاڪيٽو رنگ لال ڙي جيڏيون
پن زيور زر بافتا، عمر ماڙيون مال ڙي جيڏيون۔ ساهه ڪين سين سچ ست
4۔ بنديائي ڪي بند ۾ آهي، آس الله ڙي جيڏيون
موڪ مسڪين جو جنهن ۾، سهو گناهه ڙي جيڏيون۔ خوشي ايندو خط
5۔ سي ڪندا وراهڙو آهيان، جن جي سار ڙي جيڏيون
نيندا يوسف نال مون، محب منا منجهه نام ڙي جيڏيون۔ هتي هسندو گته

فقير صاحب جي ڪلام ۾ فصاحت ۽ بلاغت سان گڏوگڏ سلاست جو جز پڻ نهايت نمايان نظر اچي ٿو. پاڻ پنهنجي هر بوليءَ ۾ ڪيل شاعري ۾، هر بوليءَ جا نهايت سادا ۽ سلوڻا الفاظ استعمال ڪيا اٿس. اهوئي سبب آهي جو فقير صاحب جي ڪلام مان هر نقطو سچائيءَ ڪي قريب تر نظر اچي ٿو، مثال طور:

قادر مون ۾ عيب مڙوئي۔ جيهي چو آئون تيهڙي آهيان
سندن گولين جي گولين جي۔ جوڙ جتن جي نه جهڙي آهيان

پير مغان جي در تي دم دم۔ عاشق هنجڙئون هار
درد قبول ڪرين دلبر جو۔ ٻي سڀ ڪوڙي ڪار.

فقير صاحب جي ڪلام ۾ جدت پڻ نظر اچي ٿي، پاڻ اهڙن مضمونن تي پڻ شاعري ڪئي اٿس، جن تي اڳي ڪنهن به طبع آزمائي نه ڪئي هئي. ساڳئي وقت فقير صاحب جي ڪلام ۾ بندش پڻ وڏي احتياط سان پيش ڪيل آهي. صحيح ۽ سالم اُچار ۽ ان سان گڏ لفظن جو ميناج ۽ موزونيت پڻ حد ڪمال تائين نظر اچي ٿي. هرهڪ مضمون جي بلندي ۽ بندش سندس هرهڪ شعر ڪي صحيح ۽ سادو بنائي ڇڏيو آهي، جيئن ته:

اديون اڪبر طالع تن جا۔ محبت ۾ جي مڙهيون
ڪربلا ۾ قرب انهن ڪي۔ عشق الله جيءَ جڙيون

نانڪ يوسف يار جون جوڙان۔ جوڙي پاڪ پيارو
ڏوهه ثواب ۾ سهڻو سڀ سان۔ ڪيڏي ڪيڏ ڪيڏارو.

فقير صاحب جي ڪلام جي شائستگي اعليٰ نظر اچي ٿي. فقير صاحب جو زياده تر ڪلام علم عروض جي پابندين کان آزاد آهي، ڇو ته اِن وقت اِجا ايراني يا عربي شاعري جو اهڙو محاورو موجزن نہ ٿيو هو. البت فقير صاحب واري وقت ۾ شعر علم موسيقي جي وجود مطابق ڇيو ويندو هو. حضرت شهباز قلندر، پٽائي گهوٽ ۽ سچل سائين جو ڪلام پڻ ان ڪري ڪافي حد تائين علم عروض جي پابندين کان آزاد آهي.

فقير صاحب پنهنجن اقبال خيالن جي مدنظر غم، خوشي، راحت، حيرت، حسرت، ڪرمش، ڪاوش، اصل، نقل، فصل، موجبات ۽ جذبات وغيره جون جيڪي جيڪي ڪيفيتون بيان ڪيون آهن، سي اهڙن تہ تز لفظن ۾ پيش ڪيل آهن، جو پڙهندڙن ۽ پرجهندڙن جي دلين ۾ ساڳيا اُمنگ ايريو اچن. جيئن تہ:

ٿلهہ: ڪيي برهہ بدنام سارا، ڪب وت شاهي نعرا ـ ڪفر ڪيي اسلام ديان ڳالهيان

1 ـ ڪب وت جان جسم دم ناهين، آپن آپ نظارا ـ ترڪڻ بازي اي جڳ پائي سارا ڪوڙ پسارا

2 ـ صاحب سنگ رکو هڪ هادي، دل وچ دوست پيارا ـ ڪب وچ هوش ڪيي بيهوشي ڪب وت مست متارا

3 ـ ڪيي يتيم غريب نما، ڪب مسڪين بچارا ـ ڪب شاهنشاه خد دم ڪبهين حال گذارا

4 ـ يوسف يار دي عشق ديان رمزان، نانڪ حشر دهہ هزارا ـ وچ وحدت هڪ نڪتہ سمجها هر دل عشق اوتارا

فقير صاحب جي ڪلام جا ٽي دور آهن. هڪ دوهرهہ جي وجود سان، انهن دوهرن ۾ بہ فقير صاحب علم موسيقي جو اصول برقرار رکيو آهي، يعني راڳ جي ارتقا موجب آوازن جي ڌگهائي ۽ گهٽتائي تي شعر جو صحيح قافيو ۽ رديف رچيو اٿس. هندي زبان جي مڪمل چاڻ سبب فقير صاحب جي دوهرن جي ترتيب ۾ هندي ڀاشا جي قاعدن مطابق دوها جو وجود پڻ رچيل آهي. فقير صاحب پنهنجي دوهرن جي رچول ۾ قاعدي موجب ماترائون استعمال ڪيون آهن ۽ اهو پڻ ثابت ڪيو آهي تہ دوهرا، يا دوها

بيشڪ هڪ اشعاري شاهڪار آهن. ٻوهرن جو رديف يا ڪافيو صحيح راڳن جو مغز آهي ۽ اهو رديف قافيو علم عروض مطابق شعر جو اصولي مواد آهي. فقير صاحب جي شاعري جو ٻيو دور ڪافين سان شروع ٿئي ٿو. انهن ڪافين جي وجوديت ۾ ائين پيش ڪيو ويو آهي ته پهريون مصرع جي اڌ ۾ قافيو مقرر رهائي، پويان رديف آڻي، سڄي ڪافيءَ جي ساڳئي قافيي سان نسبت رهائي پڄاڻي ڪئي وئي آهي. هي قاعدو سنڌي علم موسيقي جي ماجرا مطابق آهي، ان سان گڏ پاوشا وارن شبدن جو وجود به ائين پيش ڪيل آهي، ڪن ڪن ڪافين ۾ رديف جو تتبع سلڇيو رکيو ويو آهي مگر لفظن جي مصلب ۽ موزونيت علحده بيهاريل آهي. علم موسيقي ۾ اهڙي ڪافيءَ کي راڳ جو جمال تسليم ڪيو ويندو آهي، جيئن ته:

ٿلهه: هي تان آهي ڪير، سڄاڻج- تو ڪري گفتار توسان

1- اندر باهر الله مولي- ڪم ڪري تو سيئي سولا
ڏس شاهه جو شير- سڄاڻج....

2- جاڏي ڪاڏي صورت سهڻي- هادي حق جي مورت مهڻي
وهه دلبر يار دلير- سڄاڻج....

3- تون سين ۾ سڀ توسان- سهڻا ڪوجها پٽ ڪوئي سان
جو جهڙو ڏاهه ڏقير- سڄاڻج....

4- ذاتن ضربن ۾ تي آيو- خاڪ لائي تنهن پاڻ ڇپايو
هي تان ڦند ڪيائين ڦير- سڄاڻج....

5- نانڪ يوسف يار نه اولي- بي خبر جڳ پولو پولي
ڪيو مرشد تن کون مير- سڄاڻج....

فقير صاحب جي ڪلام جو ٽيون دور ڪلام يا ريخته آهي، جنهن ۾ قافيو سيني مصراعن صحيح آندل آهي، جيڪڏهن رديف آندل آهي تڏهن به ساڳيو پهرين وارو ان ۾ ڪابه تبديلي ڪيل نه آهي، علم موسيقي جي لحاظ کان اهڙو مقرر قافيو يا رديف راڳ جي ماتائي يا تيزي نمودا ڪندڙ آهي، جيئن ته:

## ريختہ

تلهہ: توري زلف زنجير۔ موري گل ۾ دام هي
تم ديد ۾ دم عيد۔ جما جم ڪا جام هي

1۔ ڏيني هين سج تراوت۔ نيڻن تو نيڻن مون
هم شربتي حيات و روغن بادام هي

2۔ منصب هي عشق عاشق۔ مقصود يڪ نگهہ
مجڪون بہ آستانہ۔ سجدهہ سلام هي

3۔ مصدر سن مکيہ تمهاري۔ نڪتن چہ لعل دُر
مشڪي ختن دهن تو۔ تاهم روم شام هي

4۔ اي دو حديث دلبر۔ ڪسني سڪائي هي
هم هنر تير اندازي۔ تو قمصام رام هي

5۔ چوٽي تجهي پون ديد مون۔ خنجر و ڪٽارا
بر سيني عشاقان۔ عشق ان ڏوم ڏام هي

6۔ درپيچ زلف نانڪ۔ يوسف تو آمدهہ
تڙ ڦڙ سين چوٽي ناهين۔ چوٽا ڪلام هي

هن ريختہ مان فقير صاحب جي جدا جدا اشعاري دورن ۾ جدا جدا پيش ڪيل ڪيفيتن جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.

فقير صاحب پنهنجي شعر ۾ تشبيهہ ۽ استعارن جو استعمال بہ نهايت سليقي ۽ نرمل ترتيب سان پيش ڪيو آهي. فقير صاحب جي ڪلام ۾ خاص خوبي اها آهي جو تشبيهن سان گڏوگڏ استعارا پيش ڪيل آهن ۽ استعارن سان گڏ تشبيهون. ان ڪري فقير صاحب جو ڪلام وڏيڪ پر جلال ۽ پرجمال ٿي پيو آهي. جيئن تہ:

قربان جان ڪرون مين تم ديدبان هو
گفتار تو رفتار بحق رام نام هي

ايسا نہ کس سي چوٽي جيسا نہ تمهاري نينون
خنجر ڪٽار پار تو هم وار دام هي

ڪونشن جي آئون ڪيرڙي آهيان
خاڪ پسم جي ڍيرڙي آهيان

نانڪ يوسف يار جي در جي
آهيڙيائي اهڙي آهيان

ميخانہ بتخانہ ڪعبہ گنگا ناڪر دواري جي.

مٿئين تشبيهن مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ فقير صاحب ڪهڙي سهڻي نموني شڪ شبي واريون حجتون دور ڪيون آهن ۽ ڪهڙي سليقي سان ان ۾ استعارن جو وجود پيهم ڪيو آهي. تشبيهہ ۽ استعاري جي وجود سان فقير صاحب تضاد جي صنعت پڻ استعمال ڪئي آهي. ٻن شين جي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ يا انهن ۾ تفاوت کي نمايان ڪرڻ لاءِ فقير صاحب اها صنعت استعمال ڪئي آهي. انهن کان علاوه فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ لف و نشر، ابهام، مراعات نظير، تجنيس خطي، مجاز مرسل وغيره جهڙين صنعتن تي پڻ روشني وڌي آهي.

## فقير صاحب جي وفات جي تاريخ

فقير نانڪ يوسف عرف سنڌ جي يوسف جي جنم جي تاريخ ڪٿان بہ نہ ملي سگهي آهي. فقير صاحب جو جنم جهل شهر ۾ ٿيو هو. جيئن تہ اهو شهر خيرپور رياست کان ٻاهر آهي ۽ ان طرف اهري آمدورفت بہ ڪانهي، انڪري ڪا معلومات نہ ملي سگهي. فقير صاحب، هڪ وڏي بزرگ مرحوم مولوي محمد هاشم جو هڪڙوئي پٽ هو. انڪري سندس جنم جي تاريخ يقيناً داخل هوندي. پر جڏهن تہ فقير صاحب ان نشونما کي ڇڏي ٻي منزل واري نشونما ۾ داخل ٿيو تہ سندس والد بزرگوار واريون ڪليل حقيقتون ۽ صحبتون بہ ڇڏي ڏنائين. انڪري بہ صحيح جنم تاريخ نہ ملي سگهي، بهرحال اندازو آهي تہ فقير صاحب جن 1792ع ڌاري ڄاوا هئا. البتہ فقير صاحب جن جي وفات جي تاريخ صحيح مليل آهي. جيڪا حضرت فقير قادر بخش "بيدل" روهڙي واري جي فارسي زبان ۾ چيل آهي، جيئن تہ فقير بيدل ۽ فقير صاحب ٻئي هڪ ئي مرشد جا مريد هئا. انڪري يقيناً فقير

صاحب جي اها وفات جي تاريخ صحيح هوندي: بيدل فقير جي چيل تاريخ وفات هن ريت آهي:

اين چه دوري ڪه در زمان رفته - عارف ڪامل از جهان رفته
يوسف مصر جانِ عزيز وجود - جانب ملڪ جاودان رفته
گشت رو پوش زين تجلي گاهه - يه نهان خانه به نشان رفته
نور حق مدتي به پستي ماند - باز ير اوج لا مڪان رفته
سال و صلش خرد بجست سروش - گفت طائر يه آشيان رفته

1269هه

(**علمي آئينو_ 1973ع**)

# سنڌي ادبي بورڊ
## پاران ڇپايل ڪجھ ڪتاب













Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.